بسم الله الرحمن الرحيم

# حق ۽ حقيقت

(تيرهن عنوانن تي مشتمل)

**مولف:** شيخ نجم الدين طبسي

**سنڌيڪار:** سيد احمد علي نقوي

## مشخصات ڪتاب

**ڪتاب جو نالو..............................حق ۽ حقيقت**

**مولف جو نالو.............................الشيخ نجم الدين طبسي**

**سنڌيڪار...............سيد احمد علي نقوي**(المعروف سيد علي نقي نقوي)

**نظر ثاني..................................علي گوهر ايماني**

**تعداد صفحات............................................٢٠٥**

**تعداد.........................................................٥٠٠٠**

**اشاعت ...................................٢٨ اپريل ٢٠١١**

**تعاون : حجت مشن پاڪستان و موسسه ابوطالب**

**ناشر.........................................انتشارات برگ فردوس**

**رابطي لاءِ :** naqvi۰۰۷۲۰۰۳@yahoo.com

**اسان جي ويب سائيٽwww.hujjat١٤.com**

## ملڻ جا هنڌ

١ مدرسه جامعة الحجة ٠٣٢١٣١١٨٩٠٤

٢ مدرسه جواديه لکي غلام شاه ٠٣٠٠٣١٥٠٩٦٩

٣ مولانا امداد حسين الحسيني ڪنڌرا ٠٣٤٤٢٣٤٧٥٠٥

٤ مدرسه ولي عصر سکر نيم جي چاڙهي٠٣٤٣٨٣٢٣٤٨٥

٥ مدرسه جامعة الرضا روهڙي (مولانا ولي محمد)

٦ شاه نجف امام بارگاه سکر٠٣٠٤٣٥٨٨٥٥٨

٧فقير منير حسين قمبر لاڙڪاڻو(٠٣٣٣٧٥٢٦٢٨٢)

٨ صفدر رضا ٽگڙ راڻي پور ٠٣٠٠٢٣٤١١٢١

٩ مولانا حاڪم علي مفڪري (پنوعاقل (سلطان ڪوٽ)

١٠ مدرسه سلطان المدارس خيرپور ميرس علي حسن انقلابي٠٣٠٨٣٤١٣٣٥٥)

# بسم الله الرحمن الرحيم

## فهرست

مقدمہ مترجم ........................................................................ ١١
مقدمہ مولف......................................................................... ١٣

## توسّل

توسّل ۽ ان جون اعتقادي پاڙون ........................................... ٢٤
١حضرت آدم عليه السلام جو توسّل ............................................. ٢٦
٢ پاڻ سڳورن عليه السلام جي تاڪيد ........................................ ٢٧
٣ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جو فرمان ........................................... ٢٧
٤ سائڻ فاطمة الزهراء عليها السلام جي تائيد.................................... ٢٨
٥ صحابين جو توسل............................................................ ٢٨
٦ ابوالحسن شافعي جو توسّل................................................... ٢٩
٧ ابي بڪر فقيہ جو توسل ..................................................... ٢٩
٨ حاڪم نيشاپوري جو مولا رضا عليه السلام جي تربت سان توسّل........ ٣٠
٩ زيد فارسي جو مولا رضا عليه السلام جي قبر سان توسل ......... ٣٠
١٠ ابو نصر مؤذن نيشاپوري جو توسّل ................................. ٣١
١١ اميرخراسان جو توسل...................................................... ٣٢
١٢ ابو علي خلال جو امام موسي ڪاظم سان توسل.......... ٣٣

١٣ مديني وران جو پاڻ سڳورن ص جي پاڪ تربت سان توسل٣٣

## شفاعت

شفاعت ڇا آهي ........................................................... ٣٥
مسلمان ۾ شفاعت جو عقيدو ............................................. ٣٥
شفاعت جا قسمَ.............................................................. ٣٧
١ قيامت ڏينهن شفاعت....................................................... ٣٧
٢ دنيا ۾ شفاعت ............................................................. ٣٨
٣ آيتن جي روشنيءَ ۾ ..................................................... ٣٨
٤ عالمن جي روشنيءَ ۾ ..................................................... ٣٩

## دنيا ۾ شفاعت

پاڻ سڳورن ﷺ جي ولادت کان اڳ انهن کان شفاعت طلب
ڪرڻ........................................................................... ٤١
پاڻ سڳورن ﷺ جي حياتيءَ ۾ سندن شفاعت .................. ٤٤
١ انس جي روايت ........................................................... ٤٤
٢سواد بن قارب جي روايت ............................................... ٤٥
پاڻ سڳورن ﷺ جي وفات کانپوءِ انهن کان شفاعت جي گهر... ٤٥
مولا علي عليه السلام جو پاڻ سڳورن ﷺ کان شفاعت طلب ڪرڻ ٤٥
٢ ابوبڪر جي پيغمبر ﷺ کان شفاعت طلب ڪرڻ .......... ٤٥

٣ هڪ اعرابي جو صحابين جي هوندي شفاعت جي گهر ... ٤٦

## حيات انبياء عليهم السلام

استغفار آيتن جي روشنيءَ ۾ ........................................ ٥١
شفاعت جي باري ۾ وهابين جو نظريو ................................ ٥٢
ان نظريه جو رد ۽ ٽوڙ ........................................ ٥٣

## تبرّڪ

١ تبرّڪ جي تعريف........................................ ٦١
وهابين جو نظريو ........................................ ٦٢
ان نظريه جو جواب ........................................ ٦٢
مديني جي خاڪ سان تبرڪ ........................................ ٦٣
١ سائڻ زهراء عليها السلام جو تبرڪ ........................................ ٦٤
٢ تبرڪ عبدالله بن عمر ........................................ ٦٥
٣ ابو ايوب انصاري جو قبر نبي صلى الله عليه وآله وسلم سان متبرڪ ٿيڻ ........... ٩٣
٤ صحابہ ڪرام عليهم السلام جو متبرڪ ٿيڻ ........................................ ٦٥
٥ حضرت حمزه جي تربت سان تبرڪ ........................................ ٦٦
٦ مديني جي مٽي سان علاج ........................................ ٦٦

تبرڪ ۽ اهل سنت جي فقيهن جي نظر ............................ ٦٧
پيغمبرﷺ جي آثار سان تبرڪ ............................ ٦٨
پاڻ سڳورن جي مس ٿيل سڪن سان تبرڪ ............................ ٧٣
اهي قبرون ۽ جنازا جن مان تبرڪ حاصل ڪيو ويو ............................ ٧٣

## حاجت جي درخواست

حاجت جي درخوست............................ ٧٨
وهابين جو نظريو ............................ ٨٠
فقهاء جي نظر ۾ استغاثو ............................ ٨٤
استغاٿي جا نمونا............................ ٨٦
١ نابينيءَ جو پاڻ سڳورن ﷺ جي مزار ............................ ٨٦
٢ بيبي عائشہ ۽ عمر جو پيغمبر ﷺ جي قبر لاءِ استغاثي جو حڪم ............................ ٨٨

## قبرن جي زيارت

وهابين وٽ رسول ﷺ جي زيارت ............................ ٩١
ان نظريہ جو جواب ............................ ٩١
١ قرآن جي نظر ۾ ............................ ٩١
٢حديث جي نظر ۾ ............................ ٩٢
٣ صحابين جي سيرت............................ ٩٤

عقل جي روشني ۾ ........................................................... ٩٦
وهابين جي نظريہ جي چند چاڻ ......................................... ٩٦
ابن تيميہ جا وهمَ ۽ اهل سنت جو موقف................................ ٩٩
مقدس جڳهن جي زيارت ............................................. ١٠١

## عورتن جي لاءِ قبرن جي زيارت ڪرڻ

وهابي نظريہ جو ٽوڙ ۽ جواب ........................................... ١٠٣

## قبرن تي دعا گهرڻ

وهابين جو نظريو ................................................................١٠٩
ان جو جواب ...................................................................١١٠
ڪجهہ عالمن جي فتوائن جا نمونا........................١١٠ **ڪان** ١٢٧

## قبرن جي تعمير

وهابين جو نظريو ................................................................١٢٧
ان فتويٰ جو ٽوڙ....................................................................١٢٨
ان حديث تي اعتراض ........................................................١٢٨
سيرت صحابہ ڪرام ۽ تابعين ............................................١٣٣
صحابہ ڪرام جي زماني ۾ مقبرن جي مرمت ....................١٣٤

## قبرن تي روشني ڪرڻ

ان نظريہ جو جواب ............................................................ ١٣٦
مسلمانن جي سيرت ............................................................ ١٣٨

## نذر

غير خدا جي لاءِ نذر ............................................................ ١٤٠
ان نظريہ جو ٽوڙ ............................................................ ١٤١
نذر بابت مسلمانن جي سيرت ............................................................ ١٤٥
عالمن جون فتوائون ............................................................ ١٤٦

## قسم

غير خدا جي لاءِ قسم کائڻ ............................................................ ١٤٩
ان نظريہ جو جواب ............................................................ ١٥٠
الف : آيتن جي روشني ۾ ............................................................ ١٥٠
ب: روايتن ۾ ............................................................ ١٥١
هڪ اعتراض ............................................................ ١٥١
ان جو جواب ............................................................ ١٥٢
قسم ابو طالب عليه السلام ............................................................ ١٥٢
صحابہ جو عمل ............................................................ ١٥٣

## جشن ملهائڻ

جشن ملهائڻ ..................................................................... ١٥٦
ان حديث تي اعتراض ....................................................... ١٥٨
عالمن جا قولَ .............................................................. ١٦٠
مذڪوره حديث تي اعتراض ............................................ ١٦٢

## گريو ۽ مجلسون

گريو ۽ مجلسون ڪرڻ ................................................... ١٦٦
پاڻ سڳورنﷺ جي سيرت ................................................ ١٦٧
صحابہ ڪرام جي سيرت ................................................. ١٦٨
گهڻين ۽ چوڪن تي عزاداري ........................................... ١٦٩
عزاداري ۽ امام حسين عليه السلام ............................................. ١٧٢
مئلن تي روئڻ ................................................................. ١٧٣

**مهاڳ**

لکڻ کيل تماشي جي ڳالھ نہ آھي ۽ نہ ڪوئي ليکڪ محض تفريح يا لوڪ جي دل وندرائڻ جي غرض سان ھيءُ ڪشٽ ڪاڻڻ تي آمادھ ٿئي ٿو بلڪہ ڪوبہ سنجيدھ ، ليکڪ پنھنجي چوڌاري بدلجندڙ حالتن، ھلندڙ ڪاروھنوار، سماجي گدلاڻ ، اردگرد جي ڪردارن ۽ وارتائن جا مختلف پھلو ، داخلي توڙي خارجي ڪيفيتن جي اپٽار ، زمان ۽ مڪان جا لاھا چاڙھا اھڙيءَ طرح فوڪس ڪرڻ چاھيندو آھي جو پڙھندڙ جو ذھن ابھام کان خالي ، مقصديت سان پر ، ان جي انجام سان آشنائي ڪري سگھي

اھڙي بيمار معاشري جي لاءِ ھڪ صحتمند تحرير جو سرجڻ ضروري آھي

اسان حجة الاسلام نجم الدين طبسي جا ٿورائتو آھيون جو انھن حق ۽ حقيقت جھڙو ڪتاب لکي ڪري پنھنجي فرض کي خوش اسلوبيءَ سان نڀايو ۽ انھن جو ان نيڪ مقصد جي تسلسل ۾ قلم وھائيءَ جو ڪم ساڳئيءَ زور شور سان اجا بہ جاري آھي

وھابيت مسلمانن جي لاءِ اھڙو ناسور آھي جنھن جي ذپ سڄي

عالم اسلام ۾ پکيڙجي چڪي آهي شروع کان ئي اهو فرقو مسلمانن لاءِ مصيبت رهيو آهي جنهن جي پٺڀرائي سعودي خاندان ڪري رهيو آهي ، ظلم ته اهو آهي جو حج جهڙي عظيم عبادت تي به ڪيترا ڪروڙ ڊالر الله جي گهر جي زائرن جي عقيدن کي خراب ڪرڻ لاءِ خرچ ڪيا وڃن ٿا پر افسوس جو ڪافي مسلمان پنهنجي جهالت ۽ ناداني‌ءَ جيڪري انهن جي عقيدن ڏانهن توجه ئي نه ٿا ڏين اهو چئي ڇڏي ٿا ڏين ته ڪا ڳالهه نه آهي

هي ڪتاب جيڪا اوهان جي هٿ ۾ آهي (حق ۽ حقيقت) هڪ جليل القدر ۽ برک عالم جناب شيخ نجم الدين طبسي دام ظله العالي جي هڪ محققانه تاليف آهي جنهن ۾ سائين جن مضبوط دليلن سان انهن جي عقيدن کي ۽ فڪر کي رد ڪيو آهي .

اسان سڀني مسلمانن کي اهو چوڻ چاهينداسين خدارا انهن جي عقيدن جو سهڻي نموني سان مطالعو ڪري سڀني کي انهن جي عقيدن جي باري ۾ با خبر ڪيو ته وهابي ڪهڙي بيماري ۾ مبتلاء آهن ۽ انهن جي هٿان شهيد ٿيڻ واري سني ۽ شيعه عالمن جي باري ۾ جوانن کي باخبر ڪن ته جيئن اسان جي نوجوان نسل کي خبر پئي ته نه ڇڙو انهن جا عقيدا بيڪار آهن بلڪ انهن وٽ ته ڪنهن انسان جي جان جي قيمت به ڪجهه نه آهي

آخر ۾ دعا آهي تہ اللہ سائين اسانکي اسلام جي حقيقي معارف کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي توفيق عنايت فرمائي

مان پنهنجي وس آهر هي ننڍڙي ڪاوش ڪئي آهي اميد آهي تہ اللہ سائين پاڪ پنجن ٻارهن چوڏهن معصومن عليهم السلام جي صدقي ضرور مون کي انعام ڏيندو ۽ اوهان مومن منهجي لاءِ ضرور دعا ڪندو . ۽ اهڙي طرح شڪريو ادا ڪيان ٿو ابوطالب عليہ السلام اسلامڪ انسٽيوٽ ۽ حجت مشن جو جن هن ڪتاب کي چاپ ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار انجام ڏنو

**والسلام علیٰ من اتبع الهدیٰ**

**سيد احمد علي نقوي**

**مقدمہ مولف:**

سڀ تعريفون الله جي لاءِ درود ۽ سلام آهي ان جي پاڪ پيغمبرﷺ حضرت محمدﷺ جن کي انسانن جي ڪرامت ۽هدايت جي لاءِ رسول بڻائي ڪري موڪليو ويو .

دين مبين اسلام جا نوراني معارف اڄ بہ روشن ۽ چٽا آهن ان دين جي روشني سڄي دنيا ۾ پکڙجي وئي آهي پر افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ حج جهڙي عظيم عبادت تي ان دين کي بئي طريقي سان پيش ڪيو وڃي ٿو هڪ اتي هڪ اهڙو ٽولو آهي جيڪو مسلمانن جي فڪر ۽ سوچ ۽ عقيدي کي تبديل ڪرڻ جون ڪاوشون ڪندي نظر ايندو آهي .

٢٠٠٨ ۾ جڏهن مون کي حج ڪرڻ جي توفيق ٿئي ان معنوي سفر ۾ مون سان هڪ عجيب ۽ دلچسپ واقعو پيش آيو جنهن کي مان مقدمي کان پهريان بيان ڪري رهيو آهيان .

هڪ رات اسان چارڄڻا هياسين جن ۾ اهل سنت جا عالمَ بہ هئا مڪي جي هڪ وهابي عالم سان ملاقات جي لاءِ جيئن ان وٽ پهتاسين ، اسان جي ڪوشش اها هئي تہ دوستي ، محبت ايڪي واري ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وڃي پر جڏهن ان وهابي عالم جي ڳالهائڻ جو واراو آيو (جنهن جي عمر اسي سال هئي) تہ ان اٿندي ئي شيعن تي جيڪي هرويرو جون تهمتون لڳل آهن ان کي بيان ڪرڻ شروع ڪيو پوءِ ڳالهہ کي وڌائيندي چيائين انهن جي

عقيدن جي باطل هجڻ تي ايڏيون دليلون هوندي ڇا اوهان ايراني شيعا اجابہ پاڻ سڳورنﷺ کان حاجت جي گهر ڪندا آهيو ۽ اجا بہ چوندا آهيو يارسول اللهﷺ!

مان ان کي فورا جواب ڏيندي چيم : اسان ئي ڇڙو پاڻ سڳورن ﷺ کان حاجت جي گهر ۽ التماس نہ ڪندا آهيون صحابہ ڪرام عليهم السلام بہ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ حاجتون کڻي ايندا هئا.

چوڻ لڳو :اهي تہ پاڻ سڳورنﷺ جي حياتيءَ ۾ حاجت طلب ڪندا هئا .

مان چيو : نہ ، اهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي رحلت کان بعد بہ حاجت گهرندا هئا

ان انڪار ڪندي چيو اهڙي ڳالهہ نہ آهي ! اوهان وٽ ڪهڙي دليل آهي جنهن جي بنياد تي اوهان ان عمل جي نسبت صحابين عليهم السلام ڏانهن ڏئي رهيا آهيو ؟

مان چيو: ابوبڪر جي خلافت جي دور ۾ "اهل ردہ" جي لشڪر جو نعرو۽ شعار (يامحمداه) هئو

چوڻ لڳو : اها ڳالهہ ثابت نہ آهي جيڪڏهن ثابت هجي بہ تہ دليلون ڏيو؟

مان چيو : ابن ڪثير جيڪو ابن تيميہ جو شاگرد هئو ان پنهنجي ڪتاب (( البدايہ والنهايہ)) ۾ ان مطلب کي پڻ نقل ڪيو آهي .

چوڻ لڳو : اتي تہ ڪا اهڙي ڳالهہ نہ آهي .

مان چيو ڪتاب گهرايو . جڏهن ڪتاب کڻي آيا تہ ان ۾مان ٦

جلد مان كولي كري هي عبارت پڙهڻ شروع كئي لكيل هئو:
وكان شعائرهم يومئذ يامحمداه ان ڏينهن انهن جو شعار نعرو يا محمداه هيو .
جيئن ئي ان وهابي اها ڳالهه ٻڌي ۽ ڏني ڳالهه كي بدلائيندي چيائين : ان روايت جي سند ضعيف آهي . مان چيو اها ڳالهه واري شرڪ جي تهمت كان ٻي آهي ٻي ڳالهه ته توهان ان ڳالهه جو تاريخ ۾ ثابت هجڻ كي مڃي چڪا آهيو هاڻي رهيو اهو مسئلو ته ان روايت جي سند ضعيف آهي يا صحيح ته ممڪن آهي ته ڪوشخص ان روايت جي صحيح هجڻ جي دعوىٰ ڪري ان كان علاوه جيڪڏهن توسل شرڪ اڪبر آهي ته پوءِ ابن كثير ان عمل جي نسبت چو صحابين ڏانهن ڏني آهي ڀلي ان حديث جي سند ضعيف هجي ؟
جيئن ئي ڳالهه اتي پهتي ان وهابي عالم جي پٽ اسان جي ڳالهه كي ڪٽيندي چيو پاڻ سڳورنﷺ كان استغاثو۽ توسل ڪرڻ شرڪ نه آهي!!
پوءِ مان چيو اسان تي اعتراض چو ٿا ڪيو ؟
ان كانپوءِ ان وهابي عالم ٻئي موضوع تي گفتگو ڪرڻ شروع ڪري ڏني .
جيڪي ڪجهه بيان ڪيوسين اهو هڪ وهابي عالم جو عقيدو ۽ سوچ هئي ۽ اهو شخص محمد بن عبدالوهاب جي دفاع ۾ هڪ ڪتاب به لكي چيو هيو .ان سوچ سان مسلمانن جي

ذهن ۾ هڪ سوال اڀري سگهي ٿو تہ ڇا نبيﷺ ۽ اهل بيت عليهم السلام سان توسل ڪرڻ شرعا صحيح آهي؟ ڇا استغاثو ڪرڻ وارو دين ڪان ٻاهر ۽ مشرڪ آهي يا پري ان کي مرتد قرار ڏئي ڪري ڪجهہ ڏينهن جيل ۾ وجهي ڪري ان کي توبہ ڪرڻ جي مهلت ڏجي نہ تہ ان کي ڦاهو ڏئي لٽڪائجي [1]

ٻئي پاسي اسان اهو ڏسون ٿا تہ اهو طريقو رسالت واري زماني ڪان اڄ تائين مسلمانن ۾ مروج آهي اسان هن ڪتاب ۾ ان موضوع تي تفصيلي گفتگو ڪنداسين هتي اسان ڪجهہ شين کي نموني طور آڻيون ٿا :

١ عثمان جي خلافت جي زماني ۾ عثمان بن حنيف رحمه الله هڪ مسلمان کي پاڻ سڳورنﷺ جي پاڪ تربت ڏانهن وڃڻ لاء چيو تہ جيئن انهن سان توسل ڪري [2]

٢ مديني وارا بيبي عائشہ جي چوڻ تي پاڻ سڳورن ﷺ جي مزار تي وايا ۽ توسل ڪيائون[3]

---

[1] ان باري ۾ وهابي چون ٿا (( دعاء النبي ﷺ ونداءه بعد موتہ في قضاءِ الحاجات وكشف الكتبات شرک اکبر يخرج من ملة الاسلام . سواء كان عند قبره او بعيدا عنہ ، كان يقول : يا رسول الله ﷺ! او ردّ غائبي او نحو ذلک . فتاوىٰ اللجنة الدائمة للبحوث العلمية والافتاء ١٧٠ : ٣ )) پاڻ سڳرون جي وفات ڪان بعد پنهنجن حاجتن کي پوري ڪرڻ يا مشڪلن کي حل ڪرڻ لاءِ انهن کي سڏڻ شرڪ اڪبر آهي ۽ اهو انسان ملة اسلام ڪان خارج آهي چاهي انهن کي سڏڻ انهن جي تربت جي ويجهو هجي يا پري جيئن مثال طور تي چوي : يا رسول الله ﷺ گم ٿيل کي موٽاءِ يا اهڙا ٻيا ڪلمہ

[2] مسند احمد ٤ : ١٣٨ ؛ سنن ترمذي ٥ : ٥٦٩ ؛ سنن ابن ماجہ ١ : ٤٤١

[3] سنن دارمي ١: ١٥٦ ؛ سبل الهدىٰ والرشاد ١٢ : ٣٤٧

٣ ڪجهہ صحابين جو ٻين خليفي جي خلافت ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي تربت سان متوسل ٿيڻ [١]

٤  ٥٣هجري ۾ معاويہ جي دور ۾ مديني وارن معايہ جيڪو مديني ۾ حاڪم منصوب ڪيو هو ان کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ ٿئي ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ جي پاڪ تربت تي اچي ڪري مدد گهريائون.

٥ حنبلين جي اڳواڻ ابو علي خلال اٽڪل هڪ هزار سال پهريان پنهنجي مشڪلن جي حل ڪرڻ لاءِ امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام جي پاڪ تربت سان توسل ڪيو [٢]

٦ چوٿين ۽ پنجين هجري ۾ ڪجهہ ماڻهن جو بخاري جي قبر سان متوسل ٿيڻ [٣]

اهي ڳالهہ تہ سج وانگر چٽي ۽ روشن آهي تہ ان جي باري ۾ اهل سنت جي ڪتابن ۾ هزارين نمونا موجود آهن جيڪڏهن فقط انهن کي ڪٺو ڪجي تہ ڪيترن جلدن واري هڪ مستقل ڪتاب تاليف ڪري سگهجي ٿي .

هاني اسان جو سوال اهو آهي تہ محمد بن عبدالوهاب جيڪو ١١١٥ هہ ق ۾ جيڪو ڄائو ۽ ١١٤٣ هہ ق ۾ ان پنهنجي

---

١ تح الباري شرح صحيح بخاري ٢: ٥٧٧ ،وفاءالوفاء ٤: ١٣٧٢

٢ تاريخ بغداد ١ : ١٢٠ . ٧ ؛

٣ طبقات الشافعية الكبرىٰ ٢ : ٢٣٤

عقيدن جو اظهار ڪيو ۽ آل سعود جي حمايت ۾ ڏاڍ ۽ ظلم ۽ پئسي جي زور تي ڀهراڙي ۽ غريبن کي پنهنجن عقيدن جي پيروي ڪرڻ جي لاءِ مجبور ڪيو ... ان اهي عقيدا ڪٿان آندا جو پنهنجن عقيدن کي اسلام ڏانهن نسبت ڏئي ڇڏي ؟ !

جيتوڻيڪ هو ابن تيميہ جي پيروي ڪرڻ جي ادعا ڪري ٿو ان جيڪري ممڪن آهي تہ ان پنهنجن انهن عقيدن کي ابن تيميہ کان ورتو هجي اسانجو بنهي کان اهو سوال آهي تہ جڏهن مسلمان ١١ ۽ ١٢ هجري ۾ پهرين خليفي جي دور ۾ جڏهن مسليمہ کذاب سان جنگ لاءِ وڃي رهيا هئا تہ ڇا انهن جو نعرو ۽ شعار يا محمداه ! نہ هيو؟[١]

ڇا اهو چئي سگهجي ٿو تہ اهي سڀ ڪافر ۽ مشرڪ هئا؟!

ڇا مديني وارا جيڪي زياد بن ابيہ جي پوءَ کان ٿن ڏينهن تائين پاڻ سڳورن ﷺ جي پاڪ تربت سان توسل ڪندا رهيا سڀ مشرڪ ۽ ڪافر هئا ؟!

ڇا پاڻ سڳورن ﷺ جي گهرواري مسلمانن کي مينهن جي وسڻ خاطر انهن کي جيڪو توسل جو حڪم ڏنو ڇا اهي مشرڪ ٿي ويون (( نعوذ بالله من ذلک )) ؟!

ڇا ابن حبان ، ابو علي خلال ، طبراني ، ابو الشيخ ، حاڪم نيشاپوري ، ابو بڪر شافعي ، محب الدين طبري ۽ مذاهب اربعہ

---

١ البداية والنهاية ٦ : ٣٢٩ .

ڇا هزارين عالمَ جيڪي اهل بيت عليهم السلام جي ترين سان متوسل ٿيا آهن سڀ ڪافر ۽ مشرڪ ٿي ويا ؟!
ها ! ضروري آهي ته جيڪي اهل سنت جي ڪافي ڪتابن ۾ مثال ۽ نمونا توسل لاءِ ملن ٿا انهن جو مطالعو ڪرڻ گهرجي ته جيئن حق باطل جي پرک ڪري سگهجي .
ڇو جو اڄوڪابي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي پاڪ تربت جي وجڻ ڪان ۽ جنت البقيع ڏانهن وجڻ ڪان سختيءَ سان منع ڪن ٿا ۽ انهن پاڪ تربتن کي مٽي جي دڙن جيان ڪري ڇڏيو آهيۦ جيڪو انهن جي زيارت ڪرڻ وڃي ٿو ان کي چماٽون ، گاريون ۽ انهن کي گرفتار ڪري روحاني ۽ جسماني تڪليفون ۽ اذيتون ڏنيون وڃن ٿيون اهي انهن کي (( يا رسول الله !صلي الله عليه وآله وسلم ) چوڻ ڪان منع ڪن ٿا ۽ اهو چوندي نظر اچن ٿا ته ((اهي ڇڙو هڏيون آهن ۽ انهن جون تربتون پٿر آهن)) نعوذ بالله من ذلک
ڇا رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم ۽ اهل بيت عليهم السلام ۽ شهداء ............شهادت ۽ وفات ڪان بعد ۾ پٿر ٿي ويا آهن ؟!
جڏهن ته الله سائين پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ ماڻهن کي پنهنجي گناهن جي معاف ڪرائڻ لاءِپاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم ڏانهن رجوع ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي
وَمَا أَرْسَلْنَا مِن رَّسُولٍ إِلاَّ لِيُطَاعَ بِإِذْنِ اللّهِ وَلَوْ أَنَّهُمْ إِذ ظَّلَمُواْ أَنفُسَهُمْ

جَآؤُوكَ فَاسْتَغْفَرُواْ اللّهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُولُ لَوَجَدُواْ اللّهَ تَوَّابًا رَّحِيمًا[١]

ترجمو : ڪوئي پيغمبر نہ موڪليوسون پر هن لاءِ تہ الله جي حڪم سان سندس تابعداري ڪئي وڃي، ۽ جڏهن انهن (ماڻهن) پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن تو وٽ اچن ها پوءِ الله کان بخشش گهرن ها ۽ پيغمبر انهن لاءِ بخشش گهري ها تہ الله کي ٻاجهہ سان موٽندڙ مهربان لهن ها

ڇا الله سائين سڙيل هڏين ۽ پٿرن ڏانهن رجوع ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ؟! صدر اسلام ۾ ڇا صحابين ۽ تابعين جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ سان متوسل ٿيندا هئا ۽ پنهنجون حاجتون انهن آڏو رکندا هئا ڇا اهي ڪائين ، سڙيل هڏين مدد گهرندا هئا ؟! ( نعوذ بالله ))

ڇا پاڻ سڳورن ﷺ جي رحلت کان وٺي محمد بن عبدالوهاب جي زماني تائين سڀ مسلمان مشرڪ ۽ ڪافر ٿي چڪا هئا۽ ڇڙو محمد بن عبدالوهاب وهابي ئي حقيقي مسلمان ،خدا جو سچو ۽ چونڊيل نمائندو هيو ؟

ڇا حقيقي اسلام کي سمجهڻ انهن جي هٿ ۽ وس ۾ آهي ؟ ياوري حقيقت ڪا ٻي آهي ۽ اسلام جي قيمتي تعليمات کي اهڙن نموني سان پيش ڪن ٿا جيئن اسلام جو حقيقي روپ ختم ٿي وڃي يا وري ائين ڪٿي ڇئجي تہ اهي ماڻهو اسلام سان ڪا

---

١ سوره نساء ٦٤

پراڻي دشمني رکن ٿا پوءِ اسلام جي روپ ۾ اچي ڪري اسلام کان ڪو پراڻو بدلو وٺي رهيا آهن اها ئي ڳالهه سبب بڻي آهي جو انهن جي فڪرن ۽ عقيدن تي وڌيڪ مطالعو ۽ تحقيق ڪجي ته اهي انهن وارا نعرا سڀ کان پهريان ڪنهن جي زبان ته نڪتا ؟!

ها! مسند احمد بن حنبل ۽ الڪامل المبرد جو مطالعو ڪرڻ کان بعد ۾ اها پروڙ پوي ٿي ته اهي جملا تاريخ ۾ سڀ کان پهريان مروان بن حڪم اموي کان اهي جملا ٻڌا ويا جڏهن ان صحابي رسول ﷺ کي پاڻ سڳورن ﷺ جي پاڪ تربت تان اٿاريو ۽ ان پاڻ سڳورن ﷺ جي قبر کي پٿر چيو ابو ايوب انصاري ان کي وراڻيو ته هي پٿر نه آهي قبر رسولﷺ آهي [1]

مروان کانپوءِ اهي قبيح جملا حجاج بن يوسف ثقفي چيا جڏهن ان کي خبر پئي ته مديني وارا قافلي جي صورت ۾ پاڻ سڳورنﷺ جي زيارت جو ارادو رکن ٿا ته ان ٽوڪيندي چيو : يطوفون باعوا درومة بالية اهي ڪانئن ۽ سڙيل هڏين جو طواف ڪن ٿا [2]

اها ڳالهه ته آهي مروان کان اها ئي اميد رکي سگهجي ٿي ڇو جو ان جو تعلق شجره ملعونه واري ڪٽنب سان آهي [3]

هي ان حڪم بن ابو العاص جو پٽ هو جنهن رسول خداﷺ کي

---

١ مسند احمد ٥ : ٤٢٢ ۽ المستدرک علي الصحيحين ٤ : ٥٦٠ .

٢ الڪامل ١: ١٥٨ ۽ شرح نهج البلاغه ابن ابي الحديد ٥ : ٢٤٢

٣ جامع البيان ٩ : ١٤١ عمدة القاري ١٩ : ٣٠ ۽ شرح نهج البلاغه ابن ابي الحديد ٦ : ٢٨٧

مديني مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو امام حسن عليه السلام جي جنازي تي تير وسائڻ واران جو سردار اهو ئي هيو مولا حسن عليه السلام ، مولا علي عليه السلام ۽ اهل بيت عليهم السلام رسول صلى الله عليه وآله وسلم کي گاريون ڏيندا هئا ۽ اهو چوندو هيو (( انتم اهل بيت ملعونون )) توهان اهل بيت ملعون آهيو (( خدا ن ملعون تي لعنت ڪري جنهن اهي الفاظ اهڙين پاڪ هستين لاءِ چيا ))

اهو اهو ملعون هيو جنهن امام حسين عليه السلام کي قتل ڪرڻ جو مشورو ڏنو هيو ڪربلا جي وجڻ کان پهريان [1]

هي اهو ملعون آهي جنهن جنگ جمل ۾ جڏهن مولا علي عليه السلام جي بيعت ڪرڻ تي چاهي ته مولا ان جي لاءِ فرمايو : انها کف يهودية ستلقي الامة منه ومن ولده يوما احمر [2] مولا جن فرمايو اهي يهودي آهن اسلام ان مان ۽ ان جي اولاد مان ڳاڙهو ڏينهن ڏسندو ها ! ان فڪر ۽ سوچ جو آغاز بنو اميه کان ٿيو جن پنهنجي ڏاڍ ،ظلم سان پنهنجي رعب ويهائڻ جي ڪو شش ڪئي ڪيترن مسڪينن ، بي ڏوهن جو بي رحميءَ سان خون وهايو ۽ ڪيترا ئي سال اسلام جي نالي تي اسلام جي قاعدن ۽ قانونن کي بدلائيندا رهيا ايسيتائين جو انهن جي سلطنت جو ڏيئو وسائجي ويو .

هاڻي دنيا ۾ جتي به ڪهڙي به ڪند ۾ جيڪو تفرقو ۽

---

١ سير اعلام النبلاء ٣ : ٤٧٨

٢ الطبقات الكبرىٰ ٣٧٥

اختلاف آهي ان جي پويان اهڙن ملعونن جي سازش آهي اهي منافق آهن .

جيتوڻيڪ اسان جو مقصد وهابين جي ظلمن ، ڏاڍن کي چٽو ۽ پڌرو ڪرڻ آهي جيڪي انهن پوري وهابيت جي تاريخ ۾ ڪيا آهن ان جي لاءِ به هڪ الڳ ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي هتي فقط اسان انهن جي باطل عقيدن ۽ سوچن کي رد ڪنداسين جڏهن ته اهي ان تحريڪ شروع ڪرڻ کان وٺي ذليل ٿيندا ٿا اچن جيئن عبدالله قيصمي جيڪو ڪيترائي سال انهن جي دسترخوان تي پلندو رهيو ۽ انهن جي حمايت ۾ ”الشورة الوهابية“ ” البرق النجدية“ ” الصراع بين الاسلام و الوثنية “ جهڙا ڪتاب لکي چڪو . پر جيئن ان ان فرقي جي باري ۾ صحيح نموني سان تحقيق ڪئي ته ان لاتعلقي جو اظهار ڪيو ۽ ان: ” هذه الاغلال “ نالي ڪتاب لکي ڪري ان ٽولي کي عام ۽ خاص ۾ ذليل ۽ رسوا ڪيو جيڪو به ان ڪتاب جو مطالعو ڪندو انهن جي سوچن ، عقيدن کان سهڻي نموني سان باخبر ٿي ويندو .

پر يقينا عبدالله قيصمي پهريون ۽ آخري ماڻهو نه آهي جنهن بنو اميه جي ان رهيل نسل کي رسوا ڪيو آهي بلڪ ان کان پهريان ۽ بعد ۾ ڪيترا ئي ڪتاب لکيا ويا جن ۾ ان ٽولي جي مخالفت ڪئي وئي آهي . محمد بن عبدالوهاب جي پيءُ جيڪو حنبلين جي عالمن منجهان هيو ان پڻ پنهنجي پٽ جي مخالفت ڪئي ،

ان جي ڀاء سليمان بن عبدالوهاب ان جي خلاف " الصواعق الهيہ في الرد عليٰ الوهابيہ " نالي هڪ ڪتاب لکي ڪري ان کي رسوا ۽ ذليل ڪيو [١]

حرمين شريفين ( مڪي ۽ مديني) جي عالمن ان محمد بن عبدالوهاب سان جڏهن مناظرو ڪيو تہ فتويٰ ڏنائون ان جي دين جو ڪو بہ پوئلڳ نہ ٿئي اهو شخص بي دين ۽ ڪافر آهي

امام ڪعبہ ، شافعي ۽ مورخ سيد احمد زيني دحلان ١٩٩هہ پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو : محمد بن عبدالوهاب ١١٤٦ ، ١١٦٥ ، ١١٨٦ ، هہ ۾ حج ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي نمائندن کي مڪہ ڏانهن موڪليو پر اهل سنت جي عالمن انهن ڪافر قرار ڏنو ۽ انهن کي مڪہ ۾ اچڻ کان روڪي ڇڏيو[٢]

اسان هن ڪتاب ۾ انهن جي عقيدن ۽ نظرين کي بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن جي علمي نظرين کي بہ نقل ڪيو آهي تہ جيئن اهو ماڻهن لاءِ واضح ٿي وڃي تہ انهن جي عقيدن جو تعلق نہ تہ عقل سان آهي نہ وري نقل سان ۽ زيني دحلان جي بقول حرمين جي عالمن هي فيصلو ڏنو تہ : وجدوهم ضحكة مسخرة كحمر مستنفرة فرّت من قسورة[٣] انهن مناظري کان بعد اهو چاتو تہ اهي ڪم عقل ماڻهو آهن انهن جا عقيدا ٺلها آهن

---

١ اها ڪتاب اردو زبان ۾ ڇپ چاپ ٿي چڪي آهي

٢ الدرر السنيہ في الرد عليٰ الوهابيہ ٢٩ ، ٣٠ طبع مصر سال ١٢٩٩ هہ

٣ ساڳيو حوالو

امید آهي تہ مسلمان پائر پنهنجي معلومات ۽ عقلمندي جو مظاهرو ڪندي انهن جي نفاق وارين حرڪتن ڪان معاشري کي پاسو ڪرائيندا

آخر ۾ پنهنجي برادر فاضل ۽ دانشور حجة الاسلام جناب انصاري ۽ جناب اسفند ياري جو مان شڪريو ادا ڪيان ٿو جن ڪتاب " روافد الايمان " جو خلاصو ڪرڻ ۾ ڪافي زحمتون ڪيون اميد آهي تہ انهن ڀنهي عزيزن جي زحمت ۽ مون بندھ حقير جي ڪاوش ولي نعمت امام زمانہ عجل الله تعالیٰ فرجہ الشريف جي لطف ۽ ڪرم جو ڪارڻ بڻبي انشاء الله

قم المقدسہ ٤ محرم الحرام ١٤٣٠ هجري قمري

**نجم الدين طبسي**

# توسّل

توسّل نبين ۽ امامن الله جي صالح ٻانهن کي الله سائين جي بارگاهہ ۾ واسطي ڏيڻ کي چوندا آهن توسّل جي جائز ۽ شرعي هجڻ جي باري ۾ ٻن طريقن سان بحث ڪري سگھجي ٿو.

**١ قرآن ڪريم ٢ احاديث**

قران ڪريم مان ڪجهہ آيتون اهڙيون آهن جيڪي توسّل جي جائز هجڻ تي دلالت ڪن ٿيون جيئن سورہ مائدہ ۾ آيو آهي يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اتَّقُوا اللّهَ وَابْتَغُوا إِلَيهِ الْوَسِيلَةَ وَجَاهِدُوا فِي سَبِيلِهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ [١]

ترجمو! اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ ڏانهس وسيلو ڳولهيو ۽ سندس واٽ ۾ ڪوشش ڪريو شايد اوهان نجات حاصل ڪريو

ٻئي آيت سورة نساء جي آهي جنهن ۾ ارشاد ٿيو آهي وَمَا أَرْسَلْنَا مِن رَّسُولٍ إِلاَّ لِيُطَاعَ بِإِذْنِ اللّهِ وَلَوْ أَنَّهُمْ إِذ ظَّلَمُوا أَنفُسَهُمْ جَآؤُوكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُولُ لَوَجَدُوا اللّهَ تَوَّابًا رَّحِيمًا [٢]

ترجمو: ڪوئي پيغمبر نہ موڪليوسون پر هن لاءِ تہ الله جي حڪم سان سندس تابعداري ڪئي وڃي، ۽ جڏهن انهن

---

١ سورت مائدہ آيت ٣٥

٢ سورت نساء ٦٤

(ماڻهن) پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن تو وٽ اچن ها پوءِ الله کان بخشش گهرن ها ۽ پيغمبر انهن لاءِ بخشش گهري ها ته الله کي ڀاجھ سان موٽندڙ مهربان لهن .

تئين آيت حضرت يعقوب عليه السلام جي پٽن جي باري ۾ آهي جڏهن اهي پنهنجي ڪرتوتن تي پشيمان ٿيا ۽ جڏهن پنهنجي بابي وٽ پهتا ته جيئن اهي انهن جي لاءِ بخشش جي دعا گهرن ته حضرت يعقوب عليه السلام جن به انهن جي اها درخواست قبول ڪئي ۽ فرمايائون : مان سُتت توهانجي بخشش جي دعا گهرندم ان ڳالھ کي قرآن هن طريقي سان بيان ڪيو آهي : قَالُوا يَا أَبَانَا اسْتَغْفِرْ لَنَا ذُنُوبَنَا إِنَّا كُنَّا خَاطِئِينَ[1]

**ترجمو:** چيائون ته اي اسان جا ابا اسان لاءِ اسان جي گناهن جي بخشش گهُر اسين بيشڪ گنهگار آهيون .(ته حضرت يعقوب عليه السلام جن فرمايو:) قَالَ سَوْفَ أَسْتَغْفِرُ لَكُمْ رَبِّيَ إِنَّهُ هُوَ الْغَفُورُ الرَّحِيمُ يعقوب) چيو ته آءٌ سِگهو اوهان لاءِ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرندس، ڇوته اُهو ئي بخشڻهار مهربان آهي.

۽ ڪيترن ئي روايتن ۾ توسّل جوذڪر ٿيو آهي جن مان اسان ڪجھ کي ذڪر ڪريون ٿا .

---

١ سورت يوسف ٩٧ ۽ ٩٨

## ١ حضرت آدم عليه السلام جو توسّل:

جمال الدين سيوطي (اهل سنت جو برک عالم) لکي ٿو :

رسول خدا صلی الله علیه وآله وسلم جن فرمايو : حضرت آدم عليه السلام الله سائين جي دربار ۾ هيئن توسّل ڪيو هو **: اللهم انی اسئلک بحق محمد صلی الله علیه وآله وسلم وآل محمد صلی الله علیه وآله وسلم سبحانک لااله الا انت عملت سوء، وظلمتُ نفسی، فاغفرلی انک انت الغفور الرحيم**[١]

خدايا توکي محمدوآل محمد عليهم السلام جو واسطو ڏئي سوال ڪريان ٿو تنهنجي ذات پاڪ ۽ پاڪيزه آهي سواءِ تنهنجي ڪوئي معبود ناهي، مان بد عمل ڪيو، مان پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيومون کي معاف ڪر تون وڏو بخشڻهار ۽ مهربان آهين.

## ٢ پاڻ سڳورن صلی الله علیه وآله وسلم جي توسّل جي باري ۾ تاڪيد :

هڪ روايت جيڪا ت بيبي عائشہ کان نقل ٿي آهي ان ۾ بہ ان مطلب ڏانهن اشارو ٿيو آهي بيبي عائشہ چئي ٿي : رسول خدا صلی الله علیه وآله وسلم جن خوارج جي باري ۾ فرمايو : **هم شر الخلق والخليقة يقتلهم خير الخلق والخليقة واقربهم عند الوسيلة** . اهي(خوارج) بري مخلوق آهن انهن کي ڪائنات جي بهترين مخلوق قتل ڪندي ۽ جيڪو الله وٽ وسيلي ڏيڻ وقت ويجهو وسيلو آهي [٢]

---

١ تفسير الدر المنثور ج١ ص ٦٠ ١١

٢ فرائد السمطين ج١ ص ٣٦

## ٣پاڻ سڳورن ﷺ جو فرمان:

ابوهريرو چئي ٿو : رسول خدا ﷺ حضرت آدم عليه السلام جي توسّل جي باري ۾ فرمايو ته الله سائين حضرت آدم عليه السلام کي خطاب ڪندي فرمايو: **ياآدم ! هولاءِ صفوتي .........فاذا کان لک لي حاجة فبهوءلاءِ توسّل** يعني اي آدم! هي منهجا چونڊيل ٻانها آهن جڏهن به تون کي مون کان ڪائي حاجت گهرڻي هجي ته انهن جي وسيلي گهرجانءِ

ان کان پوءِ رسول خدا ﷺ فرمايو : **نحن سفينة النجاة ،ومن تعلقَ بها نجا ومن حاد عنها هلک ،من کان له الیٰ الله حاجة فليسئلنا اهل البيت عليهم السلام.**[1]

اسان نجات جي ڪشتي ۽ ٻيڙي آهيون جيڪو به ان ۾ سوار ٿيندو نجات پائيندو جيڪو ان کان منهن موڙيندو هلاڪ ٿي ويندو بس جنهن کي به الله کان حاجت گهرڻي هجي ته اُهو اسان اهلبيت عليهم السلام جو واسطو ڏئي خدا جي بارگاهه مان حاجت گهري.

---

## سائڻ فاطمة زهراء عليها السلام جي تاڪيد:

رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جي نياڻي حضرت فاطمة الزهراء عليها السلام پنهنجي خطبي ۾ فرمائڻ ٿيون : **الحمد لله الذی بعظمته ونوره يبتغی من فی السماوات والارض، اليه الوسيلة ونحن وسيلته فی خلقه** . ساراهه الله لاءِ آهي جنهنجي عظمت ۽ نور جي ڪري جيڪو ڪجهه زمين ۽ آسمان ۾آهي سڀئي الله جي ويجهي **ٿيڻ لاءِ**وسيلي جي ڳولها ۾ آهن ۽ الله تعالیٰ جي مخلوق ۾ ان جو وسيلو اسان آهيون [1]

## ٥ صحابہ جو رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جي قبر سان توسّل ڪرڻ:

عسقلاني (فتح الباري) ۾ لکي ٿو صحيح سند سان نقل ٿيو آهي تہ ٻئين خليفي جي دور ۾ ڏُڪر پيو تہ رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جي صحابي بلال بن حارث پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي پاڪ تربت تي پُهچي ڪري عرض ڪيو: توهانجي امت هلاڪ ٿي وئي آهي الله سائين کان سندس رحمت جي وسڻ جي گهر ڪريو پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم ان صحابيءَ جي خواب ۾آيا ۽ فرمايائون: تہ رحمت نازل ٿيندي(يعني مينهن وسندو) [2]

## ٦ابوالحسين فقيہ شافعي جو توسّل ڪرڻ:

حاڪم نيشاپوري چئي ٿو مان ابوالحسن شافعي کي اهو چوندي

---

١ شرح نهج البلاغہ ابن ابي الحديد ١:٢١١

٢ بلاغات النساء بغدادي :١٤ القيفہ وفدک :١٠١

ٻڌو ته : **ماعرض لی مهم من امرالدين والدنيا فقصدت قبر الرضا عليه السلام لتلک الحاجة ودعوت عند القبر الا قضيت لی تلک الحاجة وفرج الله عنی تلک المهم..... وقد صارت الی هذه العادة ان اخرج الی ذالک المشهد فی جميع مايعرض لی ، فانه عندی مجرب.**

جڏهن به مون کي ديني يا دنيوي مشڪل پيش ايندي هئي ته مان مولا رضا عليه السلام جي پاڪ تربت تي وڃي ڪري دعا ڪندو هئس ته منهنجي مشڪل حل ٿي ويندي هئي .... ايستائين جو اها منهنجي عادت ٿي وئي جڏهن به مون کي ڪا مشڪل پيش اچي ها ته مان انهن جي مزار جي زيارت ڪري دعا گهران ها ۽ دعا قبول ٿي وڃي ها ۽ اهو مجرب عمل آهي[1]

## ٧ ابوالحسين بن ابي بڪر فقيه جو توسّل ڪرڻ :

حاڪم نيشاپوري چئي ٿو ته مان ابوالحسين فقيه کي اهي الفاظ چوندي ڏٺم ته **قد اجاب الله فی کل دعوة عند مشهد الرضا عليه السلام حتی لی دعوت الله ان يرزقنی ولدا فرزقت ولدا بعد الياس منه.**

مان جيڪا به دعا الله سائين کان مشهد الرضا عليه السلام وٽ گهري اها قبول ٿي وئي ايستائين جو مون الله سائين کان اولاد لاءِ دُعا گهري، مون کي الله سائين مايوسي کان پوءِ اولاد عطا ڪئي.[1]

---

١ فرائد اسمطين ٢:٢٢٠

### ٨ حاڪم نيشاپوري ۽ امام رضا عليه السلام سان توسّل:

حاڪم نيشاپوري پنهنجي توسّل کي بيان ڪندي چئي ٿو ته :

الله سائين مون کي مولا رضا عليه السلام جي پاڪ تربت جي ڪرامتن جو علم ڏنو آهي مان مولا عليه السلام وٽ بهترين ڪرامتن جو مشاهدو ڪيو.

انهن ڪرامتن منجهان ڪجهه کي بيان ڪيان ٿو. مون کي گهڻي وقت کان پيرن ۾ سُور رهندو هو ايستائين جو مان هلي به نه سگهندو هيم ان حال ۾ مان امام رضا عليه السلام جي زيارت جي لاءِ نڪري پيم مان جيئن مولا عليه السلام جي زيارت ڪري رات جو سُمهڻ کان بعد اٿيم ته منهنجي پيرن جو سُور ختم ٿي چڪو هو ايستائين جو ان جو نالو نشان ئي ختم ٿي ويو مان صحيح ۽ سالم نيشاپور واپس موٽي آيم[١]

### ٩ زيد فارسي جو مولا رضا عليه السلام سان توسّل ڪرڻ:

حاڪم نيشاپوري بن واسطن سان زيد فارسي کان نقل ڪري ٿو ته :

ٻه سال مان پيرن جي سُور ۾ مبتلا رهيم ايستائين جو مان نماز به بيهي نه پڙهي سگهندو هيم هڪ رات هڪ شخص مون کي

---

١ساڳيو حوالو ج ٢ ص ٢٢٠

خواب جي عالم ۾ چيو : تون مولا رضاعليه السلام جي زيارت لاءِ ڇو نٿو وڃين ؟ مولاعليه السلام جي پاڪ تربت تي وڃ ۽ اتان جي مٽي کڻي پنهنجي پيرن تي مَلي انهن کان ان پيرن جي سُور جي شفاء ڇو نٿو گهرين ؟

زيدچئي ٿو جيئن مان ننڊ مان اٿيم سواري ڪري طوس پهتم پاڪ تربت جي مٽي پيرن تي مَلي ڪري بيماري کان شفا جي دعا گهريم.زيد چئي ٿو ان دعا گهرڻ کان پوءِ ٻہ سال گذري چڪا آهن وري اهو سور ناهي پيو[١].

## ١٠. ابو نصر بانگي (موذن) نيشاپوري جو توسّل:

جويني شافعي (**جنهن فرائد السمطين جو ليڪ**) پنهنجي سند سان ابو نصر نيشاپوري کان نقل ڪري ٿو تہ : مان هڪ دفعو ڏاڍو بيمار ٿي پيم ايستائين جو منهنجي لاءِ ڳالهائڻ بہ سخت ٿي ويو اوچتو منهنجي ذهن ۾ هڪ خيال آيو تہ ڇو نہ مان مولارضاعليه السلام جي زيارت ڪريان ۽ اتي وڃي ڪري پنهنجي بيماري جي شفاء لاءِ دعا گهران .

ان ئي ارادي سان مان مولا عليه السلام جي پاڪ تربت ڏانهن سفر شروع ڪيو اتي پهچڻ کان بعد زيارت ڪري ٻہ رڪعت نماز پڙهي روئيندي گڙگڙائيندي الله سائين کي ٻاڏايم ۽ مولاعليه السلام جو

---

١ساڳيو٢٢٠:٢

واسطو ڏئي ڪري صحت جي نيڪ ٿيڻ جي جيئن دعا
گهري ته منهنجي زبان ۾ ڳالهائڻ جي طاقت اچي وئي ۽ مان
ڳالهائڻ لڳم. سجدي ۾ جڏهن مونکي روئيندي روئيندي ننڊ
اچي وئي مان خواب ۾ ڏٺو ته چنڊ ۾ ڏار پئجي ويو ۽ ان مان
هڪ شخص ٻاهر آيو مونکي اچي چيو اي ابا نصر:چئو لا اله
الاالله . مان اشاري سان ان کي ٻڌايو ته مون ۾ ته ڳالهائڻ جي
طاقت ناهين ڪيئن چوان ان ڏاڍيان چيو ڇا تون اللّٰه جي قدرت
جو انڪاري آهين ؟ **چئو لا اله الاالله**! منهنجي ان ئي وقت زبان
کلي وئي ۽ مان ان جملي کي چيم ان جملي کي دهرايان ئي پيو
ته مان جاڳي پيم مان ان جملي کي ورجائيندو رهيم ايستائين جو
اچي گهر پهتس ان کان بعد منهنجي اها مشڪل مولا جي
صدقي ختم ٿي وئي.[١]

## ١١ اميرِ خراسان جو مولا رضا عليه السلام جي تربت سان توسّل:

جويني شافعي ٽن واسطن سان حمويه بن علي امير خراسان جي
دربان کان نقل ڪري ٿو ته هو چئي پيو: هڪ ڏينهن مان حمويه
سان گڏ بلخ جي بازار ويس ته اتي حمويه هڪ شخص کي
گرفتار ڪرڻ سان گڏوگڏ هڪ سواري ۽ مانيءَ جو بندوبست
ڪرڻ جو حڪم ڏنو .
جڏهن موٽياسين ته ان ماڻهو کي گهرائي ڪري چيو : تون منهنجي

---

١ فرائد السمطين ج٢ ص ٢١٧

هڪ چپاٽ جو مقروض آهين جنهن جو تون کي قصاص ڏيڻو پوندو . ان شخص تعجب ڪندي انڪار ڪيو . حمويہ ان کي ياد ڏياريو تہ هڪ ڏينهن اسان مولا رضاؑجي قبر اطهر جي زيارت لاءِ گڏ هلياهئاسين ۽ تون اتي هي دعا گهري هئي :

**((اللهم ارزقني حمارا ومائتي درهم وسفرة فيها جبنة وخبزة))**

الله سائين! مون کي هڪ سواري (گڏهہ) ۽ سو درهم هڪ ڪاڏو جنهن ۾ ماني ۽ پنير هجي عطا ڪر.

۽ اتي مان هي دعا گهري هئي : **اللهم ارزقني قيادة خراسان))**

الله سائين مونکي خراسان جي حڪومت عطا ڪر .

تون ان وقت پنهنجي جڳهہ تان اٿي ڪري مون کي هڪ چپاٽ هٽندي چيو هيو تہ اهڙين شين جي دعا نہ گهر جن جو ٿيڻ ممڪن ناهي. جڏهن تہ هاڻي تون ڏسي رهيو آهين تہ منهنجي دعا قبول ٿي وئي آهي ليڪن منهنجو قصاص رهيل آهي .[1]

**١٢ابو علي خلال جو باب الحوائج امام موسیٰ ڪاظم ؑجي قبر سان توسّل** :

خطيب بغدادي پنهنجي تاريخ ۾ حنبلين جي امامؑ کان هڪ قصو نقل ڪيو آهي اهو چئي ٿو **((ماهمني امر فقصدت قبر موسى بن جعفر فتوسّلت به الا سهل الله تعالى لي ما احب))**

مون کي جڏهن بہ ڪامشڪل پيش ايندي هئي تہ مان امام

---

١ مُروج الذهب ٣٢,٣

موسیٰ ڪاظم عليه السلام جي قبر اطهر تي وڃي ڪري توسّل ڪندو هيس ته الله سائين منهنجي مشڪل آسان ڪري ڇڏيندو هو[١]

## ١٣ مديني وارن جو پاڻ سڳورن ﷺ جي قبر سان توسّل:

مسعودي مُروج الذهب ۾ لکي ٿو (( **اتصلت ولايته باهل المدينة فاجتمع الصغير والكبير بمسجد رسول ﷺ وضجوا الى الله ولاذو بقبر النبى ﷺ ثلاثة ايام، لعلهم بما هو عليه من الظلم والعسف.))**

٥٣ هجري ۾ عراق جي حاڪم زياد بن ابيه معاويه ڏانهن هڪ خط ۾ لکيو : مان عراق تي پنهنجي سڄي هٿ سان قبضو ڪري ڇڏيو آهي ۽ منهنجو کاٻو هٿ خالي آهي يعني مونکي اڃان ٻين علائقن جي حڪومت به ڏني وڃي پوءِ معاويي حجاز جي حڪومت ان جي حوالي ڪري ڇڏي .جڏهن مديني جي ماڻهن کي ان جي خبر پئي ته ننڍا وڏا مسجد النبي ﷺ ۾ ڪٺا ٿي ڪري روئي روئي دانهون ڪرڻ لڳا اهو سلسلو ٽن ڏينهن تائين جاري رهيو ڇو جو اهي ان جي ظلم کان ڇاڻو هيا ان توسّل جي ڪري زياد بن ابيه ٽن ڏينهن کان پوءِ مري ويو [٢]

پائرو! هاڻي جيڪي اسان توسّل جي جائز هجڻ جون دليلون بيان ڪيون انهن کي وهابين جي دليلن سان ڀيٽايو جيڪي توسّل کي

[١] تاريخ بغداد ١ : ٢٠ باب ماذكر في مقابر بغداد
[٢] مروج الذهب ٣ :٣٢.

شرڪ اڪبر قرار ڏين ٿا يعني جيڪو اهل بيت عليهم السلام سان نبي صلى الله عليه وآله وسلم سان الله جي پاڪ ٻانهن سان توسّل ڪري ٿو انهن کي واسطو قرار ڏئي ٿو ان کي مشرڪ چون ٿا هاڻي فيصلو توهان پاڻ ڪريو حَقيقت بلڪل پڌري آهي ابن تيميہ چئي ٿو **(الشرک شرکان: اکبر وله انواع ومنه طلب الشفاعة من المخلوق والتوسّل)**

هو چوي ٿو شرڪ جا ٻہ قسم آهن : هڪ شرڪ اڪبر آهي ان جون ڪجهہ قسمون آهن جنهن مان الله جي مخلوق سان توسّل ڪرڻ ۽ انهن کان شفاعت گهرڻ آهي .

**وهابين جي عقيدي مطابق اسلام جي ابتدا کان هاڻي تائين سڀ مسلمان مشرڪ آهن ۽ چڙو نجدي حقيقي موحّد آهن .**

ان کان علاوہ انهن جي نظريي مطابق سموري ديني تعليمات چاهي قرآن هجي يا حديث يا صحابہ ڪرام جي سيرت هجي ، اهي سيئي انسانن کي شرڪ جي دعوت ڏين ٿيون ۽ توحيد جي دعوت ڏيندڙ فقط ابن تيميہ يا محمد بن عبد الوهاب آهن ۽ جنت بہ انگليند جي نمائندن ۽ انهن جي پيروڪارن جي اختيار ۾ آهي [1]

---

[1] الكلمات النافعة في المفكرات الواقعة ٣٤٣ عبدالله بن محمد بن عبد الوهاب ضمن الجامع الفريد ، الىٰ حقيقة التوسّل : ١٢ مجموعة الرسائل والمسائل ١: ٢٢

# شفاعت ڇا آهي؟

**شفاعت جي حقيقي معنيٰ ڪنهن شخص ڪان بخشش جي دعا ڪرڻ آهي.**

جڏهن ته مجازي طور تي پنهنجي نفعي ۽ فائدي کي حاصل ڪرڻ جي درخواست جي باري ۾ پڻ استعمال ٿيو آهي.

ان جي حقيقي معنيٰ ۾ علماءَ جي نظر ۾ ڪنهن به قسم جو اختلاف نه آهي.[1]

**١: مثال طور جيئن شيخ طوسي فرمائن ٿا:**

اسان جي عقيدي مطابق پيغمبر ﷺ مومنن جي شفاعت ڪندا، جڏهن ته خدا تعالي پڻ ان جي شفاعت کي قبول ڪندو، جنهن ڪري نمازي گنهگارن تان عذاب هٽايو ويندو.

٢: ابو حفص نسفي (**ت ٥٣٨هـ**) اهلسنت جي عالم پڻ ان بابت لکيو آهي[2].

٣: انبياءَ ۽ نيڪوڪارن جو گناهه کي انجام ڏيڻ وارن ماڻهن جي لاءِ بخشش طلب ڪرڻ ڪيترين ئي روايتن ۾ ثابت آهي.

---

١ رسائل مرتضیٰ ٣:١٧ءِ ١:١٥٠

٢عقائد نسفيه :١٤٨

## مسلمان ۽ شفاعت جو عقيدو

ٿيل تحقيق مطابق سڀ مسلمان شفاعت تي عقيدو رکن ٿا، ان باري ۾ اسان ٻن قسمن جا نظريا بيان ڪري رهيا آهيون.

## قاضي عياض چيو آهي:

اهلسنت شفاعت کي عقلي اعتبار کان جائز ۽ شرعي لحاظ کان واجب قرار ڏيندي ان جي وجوب جي دليل قرآن ڪريم جي هي آيت قرار ڏني آهي.

(**يومئذ لاتنفع الشفاعه الا من اذن له الرحمان و رضى له قول**[1]).

ترجمو: ان ڏينهن ڪنهن جي شفاعت ڪم نه ايندي، سواءِ ان جي جنهن کي خدا اجازت ڏني هوندي ۽ ان کان راضي هجي.

ٻي آيت ۾ ارشاد آهي:

﴿**ولا يشفعون انالمن ارتضى**﴾[2]

۽ اهي ڪنهن جي به شفاعت نه ڪري سگهندا، سواءِ انهن جي جن کان خدا راضي هوندو؟

ان کان سواءِ ڪيتريون ئي آيتون آهن، جيڪي شفاعت جي واجب هجڻ تي دلالت ڪري رهيون آهن ۽ پوءِ ڪيترين ئي

---

١سوره طه :١٠٩

٢سوره انبياء :٢٨

متواتر روايتن ۾ رسول خداﷺکان نقل ٿيو آهي ته رسول خدا ﷺ قيامت جي ڏينهن گنهگار مومنن جي شفاعت ڪندا. ۽ تمام اهلسنت علماءِ جو صدر اسلام کان وٺي اڄ تائين ان جي صحيح هجڻ تي اتفاق پاتو ويو آهي.[1]

٢: ناصر مالڪي ان باري ۾ لکي ٿو:

جيڪو شخص شفاعت کان انڪار ڪري، بهتر به اهو آهي ته ان کي شفاعت شامل حال نه ٿئي، پر جيڪو شخص اهلسنت جيان شفاعت تي ايمان رکي ٿو ۽ ان جي تصديق ڪري ٿو، اهو خدا جي رحمت جو اميدوار آهي ۽ اهوعقيدو رکي ٿو ته شفاعت گنهگار مومن لاءِ آهي.

جهڙي طرح رسول خدا ﷺجن فرمايو آهي:

مون شفاعت کي پنهنجي امت مان ان ماڻهن لاءِ محفوظ رکيو آهي، جيڪي ڪبيره گناهه جا مرتڪب ٿيا آهن.[2]

## ١: شفاعت جا قسم

شفاعت جو مفهوم ان جي وسعت جي بنا تي ڪجهه قسمن ۾ تقسيم ڪيو وڃي ٿو.

---

١ شرح صحيح مسلم نووي ٣: ٣٥،باب اثبات الشفاعة واخراج الموحدين من النار

٢الانتصاف فيما تضمنه من الكشاف من الاعتزال اها ڳالهه ڪشاف جي حاشيه سان گڏ ڇاپ ٿي آهي١:٣١٤

### ١: قيامت جي ڏينهن شفاعت

شفاعت جي ان قسم مان مراد انبياءَعليهم السلام، آئمہ عليهم السلام، شهداءَ ۽ صالحين جو مخلوق ۽ خدا وچ ۾واسطو بڻائڻ آهي، جنهن ۾ گنهگار مومنن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. تمام مسلمان شفاعت جي ان قسم کي قبول ڪن ٿا، ايتري قدر جو وهابي بہ ان قسم کي قبول ڪن ٿا.

### ٢: دنيا ۾ شفاعت طلب ڪرڻ

شفاعت جي ان قسم ۾ اسان هن دنيا ۾ انبياءَعليهم السلام، اولياءِ الاهي عليهم السلام کان درخواست ڪنداسين تہ اهي اسان جي آخرت ۾ شفاعت ڪن. شفاعت جي ان قسم کي بہ تمام مسلمان قبول ڪن ٿا، سواءِ وهابين جي، اهي ان قسم کي شرڪ قرار ڏيندا آهن.

شفاعت جي پهرين قسم کي ٻن طريقن سان ثابت ڪري سگهجي ٿو.

### آيتن جي روشني ۾:

( ومن الليل فتهجد به نافله لک عسى ان يبعث ربک مقاما محمودا[١] )

ترجمو: ۽ رات جو ڪجھ حصو جاڳ ۽ تهجد ۾ مشغول رهہ ۽ نمازِ شب تو سان مخصوص آهي امید آهي تہ تنهنجو پالڻهار توکي مقامِ محمود تي رسائي.

---

١ سوره اسراء :٧٩

مفسرين ان آيت جي باري ۾ لکيو آهي ته (مقام محمود ) مان مراد شفاعت جو مقام آهي.
ٻي آيت ۾ فرمايو آهي:
﴿ولسوف يعطيك ربك فترضیٰ﴾[1]
ترجمو: **۽ تنهنجو پالڻهار سگهوئي توکي (ايترو) ڏيندو جو (تون) خوش ٿيندين.**
جهڙي طرح بيان ٿي چڪو آهي ته شفاعت جي باري ۾ تمام گهڻيون حديثون نقل ٿيل آهن، جن مان صرف ٻين کي بيان ڪري رهيا آهيون.
**پهرين حديث:**
رسول خدا ﷺجن فرمائن ٿا:
**اعطيت خمسا.... واعطيت الشفاعة، فادخرتها لامتي لمن لايشرک بالله شيئا))**[2]
مون کي پنج شيون عطا ڪيون ويون آهن، ان مان هڪ شفاعت آهي، جنهن کي مان پنهنجي امت جي انهن ماڻهن لاءِ بچائي رکيو آهي، جيڪي ذري برابر به ڪنهن کي خدا جو شريڪ قرار نٿا ڏين.

---
[1] سوره ضحیٰ :٥
[2] مسند احمد ١: ٣٠١سنن نسائي ١:٢١١

**ٻئين حديث:**

ان حديث ۾ رسول خدا ﷺ جن فرمائن ٿا:

**(انا اوّل شافع و اوّل مشفع)**[١]

مان سڀ کان پهريان شفاعت ڪرڻ وارو آهيان ۽ سڀ کان پهرين منهنجي ئي شفاعت قبول ٿيندي

## علماءِ اسلام جي قولن جي روشن ۾

علماءِ اسلام شفاعت جي باري ۾ پنهنجي نظرين کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

**١: شيخ مفيد فرمائن ٿا:**

شيعا اثنا عشريہ جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ رسول خدا ﷺ هڪ اهڙي گروهہ جي شفاعت ڪندو جيڪو ڪبيرهہ گناهہ جا مرتڪب ٿيو هوندو.

امير المومنين عليہ السلام ۽ پيا آئمہ اطهار عليهم السلام پڻ قيامت جي ڏينهن گنهگارن جي شفاعت ڪندا ۽ انهن جي شفاعت سان پڻ ڪيترا ئي گنهگار نجات حاصل ڪندا. (اوائل المقالات في المذاهب والمختارات: **٢٩**، ان ڪتاب ۾ هن طرح بيان ٿيل آهي: (انقت الاماميه على و انّ امير المومنين عليه السلام يشفع فى اصحابه

---

[١] سنن ترمذي ٥،٢٤٨ باب ٢٢ حديث ٣٦٩٥

الذنوب من شيعته، و انّ آئمه آل محمد عليهم السلام كذلك، ينجي الله يشفاعهم كثيرا من الخاطئين)

**علامہ مجلسي فرمائن ٿا:**

تمام مسلمانن جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ شفاعت ضروريات دين منجهان آهي، ان معني ۾ تہ رسول خدا ﷺ صرف پنهنجي امت نہ پر بين انبياءَ جي امتن جي بہ شفاعت ڪندا.[1]

## ٣: فخر رازي لکي ٿو:

امت اسلام جي اجماع ۽ اتفاق مطابق رسول خدا ﷺ قيامت جي ڏينهن شفاعت جو حق رکن ٿا ۽ خداوند متعال جو هي فرمان آهي (عسیٰ ان يبعثک ربّک مقاما محمودا) ۽ (ولسوف يعطيک ربّک فترضیٰ) ان ڳالهہ تي دلالت ڪري ٿو.[2]

## ٤: ابوبڪر ڪلاباذي (م ٣٨٠هہ) لکي ٿو:

علماءَ جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ رسول خدا ﷺ شفاعت جي باري ۾ جيڪو ڪجهہ بيان ڪيو آهي، ان جو اقرار ڪرڻ واجب آهي ۽ ان جي دليل هي آيت آهي، جنهن ۾ خدا فرمايو آهي (عنقريب تنهنجو پالڻهار توکي عطا ڪندو جنهن کان تون

---

[1] بحار الانوار ٨:٢٩ ۽ ٦٣

[2] مفاتيح الغيب ٣:٥٥

راضي ٿي ويندين.)[١]

مزي جي ڳالھ اھا آھي تہ ابن تيمہ ۽ محمد بن عبدالوھاب پڻ شفاعت جي ان قسم جو اقرار ڪيو آھي ۽ اھي ان جو انڪار نٿا ڪري سگھن[٢].

## دنيا ۾ شفاعت

انبياء ۽ آئمہ طاھرينعليهم السلام ۽ نيڪو ڪارن ھن دنيا ۾ شفاعت جي درخواست جي جائزھجڻ ۽ ان جي تائيد جي باري ۾ رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلمکان ڪيترين ئي روايتون اسان تائين پھچي چڪيون آھن، جن جي موجودھجڻ کان پوءِ ڪنھن بہ شڪ ۽ شبھي جي گنجائش باقي نٿي رھي، ان لاءِ رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلمجي ولادت کان پھريان، رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلمجي زندگي ۾ ۽ رحلت کان پوءِ شفاعت جو طلب ڪرڻ واقع ٿيو آھي ۽ پاڻ سڳورنصلى الله عليه وآله وسلم ان جي تائيد ڪئي آھي، يا اھو تہ رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلمجي صحابہ ڪرام پڻ رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جي رحلت کان پوءِ اھڙي طرح جي شفاعت طلب ڪئي ۽ پراڻھن کي ان عمل کان منع نہ ڪيووو.

١ لتعرف مذھب اھل التصوف ٥٤

٢ مجموعة الرسائل الكبرىٰ ٤٠٣ الهدية السنية ،الرسالة الثانية :٤٢

## ولادت پيغمبر ﷺ کان پهريان شفاعت طلب ڪرڻ

معتبر تاريخ ۾ نقل ٿيو آهي ته تبع بن حسان حميري رسول خدا ﷺ جي ولادت کان هزار سال پهريان هڪ خط ۾شفاعت جي درخواست ڪئي، ۽ جڏهن اهو خط رسول خدا ﷺ جي خدمت ۾ پيش ٿيو ته رسول خدا ﷺ ان جي تائيد به ڪئي ۽ فرمايو: **(مرحبا بتبع الاخ الصالح)**

هي تعبير شفاعت جي درخواست جي تائيد ۽ ان جي راضي هجڻ جي حڪايت ڪري رهي آهي ۽ اصل واقعو امام جعفر صادق عليه السلام جي معاصر ابن اسحاق پنهنجي ڪتاب (المبدا و قصص الانبياء ) ۾ نقل ڪيو آهي ۽ حلبي **(١٠٤٤ هه)** ۾ ان کي **(السيره الحلبيه)** ۾ ابن اسحاق کان نقل ڪيو آهي.

### تبع بن حسان ان چٺيءَ ۾ پيغمبر ﷺ کي هن طرح خطاب ڪيو:

اي محمد ﷺ !مان تنهنجي پروردگار تي جنهن جي قدرت ۾ هي سڀ مخلوق آهي ۽ انهن تمام احڪام تي ايمان رکان ٿو، جيڪي ان کان توهان تي نازل ٿيا آهن، جيڪڏهن توهان جي رسالت جي زماني کي حاصل ڪيو ته تمام بهتر، ۽ جيڪڏهن حاصل نه ڪري سگهيس ته توهان ﷺ کي درخواست ڪريان ٿو ته قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ڪندا ۽ ان ڏينهن مون

کي نہ وساريندا.

ابن اسحاق وڌيڪ لکي ٿو: ابي ليلي جي خاندان مان هڪ فرد مديني ڏانهن هجرت دوران گس ۾ هي چٺي پيغمبر ﷺ جي خدمت ۾ پيش ڪئي. رسول خدا ﷺاهو چٺي وٺڻ بعد ٽي دفعا فرمايو: ﴿مرحبا بتبع الاخ الصالح﴾

حلبي ان ڳالهہ جو بہ اضافو ڪيو آهي تہ تبع جي ان خط ۽ رسول خدا ﷺ جي ولادت جي وچ ۾ هڪ هزار سال جو فاصلو آهي.[١]

هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ دنيا ۾ شفاعت طلب ڪرڻ شرڪ جو سبب بڻجي ٿو تہ ڪيئن ممڪن آهي تہ رسول خدا ﷺان شرڪ آلود ڪم جي تائيد ڪن ۽ ان ڪم کي انجام ڏيڻ واري کي ڀاءُ ڪوٺين؟

ڇا پيغمبر ﷺان مشرڪ شخص کي ڀاءُ چئي خطاب ڪري رهيا آهن؟!

---

١ السيرة الحلبيہ ٢:٢٧٩

## پيغمبر ﷺ جي حياتيءَ ۾ شفاعت طلب ڪرڻ

پيغمبر ﷺجي حياتيءَ ۾ موجود روايتن تي نظر وجهنداسين ته اهو معلوم ٿيندو ته صحابه ڪرام عليهم السلام رسول خدا ﷺ کان شفاعت جي درخواست ڪندا هئا، جن مان ڪن جاين جي طرف اشارو ڪري رهيا آهيون.

### ١: انس جي روايت

انس بن مالڪ لکي ٿو: مان رسول اڪرم ﷺکان درخواست ڪئي ته اهي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ڪن.

پيغمبر ﷺجن منهنجي درخواست کي قبول ڪيو ۽ چيو ته مان ان کي انجام ڏيندس.

مون عرض ڪيو: ان ڏينهن مان ڪهڙي جڳهه تي اوهان سان ملاقات ڪريان؟

پاڻ فرمايائون: پل صراط جي ڪَپَرَ ۽ ڪناري تي.

مون عرض ڪيو: جيڪڏهن توهان سان اتي نه ملي سگهان ته[١]؟

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: ميزان جي ڪناري تي.

مون عرض ڪيو: جيڪڏهن اتي به نه ملي سگهو ته؟

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: حوض ڪوثر جي ڪناري تي، انهن ٽنهي

---

[١] سنن ترمذي ٢٤٣٣ ح ٦٢١ :٤

ان روايت جو متن هي آهي : انس بن مالڪ چوي ٿو : سئلت النبي ﷺ ان يشفع لي يوم القيامة ؟...........................

جڳهن ڪان سواءِ آئون ڪٿي به نه هوندس.

### ٢: سواد بن قارب ڪان روايت آهي:

ته هڪ ڏينهن سواد بن قارب پيغمبر ﷺجي خدمت ۾ پهتو ۽ اشعار جي صورت ۾ رسول خدا ﷺ ڪان شفاعت طلب ڪئي ۽ چيو:

وکن لی شفیعا یوم لا ذو شفاعه﴿سواک بمغن فتیلا عن سواد بن قارب﴾[1]

ترجمو: اي پيغمبر قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ڪندا، ۽ ان ڏهاڙي جي ٻين جي شفاعت منهنجي لاءِ ڪارڪ جي برابر به ڪم نه ايندي.

### رسول خدا ﷺ جي لاڏاڻي ڪان پوءِ ساڻس ڪان شفاعت جي درخواست

اسان پهرين به بيان ڪري چڪا آهيون ته پيغمبر ﷺجن جي شفاعت ان جي زندگي ۾ محدود نه آهي، بلڪه صحابه ڪرام عليهم السلام ان جي وصال بعد به پيغمبر ﷺجن ڪان شفاعت جي درخواست ڪندا رهيا، ان باري ۾ ڪجهه روايتون نقل ڪري رهيا آهيون.

### ١: حضرت علي عليه السلامجي پيغمبر ﷺڪان شفاعت طلب ڪرڻ:

محمد بن حبيب چون ٿا: جڏهن حضرت علي عليه السلامرسول خدا ﷺ جن کي غسل ۽ ڪفن ڏنو ته رسول خدا ﷺجي چهري

---

[1] الاصابة ٢:٦٧٥.ح ١١٠٩الاحاديث الطوال اطلبراني : ٢٥٦الدرر السنيه في الرد علىٰ الوهابيه ٢٧

مبارڪ تان ڪفن هٽائي عرض ڪيو:

﴿بابي انت وامّي طبت ميّتا بابي وامّي اذكرنا عند ربّك﴾

ترجمو: منهنجا ماءُ ۽ پيءُ اوهان تان قربان وڃن اوهان پاڪ ۽ پاڪيزهہ ربّ جي بارگاهہ ڏانهن منتقل ٿيا آهيو، منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان وڃن، پنهنجي ربّ جي بارگاهہ ۾ اسان کي بہ ياد رکجو.

## ٢: ابوبڪر جو پيغمبر ﷺ کان شفاعت طلب ڪرڻ:

بيبي عائشہ چوي ٿي: جڏهن پيغمبر ﷺ جي رحلت جي خبر ابوبڪر تائين پهتي تہ ان پاڻ کي رسول خدا ﷺ جي (بدن مبارڪ) مٿان ڪيرايو ۽ چهري مبارڪ تان ڪپڙو هٽايو، رسول خدا ﷺ جي چهري مبارڪ، پيشاني ۽ لبن تي هٿ گهمايو ۽ روئي چيو، اي محمد ﷺ! اسان کي بہ پنهنجي پروردگار جي بارگاهہ ۾ ياد ڪجو.[1]

## ٣:اعرابي جو صحابہ عليهم السلام جي موجودگي ۾ شفاعت طلب ڪرڻ

[1] تمهيد الاوائل وتلخيص الدلائل باقلاني ١:٤٨٨ " الدرر السنية في الرد علیٰ الوهابية : ٣٤ ، سبل الهدیٰ والرشاد ٢٩٩ ،٢ باب ٢٨

ان حديث جو متن هي آهي (( قالت عائشة وغيرها من الصحابہ : ان الناس افحموا ودهشوا حيث ارتفعت الرنة.....حتیٰ دخل علیٰ رسول اللّٰہ ﷺ فاكب عليہ وكشف عن وجهہ ومسحہ وقبل جبينہ وخديہ وجعل يبكیٰ ويقول : بابي انت وامي ونفسي واهلي طبت حيا وميتا ومشيا اذكرنا يا محمد عند ربک))

احمد زيني دحلان **(امام الحرمين)**ان باري ۾ ابن حجر عسقلاني کان روايت نقل ڪندي لکيو آهي: روايت ۾ آهي تہ حضرت عليعليہ السلامفرمايو: پيغمبر صلی اللہ علیہ وآلہ وسلمجي تدفين جي ٽن مهينن بعد هڪ ڳنوار عرب مديني ۾ آيو ۽ قبر پيغمبر صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم تي وجهي پاڻ کي ڪيرايو ۽ خاڪ مٿي ۾ وجهي چوڻ لڳو توهان پنهنجي زندگي ۾ ڪجهہ ڳالهيون بيان ڪيون، اسان ان کي قبول ڪيو، جهڙي طرح اوهان دستورات ديني کي خدا کان ورتو، اهڙي طرح اسان انهن دستورات کي اوهان کان ورتو، اها آيت جيڪا خداوند متعال توهان تي نازل فرمائي، ان ۾ هڪ آيت هيءَ بہ آهي:

**"ولو انهم اذ ظلموا انفسهم جائووک فاستغفرو واستغفر لهم الرسول لوجدوا الله توّابا رحيما"**

ترجمو: **۽ جڏهن انهن (ماڻهن) پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن تو وٽ اچن ها پوءِ الله کان بخشش گهرن ها ۽ پيغمبرصلی اللہ علیہ وآلہ وسلم انهن لاءِ بخشش گهري ها تہ الله کي ٻاجهہ سان موٽندڙ مهربان لهن**[1]

يا رسول اللهصلی اللہ علیہ وآلہ وسلم! مان پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ توهان جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو آهيان، خدا کان منهنجي بخشش جي دعا ڪريو.

---

[1] سوره نساء : ٦٤

(ايتري ۾ قبر پيغمبر ﷺ مان آواز آئي ته خدا توکي معاف ڪيو آهي)[١]

[١] الدرر السنية في الرد علىٰ الوهابية : ٢١ نقل از جواهر الكلام ۽تفسير قرطبي ٥:٢٦٥ ٦٤ نمبر آيت جي ذيل ۾ تفسير بحر المحيط ابو حيان اندلسي ١٨٠ :٤ ، باب ٦٤ سوره نساء جي ٦٤ نمبر آيت جي ذيل ۾ انهن ڪتابن ۾ هيئن آيو آهي : (( قال العلامة ابن حجر في جوهر المنظم : روي بعض الحفاظ عن ابي سعيد السمعاني انه روي عن علي رضي الله عنه وكرم الله وجهه : انهم بعد دفنه ﷺ بثلاثة ايام ، جائهم اعرابي ، فرمي بنفسه علىٰ القبر الشريف .....وحثىٰ ترابه علىٰ راسه وقال : ياروسل الله ﷺ ! قلت فسمعنا قولک ورعيت عن الله ما وعينا عنک ، وكان فيما انزل الله عليک قوله تعالىٰ عليک قوله تعالىٰ : (( ولو انهم ظلموا ....)) وقد ظلمت

# حيات انبياءَ عليهم السلام

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته انبياءِ الاهي عليهم السلام ۽ خاص طور تي آخري سفير الاهي حضرت محمد صلى الله عليه وآله وسلم رحلت بعد به حيات ابدي جا مالڪ آهن، اهي ڏسندا به آهن ۽ ٻڌندا به آهن ۽ امت جا اعمال ان جي سامهون پيش ڪيا ويندا آهن.

انهن جي هي زندگي شهداءَ جي زندگي کان مٿاهين آهي، ان لاءِ ته مقام نبوت مقام شهاددت کان بلند ۽ اعلىٰ آهي، ان اعتبار سان پيغمبر صلى الله عليه وآله وسلم جي وفات بعد ان کان شفاعت طلب ڪرڻ ڪنهن مردي کان شفاعت طلب ڪرڻ ناهين.

ان باري ۾ مسلمان علماءَ ۽ مفڪر پنهنجي پنهنجي راءِ بيان ڪن ٿا، جن مان ڪجهه کي هتي بيان ڪري رهيا آهيون.

**قسطلاني چوي ٿو:**

**﴿لا شكّ انّ حيات الانبياءَ عليهم الصلات و السلام ثابته معلومه مستمره و نبيا افضلهم، و اذا كان كذالك فيعنبغى ان تكون حياته اكمل و اتمّ من حيات سائرهم﴾**

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته انبياءَ جي وفات کانپوءِ سندن زنده هجڻ ثابت، معلوم ۽ دائمي امر آهي، ٻئي طرف اسان جي نبي صلى الله عليه وآله وسلم پين انبياءَ عليهم السلام کان افضل آهن ته انهن جي زندگي به ان جي

رحلت بعد انهن کان افضل ۽ وڌيڪ مڪمل هوندي.[1]
شوڪاني پنهنجي ڪتاب (نيل الاوطار) ۾ لکي ٿو **(صلاة المخلوقات على النبی وهو فی قبره حیّ)** ۾ لکي ٿو: **وقد ذهب جماعة من المحققين، الی انّ رسول ﷺ حیّ بعد وفاته وانه يسرّ بطاعات امته، وانّ الانبياءَ لا يبلون، مع انّ مطلق الادراک کالعلم و السماع ثابت لسائر الموتی، و ورد النصّ فی کتاب الله فی حقّ الشهداءَ انّهم احياء يرزقون وانّ الحيات فيهم متعلقہ بالجسد، فکيف بالانبياءَ والمرسلين وقد ثبت في حديث: (انّ الانبياءَ في قبورهم و رواه المنذري و صحّحہ البيهقي)**
محققن جي هڪ گروهہ جو چوڻ آهي تہ پيغمبر ﷺ رحلت بعد بہ زنده آهن ۽ پنهنجي امت جي اطاعت کان خوش ٿيندا آهن، انبياءَ عليهم السلام جا بدن قبر ۾ بوسيده ۽ پُريل نہ هوندا آهن، مڪمل سمجهہ ٿا جهڙي طرح ڄاڻڻ ۽ ٻڌڻ تمام مُردن لاءِ ثابت آهي ۽ قرآن پاڪ واضح نص مطابق شهداءَ زنده آهن، انهن کي رزق ڏنو ويندو آهي، تہ انهن جي زندگي انهن جي بدن بابت آهي، بس جڏهن شهداءَ عليهم السلام ائين هوندا آهن تہ انبياءَ عليهم السلام ۽ رسول ﷺ تہ بدرجہ اوليٰ زنده آهن.
ابن حجر هيثمي پنهنجي ڪتاب ۾ عبدالله بن مسعود کان نقل ڪيو آهي تہ رسول خدا ﷺ جي وفات بعد پنهنجي حيات جي

[1] المواهب الدينية ٤١٣:٣

باري ۾فرمايو: **﴿حياتي خير لكم تحدثون و يحدث لكم، و وفاتي خير لكم، تعرض على اعمالكم فما رايت من خير حمدت الله عليه وما راءيت من شرّ استغفرت الله لكم﴾**

منهنجي زندگي به توهان لاءِ برڪت جو سبب آهي ۽ منهنجي وفات به، توهان جا اعمال منهنجي سامهون پيش ڪيا ويندا آهن، جڏهن نيڪ عملن کي ڏسندو آهيان ته خدا جو شڪر ادا ڪندو آهيان، ۽ جڏهن توهان جي برن عملن کي ڏسندو آهيان ته توهان جي لاءِ استغفار ڪندو آهيان.

ابن حجر ان سند جي معتبر هجڻ طرف اشارو ڪندي لکيو آهي ته (ان حديث جا راوي صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم وارا آهن)[1]

مسلم نيشاپوري به پنهنجي ڪتاب ۾ ان باري ۾ رسول الله ﷺ کان حديث نقل ڪئي آهي ته رسول خدا ﷺ جن فرمايو: **مررت على موسىٰ ليلة اسرى بي عند الكثيب الاحمر وهو قائم يصلّي في قبره).**

**جڏهن مان معراج جي سفر تي ويس ته اتي موسىٰ عليه السلام کي ڏٺو ته اهي پنهنجي قبر ۾ نماز پڙهڻ ۾ مشغول هئا[2]**

---

[1] مجمع الزوائد ٩ : ٢٤ الجامع الصغير : ٥٨٢ ۽ كنزالعمال ١١: ٤٠٧.

[2] صحيح مسلم ٧: ١٠٢ كتاب الفضائل موسىٰ عليه السلام ۽ المصنف عبد الرزاق ٣:٥٥٧

## استغفار آيتن جي روشنيءَ ۾

هاڻي جڏهن استغفار جي ڳالهه اچي وئي ته مناسب اهو ئي آهي ته ان موضوع کي آيتن ۽ روايتن جي روشنيءَ ۾ پرکيو وڃي.ان جي باري ۾ قرآن ڪريم جون ڪيتريون ئي آيتون موجود آهن، جن مان ڪجهه کي بيان ڪري رهيا آهيون.

اسان سورت منافقون ۾ پڙهون ٿا:

**﴿و اذا قيل لهم تعالوا يستغفر لكم رسول الله لوّوا رءوسهم و راءيتهم يصدّون وهم مستكبرون﴾**

ترجمو: **۽ جڏهن کين چيو آهي ته اچو ته الله جو پيغمبر اوهان لاءِ بخشش گهري تڏهن پنهنجا مٿا موڙيندا آهن ۽ انهن کي ڏسندو آهين ته وڏائي ڪندڙ ٿي جهلجن ٿا**[1]

خدا تعاليٰ ان آيت ۾ پيغمبر ﷺ کان شفاعت طلب ڪرڻ کان منهن موڙڻ نفاق جي علامت بيان ڪئي آهي. پوءِ ان جي ضد يا نقيض اها ئي دنيا ۾ شفاعت جي درخواست ڪرڻ آهي جيڪو ايمان جي علامت آهي.

سورهء نساءَ ۾ بيان ٿيو آهي:

**﴿ولو انّهم اذ ظلموا انفسهم جاءووک فاستغفرو وا الله و استغفر لهم الرسول لوجدوا الله توابا رحيما﴾**[2]

---

[1] سوره منافقون : ٥

[2] سوره نساء ٦٤.

**ترجمو** : ۽ جڏهن انهن (ماڻهن) پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن تو وٽ اچن ها پوءِ الله کان بخشش گهرن ها ۽ پيغمبر انهن لاءِ بخشش گهري ها تہ الله کي ٻاجھ سان موٽندڙ مهربان لهن ها.

هي آيت پڻ پيغمبر ﷺ کان بخشش طلب ڪرڻ کي واضح طور تي بيان ڪري رهي آهي.

## شفاعت جي باري ۾ وهابين جو نظريو:

وهابي فرقو ان ڳالھ جو مدعي آهي تہ دنيا ۾ شفاعت طلب ڪرڻ حرام آهي. ابن عبدالوهاب چوي ٿو: **(من جعل بينه وبين الله وسائط يدعوهم ويسالهم الشفاعه كفر اجماعا)**[1]

جيڪو شخص پنهنجي ۽ خدا جي وچ ۾ واسطو قرار ڏئي ۽ ان کي پڪاري ۽ ان کان شفاعت طلب ڪري تہ اهو اجماع جي مطابق اهو ڪافر آهي.

اسان انهن جي ان نظريي کي رد ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريان پنهنجي مدعیٰ تي محڪم ۽ يقيني دليل بيان ڪنداسين، پوءِ علمي ۽ عقلي دليل سان گڏ ان نظريي کي رد ڪنداسين.

واضح رهي تہ وهابي ٻن اعتبارن کان عاجز آهن، هاڻي اسان فقط انهن جي دليلن کي بيان ڪرڻ تي اڪتفا ڪنداسين.

سڀ کان پهرين آيت جنهن مان وهابي استدلال ڪندا آهن، اها

---

[1] مجموعة المولفات ١ : ٣٨٥ ۽ ٦ : ٦٨ ؛٢

آيت آهي جنهن ۾ خدا تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَيَعْبُدُونَ مِن دُونِ اللّهِ مَا لاَ يَضُرُّهُمْ وَلاَ يَنفَعُهُمْ وَيَقُولُونَ هَـؤُلاء شُفَعَاؤُنَا عِندَ اللّهِ قُلْ أَتُنَبِّئُونَ اللّهَ بِمَا لاَ يَعْلَمُ فِي السَّمَاوَاتِ وَلاَ فِي الأَرْضِ سُبْحَانَهُ وَتَعَالَى عَمَّا يُشْرِكُونَ

ترجمو : ۽ **اللهٰ کانسواءِ جن کي پوڄيندا آهن سي نڪي ڪين ڏک پهچائيندا آهن ۽ نڪي ڪين سُک پهچائيندا آهن ۽ چوندا آهن ته هي اللهٰ وٽ اسان جا شفاعت ڪندڙ آهن، چؤ ته اوهين اللهٰ کي اهڙيءَ شيءَ بابت ڄاڻائيندا آهيو ڇا جيڪا شيء (هو) نڪي آسمانن ۾ ۽ نڪي زمين ۾ ڄاڻندو آهي، اُهو پاڪ آهي ۽ جنهن شيء کي ساڻس شريڪ ڪندا آهيو تنهن کان اُهو مٿانهون آهي**[1]

**محمد بن عبدالوهاب ان آيت تي استدلال ڪندي چوي ٿو: خدا ان آيت ۾ خبر ڏني آهي ته جيڪو شخص ڪنهن کي خدا ۽ ان جي وچ ۾ واسطوقرار ڏيندو ان حقيقت ۾ ان جي عبادت ڪئي ۽ ان خدا جو شريڪ بڻايو.**

## ان نظريي جو جواب

اسان ان جي جواب ۾ چونداسين ته ان آيت مان اهڙي طرح جو مفهوم وٺڻ عجيب ۽ خدا تي ڪوڙ ۽ بهتان جو واضح مصداق آهي. ان آيت ۾ ڪٿي چيو ويو آهي ته خدا ۽ ان جي وچ ۾ ڪنهن کي واسطو بڻائڻ شرڪ آهي؟ ڇا ان طرح جو مفهوم

[1] سوره يونس :١٨

وٺڻ هن آيت جو مصداق نه آهي.

**(الله اذن لكم ام على الله تفترون)**

**ڇڜ ته الله اوهان کي موڪل ڏني آهي ڇا؟ يا الله تي ٺاه ٺاهيندا آهيو؟**[1]

ان آيت جو مقصد غير خدا جي عبادت ڪرڻ عليه السلام شرڪ، آهي، نه ڪي ڪنهن کي شفيع يا واسطو قرار ڏيڻ. آيت ڪريمه مان پنهنجي مدعيٰ جي اثبات لاءِ ان طرح جو مفهوم وٺڻ هڪ طرح جو مغالطو يا غلط فهمي آهي، ڇو جو اهي ماڻهو جيڪي انبياء عليهم السلام يا آئمه اطهار عليهم السلام ۽ نيڪ ٻانهن کي واسطو قرار ڏيندا آهن، اهي انهن جي پوڄا نه ڪندا آهن. ۽ ان آيت جو شان نزول به ان ڳالهه جي حڪايت ڪري ٿو ته جن جي مذمت ڪئي وئي آهي اهي ماڻهو آهن، جيڪي واسطن جي پوڄا ڪندا هئا. نه ڪي صرف واسطو قرار ڏيندا هئا.

**جلال الدين سيوطي لکي ٿو:**

قيامت جي ڏينهن لات و عزيٰ منهنجي شفاعت ڪندا. ان وقت خدا هي آيت نازل ڪئي فَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرَى عَلَى اللّهِ كَذِبًا أَوْ كَذَّبَ بِآيَاتِهِ إِنَّهُ لاَ يُفْلِحُ الْمُجْرِمُونَ وَيَعْبُدُونَ مِن دُونِ اللّهِ مَا لاَ يَضُرُّهُمْ وَلاَ يَنفَعُهُمْ وَيَقُولُونَ هَـؤُلاء شُفَعَاؤُنَا عِندَ اللّهِ قُلْ أَتُنَبِّئُونَ اللّهَ بِمَا لاَ يَعْلَمُ فِي السَّمَاوَاتِ وَلاَ فِي الأَرْضِ سُبْحَانَهُ وَتَعَالَى عَمَّا

[1] سورت يونس : ٥٩

يُشۡرِكُونَ

ترجمو: **پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جو الله تي ڪُوڙو ٺاه ٺاهي يا سندس آيتن کي ڪوڙ ڄاڻي، سچ آهي ته ڏوهاري نه ڇُٽندا. ۽ الله کانسواءِ جن کي پوڄيندا آهن سي نڪي کين ڏک پهچائيندا آهن ۽ نڪي کين سُک پهچائيندا آهن**[1]

**ابن ڪثير ان آيت جي تفسير ۽ شان جي باري ۾ لکي ٿو:**

خداوند متعال ان آيت ۾ انهن مشرڪن جو ذڪر ڪري رهيو آهي، جيڪي خدا جو شريڪ قرار ڏين ٿا، ان جي پوڄا ڪندا آهن، اهي ان خيال ۾ هوندا آهن ته خدا ان کي پروردگار حقيقي وٽ نفعو پهچائيندا. ان جيڪري خداوند متعال انهن جي باطل عقيدي جي مقابلي ۾ فرمايو: بتن جي شفاعت توهان کي نه فائدو پهچائيندي، اهي ڪنهن شي جا مالڪ نه آهن، نه ئي توهان جو گمان انهن جي باري ۾ صحيح واقع ٿيندو.[2]

**ابو حيان اندلسي پڻ ان باري ۾ لکن ٿا.**

فعل (يعبدون) جي ضمير ڪفّار جي طرف وڃي رهي آهي، ۽ **(مالا يضرهم ولا ينفعهم)** مان مراد بت آهن، جيڪي نفعو پهچائڻ يا نقصان کان دور رکڻ جي طاقت نٿا رکن. طائف وارا لات جي

---

[1] سوره يونس : ١٧۽ ١٨

[2] تفسير القرآن العظيم ٢ : ٦٢٤ سوره يونس ان منبع ۾ هيئن آيو آهي : ينكر تعالیٰ علیٰ المشركين الزين عبدوا مع الله غيره ظانين ان تلک الالهة تنفعهم سفاعتها عندالله فاخبر تعالیٰ انها لا تنفع ولاتضر ولاتملک شيئا ولا يقع مما يزعمون فيها ولايملكون هذا ابدا

پوڄا ڪندا هئا ۽ مڪي وارا **عزيٰ، منات، آسافا، نائله ۽ هُبل** جي پوڄا ڪندا هئا.[١]

## آلوسي مشرڪن جي ان طرح جي عبادت کي ظلم شمار ڪندي لکيو آهي:

اها آيت مشرڪن جي هڪ ٻئي ظلم جي حڪايت ڪري رهي آهي ۽ ان جملي جو عطف آيت نمبر ١٥ تي آهي، جنهن ۾ فرمايو: (و اذا تتليٰ عليهم) هي آيت به مشرڪن جي باري ۾ هئي ۽ خداوند متعال ان آيت جي قصي کي ان آيت جي قصي تي عطف ڪري رهيو آهي ۽ ٻيءِ لفظ (ما) ان آيت ۾ يا ته موصوله آهي يا موصوفه آهي، جنهن مان مراد بت آهن ۽ انهن جي طرف اشارو آهي. ۽ ان اهو جملو (نه توهان کي نفعو پهچائي سگهي ٿو ۽ نه ئي نقصان کي ٽاري سگهي ٿو) جي معنيٰ آهي ته اهي شفاعت جي سگهه نه ٿا رکن ۽ اهي جمادات کانسواءِ ڪجهه به نه آهن.

### ان کانپوءِ آلوسي وڌيڪ لکيو آهي:

طائف وارا لات جي پوڄا ڪندا هئا، ۽ مڪه وارا، منات، آسافا، نائله ۽ هُبل جي پوڄا ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته اهي خدا وٽ اسان جا شفيع آهن.

---

[١] تفسير ابحر المحيط ، ج ٥ ص ١٣٣ ان منبع ۾ هيٺين نقل ٿيو آهي : الضمير في (( ويعبدون )) عائد عليٰ كفار قريش الذين تقدمت محاورتهم وما لا يضرهم وينفعهم هو الاصنام ، جماد لاتقدر عليٰ نفع ولاضرر ... وكان اهل الطائف يعبدون اللات واهل مكة العزىٰ ومناة واسافا ونائلة وهبل))

### ابن ابي حاتم عڪرمہ کان هن طرح نقل ڪيو آهي:

نضر بن حارث چوي ٿو: جڏهن قيامت جو ڏينهن ايندو تہ لات ۽ عزيٰ اسان جي شفاعت ڪندا. ۽ انهن جي ان ڳالهہ بعد اها آيت نازل ٿي.[1]

## (حرمت شفاعت تي ٻئين دليل)

وهابين غير خدا کان شفاعت طلب ڪرڻ کي هن طرح دليل ڏيندي حرام قرار ڏنو آهي.

**(الميّت لا يملك لنفسه نفعا و لا ضرّا فصلا لمن ساله ان يشفع له الى الله)**[2]

ترجمو: ميت نہ تہ پنهنجي نفعي جي مالڪ آهي ۽ نہ ئي نقصان جي، ڪهڙي خبر تہ اهي سوال ڪرڻ واري جي خدا وٽ شفاعت ڪرائيندا.

اسان انهن جي ان دليل جي جواب ۾ چونداسين: اسان ان کان اڳ تفصيل سان بيان ڪري چڪا آهيون تہ انبياءِ، آئمہ هديٰ، شهداءَ زندهہ آهن، نعمات الاهي کان فائدو پرائين ٿا ۽ انهن جي زندهہ هجڻ

---

[1] تفسير روح المعاني ١١: ٨٨ سورهہ يونس ۾ هيٺ بيان ٿيو آهي ان آيت جي تفسير جي زيل ۾ : : ويعبدون من دون اللّٰه )) حكاية لجناية اخرىٰ لهم ،وهي عطف علىٰ قوله سبحانه عليهم : (( واذا تتلىٰ عليهم )) ( يونس : ١٥) الاية عطف قصة علىٰ قصة و (( ما)) اما موصولة او موصوفة . والمراد بها الاصنام . ومعنىٰ كونها لا تضر ولاتنفع انها لا تقدر علىٰ ذلک لانها جمادات ، وكان اهل الطائف يعبدون اللات ، واهل مكة العزىٰ وهبل واسافاونائلة ويقولون : هولاءِ شفعائونا عند اللّٰه . خرج ابن ابي حاتم عن عكرمة قال : كان نضر بن الحارث يقول : اذا كان يوم القيامة شفعت لي اللات والعزىٰ ، وفيه نزلت الاية.

[2] مجموعة المولفات ١ : ٢٩٦ ۽ ٤ : ٤٢

تجدد جي علامت آهي.

جڏهن ته فرقي جو اشتباهه ان جڳهه تي آهي ته اهي گمان ڪندا آهن ته انبياءَ عليهم السلام جي رحلت کان بعد انهن کان شفاعت گهرڻ ائين آهي جيئن ڪنهن مُردي کي شفاعت جي درخواست ڪئي وڃي.

جيئن ته انهن قرآن مجيد جي ان آيت جي تلاوت ئي نه ڪئي آهي يا ان جي معنيٰ ۾ غور فڪر ئي نه ڪيو آهي، ٻين آيتن جيان هن آيت جي به غلط فهمي سان تفسير ڪئي آهي.

خداوند متعال فرمائي ٿو: وَلاَ تَحْسَبَنَّ الَّذِينَ قُتِلُواْ فِي سَبِيلِ اللّهِ أَمْوَاتًا بَلْ أَحْيَاء عِندَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُونَ. فَرِحِينَ بِمَا آتَاهُمُ اللّهُ مِن فَضْلِهِ وَيَسْتَبْشِرُونَ بِالَّذِينَ لَمْ يَلْحَقُواْ بِهِم مِّنْ خَلْفِهِمْ أَلاَّ خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلاَ هُمْ يَحْزَنُونَ يَسْتَبْشِرُونَ بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّهِ وَفَضْلٍ وَأَنَّ اللّهَ لاَ يُضِيعُ أَجْرَ الْمُؤْمِنِينَ

ترجمو: ١٦٩. ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُٺا ويا تن کي مئل پٽيءَ نه ڀانءِ، بلڪ (اُهي) جيئرا آهن (۽) پنهنجي پالڻهار وٽ روزي ڏنل آهن. ١٧٠. جيڪي الله اُنهن کي پنهنجي فضل سان ڏنو آهي تنهن (حال) سان خوش ٿيندڙ آهن ۽ جيڪي سندن پٺيان آهن تن مان جيڪي ساڻن نه گڏيا آهن اُنهن لاءِ هن ڪري خوش ٿيندا آهن ته کين ڪو ڀؤ نه آهي ۽ نڪي اُهي غمگين رهندا. ١٧١. الله جي نعمت ۽ فضل سان خوش ٿيندا آهن ۽ الله مؤمنن

جو اجر نہ وجائيندو آهي.[١]

سمهودي پنهنجي ڪتاب **(الوفاء باحوال دار المصطفيٰ ﷺ)** ۾ ان روايتن کي نقل ڪيو آهي، جيڪي انبياءَ جي رحلت بعد انهن جي زنده هجڻ تي دلالت ڪري رهيون آهن، جن مان هڪ روايت هي آهي:

**(الانبياءَ احياء في قبورهم يصلّون)**

انبياءَ پنهنجي قبرن ۾ زنده آهن ۽ نماز ادا ڪندا آهن.

ٻي روايت:

**(انّ اللّٰه حرّم علي الارض ان تاڪل اجساد الانبياءَ)**[٢]

ترجمو: **خدا زمين تي حرام قرار ڏنو آهي تہ اها انبياءَ جي جسمن کي کائي ختم ڪري.**

ان جي باري ۾ ٻيون بہ روايتون آهن، جيڪي انبياءَ عليهم السلام جي رحلت بعد ان جي زنده ۽ جاويد هجڻ تي دلالت ڪن ٿيون. جيڪي روايتون بيان ڪيون ويون ان مطابق ان فرقي جو عقيدو مسلمانن جي ان مسلم عقيدن برخلاف آهي، جيڪي انهن روايتن مان ورتا ويا آهن.

ٻئي طرف کان وهابي انهن واضح ۽ يقيني دليلن کي رد يا ان جي توجيهہ نٿا ڪري سگهن، انهيءَ ڪري انهن جي فڪر کي مسلمانن جي ڪفر جي مقابلي ۾ قرار ڏنو ويو آهي.

---

١سوره آل عمران ١٦٩ کان ١٧١ تائين

٢وفاء الوفاء باحوال دار المصطفيٰ ٤:١٣٤٩

عبدُالڪافي سبڪي جي بقول ابن تيميہ: **شدّ عن جماعة المسلمين**) اهو مسلمان جي جماعت مان خارج ٿي ويو.[١]
اسان الله سائين کان شيطان جي وسوسن ۽ منافقت کان پناهہ گهرون ٿا

[١] طبقات الشافعية الكبرىٰ ١٠ : ١٤٩ ۽ مقدمة الدرة المضيئة في الرد علىٰ ابن تيميہ . بحوث في الملل والنحل سبحاني ٤ : ٤٢ ۽ سلفيان در گزر تاريخ : ٢٣

# تبرّك

## (تبرّڪ جي تعريف)

تبرّڪ جو لفظ (برڪت) جي مادي مان ورتو ويو آهي. ان لفظ جي لغوي معنيٰ **وڌاءَ ۽ ڪثرت آهي** ۽ اصطلاح ۾ ان جي معنيٰ هڪ موحّد ۽ مسلمان شخص جو انبياءَ ۽ صالحن جي ڇڏيل آثار مان خير و برڪت ۽ ڪثرت جو طلب ڪرڻ آهي.

واضح آهي ته صرف ان عمل جي انجام ڏيڻ جي حرمت تي ڪا دليل موجود نه آهي، بلڪه شرعي اعتبار سان ان عمل کي انجام ڏيڻ ترجيح ۽ برتري ٿو.

قرآن مجيد فرمائي ٿو:

(ذَٰلِكَ وَمَن يُعَظِّمْ شَعَائِرَ اللَّهِ فَإِنَّهَا مِن تَقْوَى الْقُلُوبِ

.٣٢.........ڇوته اِهو (ڪم) دلين جي پرهيزگاريءَ سان آهي[١].

جيتوڻيڪ قرآن مجيد ۾ ان طرح جي نمونن جي ڪا به کوٽ ناهي، جن مان اسان هڪ آيت ڪريمه جي تلاوت ڪريون ٿا.

(وَكَذَٰلِكَ أَعْثَرْنَا عَلَيْهِمْ لِيَعْلَمُوا أَنَّ وَعْدَ اللَّهِ حَقٌّ وَأَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيْبَ فِيهَا إِذْ يَتَنَازَعُونَ بَيْنَهُمْ أَمْرَهُمْ فَقَالُوا ابْنُوا عَلَيْهِم بُنْيَانًا رَّبُّهُمْ أَعْلَمُ بِهِمْ قَالَ الَّذِينَ غَلَبُوا عَلَىٰ أَمْرِهِمْ لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيْهِم مَّسْجِدًا)

ترجمو: ۽ اهڙي طرح (تڏهن) ماڻهن کي هن لاءِ مٿن خبردار ڪيوسون ته ڄاڻن ته الله جو انجام سچو آهي ۽ بيشڪ قيامت (ٿيڻي) آهي ان ۾ ڪو شڪ نه آهي، تڏهن انهن

---

[١] حج ٣٢،

جي ڳالهه بابت پاڻ ۾ جهڳڙو ڪرڻ لڳا پوءِ چيائون ته انهن جي (غار) تي ڪا اڏاوت اڏيو، سندن پالڻهار ڪين چاڻندڙ آهي، جيڪي پنهنجي ڳالهه ۾ غالب ٿيا تن چيو ته انهن (جي غار) تي مسجد ضرور بڻائينداسون[1]

**اهڙي طرح سوره بقره جي آيت نمبر ١٢٥ ۽ سوره يوسف جي آيت نمبر ٢١ ۾ به اهو ئي بيان آهي.**

## (وهابين جو نظريو)

وڏي عرصي کان تاريخ اسلام ۾ مسلمان ان سيرت تي عمل پيرا آهن پر ماضي قريب کان هاڻي تائين ابن تيميه ۽ ان جا پيروڪار قبرن تان تبرّڪ حاصل ڪرڻ ۽ ان تي هٿ ڦيرڻ ۽ منهن کي مس ڪرڻ ۽ ان کي چمڻ کي حرام قرار ڏيندا آهن ۽ مسلمانن تي ڪفر ۽ شرڪ جي تهمت لڳائيندي انهن کي (قبوري) ۽ قبرن جو پوڄاري چوندا آهن. انهن جي نظر ۾ مسلمانن جو اهو عمل جاهليت جي زماني جي ماڻهن جيان آهي، جيئن اهي بتن لاءِ انجام ڏيندا هئا.

## ان نظريي جو جواب

**<u>اسان ان نظرئي جو جواب ٽن طريقن سان ڏيون ٿا:</u>**

---

١ سوره ڪهف ٢١

١: حقيقت ۾ تبرّڪ اها ئي شعائر الاهي جي تعظيم آهي، جيڪا شرعي طور رجحان رکي ٿي ۽ انبياءَ ۽ اولياءَ جو احترام ڪرڻ انهن جي موت سان گڏ ختم نه ٿو ٿئي، بلڪه اهو هميشه لاءِ واجب ٿي وڃي ٿو.

ان باري ۾ امام مالڪ منصور کي چوي ٿو: (**پيغمبرﷺ جو احترام ان جي وفات کانپوءِ به ائين ئي آهي، جيئن انهن جي زندگي ۾ هو**)[1]

٢: جيڪڏهن شعائر الاهي جي تعظيم ۽ قبرن جو احترام جيڪو عبادت شمار ٿئي ٿو، انهن کي چمڻ شرڪ هجي ته ڪيترائي ڪم حرام ٿي ويندا، جن منجهان خانه ڪعبه جي تعظيم، حجر اسود جي تعظيم ۽ ان کي چمڻ، مقام ابراهيم عليه السلام ۽ مسجد نبوي جي تعظيم، ملائڪن جو حضرت آدم عليه السلام کي سجدو ڪرڻ، حضرت يوسف عليه السلام جو ان جي والدين ۽ ڀائرن اڳيان سجدو ڪرڻ ۽ والدين جي تعظيم اهو سڀ شرڪ ٿي ويندو. واضح رهي ته انهن منجهان ڪوئي به عمل شرڪ ناهي، بلڪه عين عبادت آهي.

٣: وهابين جو اهو نظريو صحابه ڪرام، اولياءِ الاهي ۽ فقهاءِ اهلسنت جي طريقي جي مخالف آهي، ان لاءِ مختلف روايتن مطابق صحابه ڪرام، اولياءِ الاهي ۽ مسلمان ڪيترن جڳهن تي

---

[1] الدرر السنية في الرد علىٰ الوهابية ، زيني دحلان ، ص ١٦ ، طبع مصر سال ١٢٩٩ ه ، وفاء الوفاء باخبار المصطفىٰ ، ج٤ ،ص ١٣٧٦ ، المواهب الدينيه ، ج٣ ص ٤٠٩

ان سيرت تي عمل ڪندي تبرّڪ حاصل ڪري رهيا آهن جن مان ڪجهہ نمونا هيٺ ڏجن ٿا:

### مدينہ جي خاڪ ۽ قبر پيغمبر ﷺ جي تربت جي خاڪ مان تبرّڪ

مسلمانن جي سيرت اها رهي آهي تہ قبرِ پيغمبر ﷺ، حضرت حمزہ سيد الشهداءِ عليہ السلام بلڪہ پوري مدينہ منوهر جي خاڪ مان تبرّڪ حاصل ڪندا آهن. ان باري ۾ روايتن ۾ بيان ٿيو آهي تہ مديني منورہ جي خاڪ جُذام، مٿي جي سور ۽ هر بيماري کان شفاء جو ذريعو بڻجي ٿي. ان روايتن جي بناء تي فقهاءِ اسلام جاٽايل خاڪ مان تبرّڪ جي جواز ۽ رجحان جي فتويٰ ڏني آهي ڪجهہ قسم مثال طور پيش ڪريون ٿا.

### ١ : حضرت فاطمہ عليها السلام جو تبرّڪ حاصل ڪرڻ:

حضرت علي عليہ السلام جن فرمائن ٿا:

جڏهن رسول خدا ﷺ جن کي دفن ڪيو ويو تہ فاطمہ عليها السلام رسول خدا ﷺ جن جي قبر مبارڪ جي هڪ طرف بيهي، قبر جي ڪجهہ مٽي کنئين ۽ چهري مبارڪ تي هٽي ڳوڙها ڳاڙيندي ہہ شعر پڙهيا.

**ماذا علي من شمّ تربت احمد:ان لايشمّ مدي الزمان غواليا**
**صبّت عليّ مصائب لو انّها :صبّت علي الايام صرن لياليا**

**مون تي ايترا مصائب آيا جيڪڏهن چٽن ڏينهن تي پون ها ته ڪارين راتين ۾ تبديل ٿي وڃن ها**[١]

## ٢ عبدالله ابن عمر جو تبرّڪ :

ابن حمله چوي ٿو: عبداللهؓ بن عمر هميشه پنهنجي سڄي هٿ کي تبرّڪ حاصل ڪرڻ لاءِ قبر پيغمبر ﷺتي رکندا هئا، اهڙي طرح **بلال حبشي تبرّڪ طور پنهنجي رخسارن کي قبرِ پيغمبر ﷺتي رکندا هئا.**[٢]

**٣: ابو ايوب انصاري جو قبر پيغمبرﷺ سان متبرّڪ ٿيڻ:**

دائود بن صالح چون ٿا: هڪ ڏينهن مروان ڏٺو ته هڪ شخص جو قبر پيغمبر تي رخسار رکيل هو. هو جڏهن ان جي ويجهو ويو ته ان جي مٿي کان پڪڙي ان کي چيو ته تون ڄاڻين ٿو ته تون ڇا ڪري رهيو آهين؟

مروان جڏهن ڏٺو ته اهو ابو ايوب انصاري هو، جنهن چيو ته ها مان ڄاڻان ٿو ته مان ڇا ڪري رهيو آهيان؟ مان ڪنهن پٿر وٽ نه آيو آهيان، بلڪه رسول خدا ﷺوسلم وٽ آيو آهيان، مان رسول خدا ﷺ کان اهو چوندي ٻڌو

**(لاتبڪو علي الدين اذا وليه اهله، ولڪن ابڪو اعليه اذا وليه**

---

١الاتحاف ، شبراوي ، ص، ٩٠؛ وفاء الوفاء باخبار المصطفیٰ ، ج٤، ص ١٤٠٤، ارشاد الساري ج٣ ص ٣٥٢ ، طبع دار الفکر.

٢وفاء الوفاء باخبار المصطفیٰ ، ج٤ص ١٤٠٥ ؛ شرح الشفاء ، ج٢ ،ص ١٩٩

٣ المستدرک علیٰ الصحيحين ج٤، ص ١٤٠٥ ؛ شرح الشفاء ج٢ ص١٩٩

غير اهلہ[١])

## ٤: صحابہ ڪرام جو متبرّڪ ٿيڻ:

سمهودي چوي ٿو: صحابہ ڪرام ؓ پيا ماڻهو قبر پيغمبر ﷺ جي خاڪ کي بطور تبرّڪ کڻندا هئا، اهي ان ديوار وٽان خاڪ کڻندا هئا، جتان قبر کي سوراخ هو، پوءِ بيبي عائشہ ان تي اعتراض ڪندي ان سوراخ کي بند ڪرائي ڇڏيو.

بيبي عائشہ جي ان عمل جي توجيهہ ڪندي چيو ويو تہ: صحابہ ڪرام ؓ پين ماڻهن جو اهو عمل قبر جي ڏيک جي خرابي جو سبب بڻجي ٿو.[٢]

## ٥: حضرت حمزه عليہ السلام جي قبر جي خاڪ مان تبرّڪ:

ابن فرحوم چوي ٿو: اڄ بہ ماڻهو حضرت حمزه عليہ السلام جي قبر جي مٽي تبرّڪ طور کڻي ويندا آهن، ان جي تسبيح ٺاهيندا آهن. انهيءَ بنا تي ماڻهن جو خاڪ مدينہ وارو عمل جائز هجڻ جي دليل آهي.[٣]

## خاڪ مدينہ سان علاج

نقل ٿيل روايت مطابق مسلمان مدينہ جي خاڪ کي بطور تبرّڪ طوراستعمال ڪندا آهن، سمهودي چوي ٿو: ابن نجار جي

---

٢ساڳيو حوالو ١: ٦٩.

٣ساڳيو حوالو ١ : ١١٦

ڪتاب ۾ ابن جوزي جي ڪتاب الوفاء مان روايت اسان تائين پهتي آهي:

**(غبار المدينہ شفاء من الجذام)**[1]

مناوي فيض القدير ۾ لکي ٿو: ابو سلمہ چوي ٿو: مون کان پيغمبر ﷺ جي هي حديث نقل ڪئي وئي، جنهن ۾ رسول خدا ﷺجن فرمايو: غبار المدينہ شفاء من الجذام) يعني مدينہ منوره جي خاڪ جذام جي بيماري کان شفاء جو سبب آهي.

اهو ان حديث کي نقل ڪرڻ کانپوءِ لکي ٿو:

هڪ شخص جذام (ڪوڙهہ)جي بيماري ۾ مبتلا هو، اسان ڏٺو تہ ان بيماري سبب ان جي حالت تمام خراب ٿي وئي هئي. ان مديني منوره جي خاڪ شفاء طور استعمال ڪئي، هڪ ڏينهن اهو گهر کان ٻاهر آيو، قبا جي رستي ۾ وادي بطحان ۾) **ڪومت البيضاء** جي نالي سان هڪ ٽبي تي وڃي پنهنجي بدن کي زمين تي مَليو، جنهن سان ان کي شفاء ملي.[2]

## تبرّڪ بابت اهلسنت جي فقهاءَ جو نظريو:

ان کان اڳ اسان بيان ڪري چڪا آهيون تہ فقهاءِ اهلسنت تبرّڪ جي جائز هجڻ جي فتويٰ ڏني آهي.

عبدالله بن حنبل چوي ٿو: مان پنهنجي پيءُ کان پڇيو: هڪ شخص منبر رسول ﷺکي تبرّڪ طور مس ڪري رهيو هو ۽

---

[1] فيض القدير ٤: ٤٠٠؛ التيسير بشرح الجامع الصغير ٢ :١٥٩

[2] فيض القدير ٤ : ٤٠٠

ان کي چمي رهيو هو ۽ اهو ئي عمل پيغمبرﷺ جي قبر مبارڪ تي به ڪري رهيو هو، ڇا اهو عمل جائز آهي؟

فرمايو: ان ۾ ڪو به عيب نه آهي.[١]

اها ئي روايت ڪتاب (**الجامع في العلل و معرفہ الرجال**) ۾ اضافي سان نقل ٿيل آهي ته: اهو شخص ان عمل کي خداوند متعال جي بارگاهہ ۾ تقرّب جو وسيلو به قرار ڏئي ٿو؟

احمد بن حنبل جواب ۾ چيو: ها ان ۾ به ڪا مشڪل نه آهي.

ابن العلاء چوي ٿو: مون احمد بن حنبل جي ان نظريي کي ابن تيميہ کي ڏيکاريو اهو ان کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو ۽ چيو ته: مون کي احمد تي تعجب ٿي رهيو آهي ته اهو منهنجي نظر ۾ باعظمت شخص آهي، ڇا واقعي اهو انهن جو ئي جملو آهي.[٢]

رملي شافعي به ان تبرّڪ جي باري ۾ هن طرح جي فتويٰ ڏني آهي: **اگر ڪو شخص ڪنهن نبي يا ولي يا عالم جي قبر تي تبرّڪ جي قصد سان هٿ گهمائي يا ان کي چمي ته ان ۾ ڪو به عيب نه آهي.**

محب الدين طبري شافعي چوي ٿو: قبر کي چمڻ ۽ ان کي مس ڪرڻ جائز آهي ۽ **علماءَ ۽ صالحن جي به اها ئي عادت رهي**

---

١ساڳئي حوالي سان ٤ : ١٤١٤، سبل الهدیٰ والرشاد ١٢ : ٣٩٨ عمدة القاري ٩ :٢٤١

٢وفاء الوفاء باخبار المصطفیٰ ٤: ١٤١٤

آهي.[1]

## پيغمبر ﷺ جي آثارمان تبرّڪ

تبرّڪ جي ٻين قسمن جيان هڪ پيغمبر ﷺ جن جي ظاهري حياتيءَ ڪانپوءِ انهن جي باقي رهيل آثارن مان تبرّڪ حاصل ڪرڻ آهي جيئن منبر رسول ﷺ مسلمانن وٽ هڪ خاص عظمت ۽ مقام رکي ٿو، ايتري قدر جو بعض فقهاء پڻ ان منبر جي عظمت ۽ احترام جي ڪري ان جي ويجهو قسم کائڻ کان منع ڪيو آهي ۽ هميشه ان کان متبرّڪ ٿيندا هئا.

ڪتاب **(آثار النبوة)** مان نقل ٿيل آهي ته منبر رسول ﷺ پنهنجي جڳهه تي موجود هو ته باهه جي لپيٽ ۾ اچي ويو، جنهن سبب مدينه وارن کي صدمو پهتو، ان باهه سبب منبر جو دستو جنهن تي رسول ﷺ جن پنهنجو هٿ مبارڪ ۽ پير مبارڪ رکندا هئا، سڙي ويو.[2]

سمهودي چوي ٿو: پيغمبر ﷺ جي منبر تي غلاف جيان هڪ ڪپڙو چاڙهي ان کي رسول خدا ﷺ جن جي روضي جي

---

[1] ڪنز المطالب ، حمزاوي : ٢١٩ اها فتوىٰ شرامسلي ابو بيضاء کان " موهب الدينيه " جي حاشيي ۾ نقل ڪئي آهي

[2] اسنىٰ المطالب ١ : ٣٣١ وفاء الوفاء باخبار المصطفىٰ ٤ : ١٤٠٧ الآثار النبويه

محراب ۾ رکيو ويو، ماڻهن ان محراب تائين هٿ وڌائي منبر کي مس ڪري تبرّڪ حاصل ڪندا هئا[١].

انهن روايتن جي بناء تي فقهاءَ تبرّڪ ۽ منبر کي مس ڪرڻ جي جائز هجڻ جي فتويٰ ڏيندا آهن. امام مالڪ جي استاد يعني يحيٰ بن سعيد انصاري، مالڪ، ابن عمر ۽ مسيب کان نقل ٿيل آهي ته اهو منبر رسول ﷺ جي دستي کي مس ڪرڻ جائز قرار ڏنو آهي ۽ اهڙي طرح جو جائز هجڻ اهلبيت عليهم السلام کان به نقل ٿيل آهي. امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا: **واذا فرغت من الدّعاء عند قبر النبيّ ﷺ فآت المنبر فامسحه بيدک و خذ برمّانتيه، وهما السفلان، وامسح عينيک ووجهک به، فانه يقال: انه شفاء للعين.**[٢]

ترجمو: جڏهن قبر پيغمبر ﷺ وٽ دعا کان فارغ هجو ته منبر جي ويجهو وڃي ان کي مس ڪريو ۽ پوءِ ان جي ٻنهي هٿين کي هٿ سان پڪڙي پنهنجي صورت ۽ اکين کي ان سان مس ڪريو، ان لاءِ جو اهو عمل اکين لاءِ شفا جو سبب آهي.

امام غزالي به ان باري ۾ لکيو آهي: **جيڪو شخص پيغمبر ﷺ جي زندگي ۾ ان کي ڏسي تبرّڪ حاصل ڪري سگهي ٿو،**

---

١ وفاء الوفاء باخبار المصطفیٰ ج٢ : ٣٩

٢ وسائل الشيعه ١ : ٢٧٠ باب ٧.

**اهو ان جي وفات بعد به ان جي زيارت ڪري تبرّڪ حاصل ڪري سگهجي ٿو** ۽ اها ئي شي پيغمبر ﷺ جي زيارت لاءِ سفر جو جواز ۽ سبب بڻجي ٿي.[1]

## پيغمبر ﷺ جي مس ٿيل سڪن مان تبرّڪ

نقل ٿيل روايت مطابق صحابه ڪرام ان ٺلهه مان تبرّڪ حاصل ڪندا هئا، جنهن کي رسول ﷺ جن مس ڪيو هو. جابر بن عبداللهؓ چون ٿا: هڪ سفر ۾ آئون پيغمبر ﷺ جن سان گڏ هيس ته منهنجو هڪ اٺ بيمار ٿي پيو ۽ آئون قافلي کان پوئتي رهجي ويس، رسول ﷺ جن پڇيو: اي جابر ڇا ٿيو؟

مون عرض ڪيو: منهنجو هڪ اٺ بيمار ٿي پيو آهي، جڏهن رسول خدا ﷺ جن ان تي هٿ مبارڪ ڦيريو ته اهو اٺ تندرست ٿي ويو ۽ قافلي کان اڳي اڳي هلڻ لڳو، ۽ جڏهن رسول خدا ﷺ جن ان کي خريدڻ لاءِ چيو ته مون عرض ڪيو توهان جي لاءِ حاضر آهي، پر پاڻ قبول نه ڪيائون.

جنهن بعد جابر چوي ٿو: آئون جڏهن ان اٺ تي مديني ويس ته رسول خدا ﷺ جن حضرت بلال حبشيءَ کي فرمايو ته ان اٺ جي قيمت کان وڌيڪ پئسا ڏئي ڇڏيو.

---

[1] احياء العلوم ١ : ٢٨٥.

جابر چوي ٿو ته مون ارادو ڪيو ته اهي اضافي پئسا مرندي گهڙي تائين مون سان گڏ هجن ۽ انهن کي جدا نه ڪريان، مون انهن کي پنهنجي ٿيلهي ۾ رکي ڇڏيو ايستائين جو واقعه حرّه [١] ۾ شامي فوجين مون کان کسي ورتا.

هڪ ٻي روايت آهي ته انس بن مالڪ چوي ٿو: هڪ ڏينهن حجَمُ پيغمبر ﷺجن جا وار مبارڪ ڪٽي رهيو هو ته صحابه ڪرام ان جي چوڌاري موجود هئا ۽ هڪ رسول خدا ﷺجن جو وار مبارڪ کنيو.

اهڙي طرح ٻي روايت ۾ بيان ٿيو آهي ته احمد بن حنبل هميشه پاڻ وٽ هڪ وار رکندو هو ۽ چوندو هو ته هي وار پيغمبر ﷺجن جو آهي.[٢]

نقل ٿيل آهي ته معاويي مرندي وقت وصيت ڪئي هئي ته مون کي پيغمبر ﷺ جي قميص ۽ چادر ۾ دفن ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ رسول خدا ﷺ جن جو وار مبارڪ رکيو وڃي.[٣]

جيتوڻيڪ اها وصيت رياڪاري جي بنا تي هئي، يا ان جي

---

١ (يعني اهو ڏينهن جڏهن سپاهه يزيد مدينه منوره تي حملو ڪري ماڻهن کي وحشياڻي طريقي سان قتل عام ڪيو ۽ ان جو مال لٽيو

٢ سير اعلام النبلاء ١١: ٢٥٦۽ ٢٣٠

٣ تهذيب الكمال ١٨: ٥٢٦

ڪا حقيقت نہ هئي، ڇو تہ ان جو راوي عبدالاعلي بن ميمون آهي، جيڪو مجهول الحال ۽ رجال جي معتبر ڪتابن ۾ ان جو ناءُ نشان ئي نہ آهي، **پر تبرّڪ هڪ اهڙو امر آهي جيڪو مسلمانن ۾ رائج رهيو آهي.**

چيو ويو آهي تہ تاريخ مان اهو بہ نقل ٿيو آهي تہ صحابہ ڪرام پيغمبر ﷺ جي وضوءَ جي پاڻيءَ مان جيڪي قطرا ڪرندا هوندا هئا، انهن مان شفا طلب ڪرڻ لاءِ هو پاڻ ۾ وڙهندا هئا.[١]

بيبي عائشہ چيو آهي: ماڻهو پنهنجي ٻارڙن کي تبرّڪ طور پيغمبر ﷺ جن وٽ کڻي ايندا هئا.

ابن منڪدر تابعي هميشہ مسجد نبوي جي صحن ۾ اچي ليٽي پوندو هو ۽ پنهنجو جسم ان تي رڳڙيندو هو، جڏهن ان کان ان جو سبب پڇيو ويو تہ هن چيو: مون اتي پيغمبر ﷺجن کي ڏٺو هو.

پر ڇو تہ اهو تابعين منجهان آهي ۽ پيغمبرﷺ کي درڪ نہ ڏٺو آهي، ان جي ڪري ان جو اهو چوڻ تہ مان ڏٺو آهي (ان مان مراد خواب ۾ ڏسڻ آهي)[٢]

روايت ٿيو آهي تہ ڪبشہ نالي عورت چوي ٿي: هڪ ڏينهن

---

١ تاريخ بخاري ٣ :٣٥،ح ١٨٧ ۽ تاريخ طبري ٣ : ٤٥٧

٢ مسند احمد بن حنبل ٦: ٢١٢ ح ٢٥٨١٢، صحيح مسلم ٢٣٧ ح ٢٨٦

پيغمبر ﷺ اسان وٽ آيا ۽ ٽنگيل مَشڪ جي هيٺين پاسي کان پاڻي پيتائون ته مان اٿي ۽ ان مشڪ جو هيٺيون پاسو ڪٽي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو.

ابن ماجه ان روايت کي بيان ڪندي لکيو آهي: **مناسب اهو آهي ته جنهن جاءِ تي پيغمبر ﷺ جن پنهنجو (دهن) منهه مبارڪ رکيو هجي ان مان تبرّڪ حاصل ڪيو وڃي.** ترمذي ان روايت کي نقل ڪيو آهي ۽ ان کي صحيح ۽ معتبر قرار ڏنو آهي. اها روايت احمد بن حنبل، انس کان ۽ ان امّ سليم کان نقل ڪئي آهي.[١]

## اهي قبرون ۽ جنازا جن مان تبرّڪ حاصل ڪيو ويو

روايت ۾ بيان ٿيو آهي ته: هڪ شخص سعد (صحابي رسول ﷺ) جي قبر جي مٽي کنئي ۽ تحقيق بعد معلوم ٿيو ته ان مان مُشڪ جي خوشبو اچي رهي هئي.[٢]

عبدالله بن غالب حداني روز ترويه **(ذوالحج مهيني جي ٨ تاريخ کي روز ترويه چيو ويندو آهي: مترجم)** تي قتل ڪيو ويو، ان جي قبر جي مٽي مان مُشڪ جي خوشبو ايندي هئي، جنهن سبب ماڻهو

١ جامع صحيح ترمذي ٤: ٣٠٦ ؛ سنن ابن ماجه ٢ : ١١٣٢؛ مسند احمد ٣ : ١١٩

٢ البداية والنهاية ١٤ : ١٣٦ ؛ الكنىٰ والقاب ١ :٢٣٧

ان کي پنهنجي ڪپڙن تي مليندا هئا.[١]

حنبلين جي امام احمد بن حنبل (٢٤١ هہ ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪندڙ) جي قبر مشهور زيارت گاهہ آهي ۽ ماڻهو اتان تبرّڪ حاصل ڪندا آهن.

سبڪي امام بخاري جي وفات ۽ ان جي دفن جي باري ۾ هن طرح لکيو آهي:

جڏهن بخاري کي دفن ڪيو ويو تہ ماڻهو ان جي قبر جي مٽي کڻي ويندا هئا ۽ ايستائين جو قبر ظاهر ٿيڻ لڳي ۽ قبر کي بچائڻ بہ مشڪل هو، ان جيڪري قبر جي مٿان هڪ جاري هئين وئي، (مربع يا مستطيل هئي، ان ۾ سوراخ هئا، جنهن ڪري ڪنهن جو بہ هٿ قبر تائين نہ پهچندو هو)

ابن تيميہ جا پيرو ڪار ان جي جنازي ۽ ان جي غسل جي پاڻي مان تبرّڪ حاصل ڪندا هئا. سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا ابن تيميہ جا پيروڪار مُشرڪ ۽ بدعتي هئا؟ ڇا اها فتويٰ ان جي پيروڪارن لاءِ نہ آهي؟

ڇا تبرّڪ ۽ مس ڪرڻ جو جائز هجڻ عقلي امر ۽ مسلمانن لاءِ عام نہ هو ۽ ان جو حرام هجڻ جي فتويٰ ڏيڻ هڪ غير معقول

---

[١] سير اعلام النبلاء ١٦: ٢٤٥

۽ غير شرعي ڪم نہ آهي؟

ها ابن تيميہ جي تشيع جنازي ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ اهي تبرّڪ حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي رومال ۽ پٽڪا ان جنازي طرف اڇلائي رهيا هئا ۽ ان جنازي جي تختي جون لڪائيون پڇي تبرّڪ سمجهي پاڻ سان گڏ ڪٽي ويا۔ انهن بچي ويل پيرخريد ڪري پاڻ ۾ ورهائڻ نقل ٿيو آهي: **اها رسي جيڪا سيماب ۾ تر هئي ۽ ابن تيميہ جوئان ڪيڻ لاءِ ان کي پاڻ وٽ رکندو هو۔ اها ١٥٠ درهم ۾ خريد ڪئي وئي.**[١]

ابن تيميہ ۽ وهابي فڪر مطابق اهي سڀ ڪم شرڪ جا واضح نمونا هجڻ جي بنا تي ان جي جنازي ۾ شريڪ تمام ماڻهو مُشرڪ هئا.

تبرّڪ جي ٻين قسمن مان هڪ يحيٰ بن مجاهد (م ٣٦٦ هہ) کان تبرّڪ حاصل ڪرڻ آهي: ابن بشڪوال چوي ٿو: اهو زاهد عصر ۽ پنهنجي شهر جو عابد شخص هئو۔ ماڻهن ان کان تبرّڪ حاصل ڪندا هئا ۽ ان کان دعا جو سهارو وٺندا هئا.[٢]

مسلمان باعظمت شين مان بہ تبرّڪ حاصل ڪندا هئا۔

---

١ الطبقات الشافعية الكبرىٰ ٨: ٣٩٦

٢ احياء العلوم ١ : ٢٦٠

سبڪي چوي ٿو: ٦٤٢ ۾ منهنجو والد دار الحديث اشرفيہ ۾ ٽڪيا تہ اتي هر رات ان جي برآمدي ۾ هڪ فرش تي عبادت ڪندا هئا ۽ پنهنجي چهري کي ان تي مليندا هئا. اهو فرش (وقف ڪرڻ واري) جي زماني کان اتي موجود هو ۽ درس پڙهائڻ وقت ان تي ويهندو هو.

امام غزالي پيغمبر ﷺ جي زيارت جي آداب ۾ لکي ٿو.

زيارتيءَ کي گهرجي تہ اهو اريس نالي کوهہ جي ويجهو وڃي، اهو ان لاءِ چيو ويو آهي تہ پيغمبر ﷺ ان ۾ آب دهن وڌو هو، اهو کوهہ مسجد جي ويجهو آهي. پيغمبر ﷺ ان مان پاڻي پيتو ۽ ان پاڻي مان وضو ڪيو، جيتوڻيڪ مديني منوره ۾ ٽيهہ جڳهون، مسجدون زيارت جي عنوان سان معروف آهن ۽ شهر جا ماڻهو ان کان واقف آهن ۽ زيارتي کي گهرجي تہ اهو پنهنجي طاقت مطابق اتي وڃي، شفا ۽ تبرّڪ حاصل ڪرڻ لاءِ پڻ ان کوهہ وٽ وڃي، (جنهن مان پيغمبر ﷺ جن پاڻي پيتو ۽ وضو ۽ غسل ڪيو هو)[1]

امام احمد بن حنبل جي پٽ وٽ پنهنجي پيءُ جي نشاني ڪُرتو هو، اهو چوي ٿو تہ: مان ان سان نماز پڙهندو آهيان ۽ ان مان

---

[1] الطبقات الشافعية الكبرىٰ ٨ : ٣٩٦

تبرّڪ حاصل ڪندو آهيان.[١]

مختلف صدين ۽ زمانن ۾ تبرّڪ جي باري ۾ جيڪا مسلمانن جي سيرت بيان ڪئي وئي، ان کي نظر ۾ رکندي وهابين جو اهڙو عقيدو اسلام ۽ توحيد کان انحراف جو دليل نہ آهي؟

محمد بن اسماعيل بخاري ٢٥٦ هہ ۾ فوت ٿيا، سمر قند جي ماڻهن ان کي دفن ڪيو ۽ ان جي قبر جي مٽي مان تبرّڪ حاصل ڪيو، ڇا اهي ڪافر هئا؟

توهان ڪهڙي بنا تي مسلمانن تي حملو ڪندا آهيو ۽ انهن ڏانهن ناجائز نسبت ڏيندا آهيو؟

بس ڪٿي آهي توهان جي ڪلام ۾ تقويٰ ۽ پاڪدامني؟

اسلام ۽ سنت ۾ ڪٿي توهان جا اهي فڪرَ ۽ فتوائون ڪٿي موجود آهن؟ اسان تبرّڪ جي باري ۾ اهڙي طرح نصوص تي اڪتفاء ڪندا آهيون، جهڙي طرح نصوص جن ۾ تبرّڪ کي مسلمانن وچ ۾ پيغمبر ﷺ کان وٺي اڄ تائين هڪ مروج امر بيان ڪيو ويو ۽ ڪنهن فقيہ بہ ان جي حرام هجڻ جي فتويٰ نہ ڏني بلڪہ ان جي جواز، رجحان ۽ استحباب جي بہ تصريح ڪئي، اسان ان بحث کي ذهبي جي ڪلام تي تمام ڪريون ٿا، هو

---

١ سير اعلام النبلاء ١١: ٢٣٠

لکي ٿو:

عبدالله بن احمد چوي ٿو: مان پنهنجي پيءُ احمد بن حنبل کي ڏٺو ان پيغمبر صلي ﷺجو وار مبارڪ هٿ ۾ کنيل هو، ان کي ڪپڙن سان مس ڪندي ۽ ان کي چمندي، منهنجي خيال مطابق اهو ان کي اکين تي به لڳائيندو هو، اهڙِي طرح پاڻي ۾ وجهي ان پاڻي کي شفا طور پيئندو هو. هڪ ڏينهن مون ڏٺو ته پيغمبر ﷺجا ٿانو پاڻي ۾ وجهي اهو پاڻي پي رهيا هئا.

ذهبي چوي ٿو: ڪٿي آهي اهو ضدي انسان جيڪو احمد جي ان عمل کان انڪار ڪري؟ جهڙي طرح ان عمل مان ثابت ٿيو آهي.

عبدالله پنهنجي پيءُ کان ان شخص جي باري ۾ پڇيو جيڪو پيغمبرﷺجي مبر جي دستي مبارڪ کي چمي رهيو هو، ته ان جواب ۾ چيو اهڙِي عمل سان ڪا مشڪل نظر نه ٿي اچي، مان خوارج ۽ بدعتين جي انحرافي فڪرن کان خدا جي بارگاهه ۾ معافي گهران ٿو.[١]

---

١ سير اعلام النبلاء ١١: ٢١٢.

# حاجت جي درخواست

اهي موضوعات جيڪي تاريخ ۾ رائج آهن انهن مان هڪ استغاثو ۽ خدا جي غير کان مدد طلب ڪرڻ آهي.ان موضوع ۾ به وهابين جو نظريي سيني مسلمانن جي نظريه جي مبرخلافآهي.

ابن تيميه چئي ٿو :

جيڪڏهن ڪوشخص اهڙي ميت کي جيڪا عالم برزخ ۾ موجود آهي هي چوي: منهجي مدد ڪر ،منهنجي شفاعت ڪر، دشمن جي شر کان مون کي بچاءِ ۽ اهڙا بيا الفاظ ادا ڪري جن کي الله کانسواءِ استعمال نٿو ڪري سگهجي ته اهو مشرڪ آهي ۽ ان جو اهو عمل شرڪ جي قسمن منجهان هڪ قسم آهي [1]

اهو پنهنجي رسالي (( زيارت القبور والاستئجار بالمقبور)) ۾ لکي ٿو [2]

جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن نبي يا ولي جي قبر تي وڃي ان کان مدد طلب ڪري مثال طور جيئن ان کان درخواست ڪري ته مون کي بيماريءَ کان شفا ڏئي ......ته اهو شخص سئون

---

[1] الهدية السنية : ٤٠

[2] رسالہ زيارت القبور : ١٨ ٢١ ۽ ١٥٦.

سڄو شرڪ جو مرتڪب ٿيو آهي اهڙي جملي چوڻ واري کي گهرجي تہ توبہ ڪري جيڪڏهن توبہ نہ ڪري تہ ان کي قتل ڪري ڇڏجي[١]

اهڙي طرح محمد بن عبدالوهاب چئي ٿو :

خدا جي غير کان حاجت جي درخواست انهن کي سڄڻ دين مان خارج ٿيڻ يا مشرڪن جي ٽولي ۾ داخل ٿين جو سبب بڻجي ٿو ۽ اهڙي شخص جو مال ۽ جان مباح آهي سواءِ ان جي جو توبہ ڪري ([٢])

وهابي مردي کان دعا گهرڻ کي جائز نٿا سمجهن ۽ انهن جي دليل هي آيت ڪريمہ آهي :

**( ان المساجد فلاتدعوا مع الله احدا)** [٣]

---

١ ان ڳالهہ کي ذڪر ڪندو هلان تہ اڄ بہ پنهنجي فقهي ڪتابن ۾ انهن خرافات کي لکن ٿا جهڙوڪ (( فتاویٰ اللجنة الدائمة للبحوث العلمية والافتاء ٣١٥: ٨)) اتي لکيل آهي تہ : اهل سنت کي گهرجي تہ پنهنجون ڌيئر شيعن ۽ڌهرين کي نہ ڏين جيڪڏهن اهڙو عقد واقع ٿيندو تہ اهو شرعا باطل آهي ان جيڪري جو جو شيعن ۾ اهلبيت ١ عليهم السلام کي سڏيندا آهن انهن کان مدد گهرندا اهن ۽ اهو اسان وٽ شرڪ اڪبر آهي . ان ئي ڪتاب جو مصنف هڪ بئي جاءِ تي لکي ٿو تہ اهي (شيعہ ) اسلام جي دائري کان نڪتل آهي ۽ اهي شرڪ اڪبر ۾ مبتلا آهن ان بناپ تي انهن کي پنهنجون نياڻيون ڏيڻ ۽ انهن جي خواتين سان شادي ڪرڻ حرام آهي اهڙي طرح جيڪڏهن اهي ڪنهن حيوان کي ذبح ڪن تہ اهو بہ حرام ٿي وڃي ٿو ان جو کائڻ حرام آهي .

ڪشف الشبهات : ٥٨ ٢

سوره جن : ١٨ ٣

۽ سڀ مسجدون الله جي لاءِ آهن ان سان گڏ ڪنهن کي نه سڏيو.

## وهابي نظريہ جي چند چاڻ ۽ ان تي اعتراض

جيئن ته اسان پهريان ذڪر ڪري آياسين ته الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي سڏڻ مسلمانن ۾ رائج آهي . هاڻي وهابين جي نظريي جي تحقيق ۽ ان تي اعتراض کي بيان ڪنداسين . اسان انهن جي جواب ۾ چئون ٿا ته **الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي کان مدد گهرڻ ٽن طريقن سان ممڪن آهي**

**١ ان شخص کي فقط ان جي نالي سان سڏيو وڃي مثال جي طور تي هجي** چئون : يا محمد ص! يا عبدالقادر ! يا اهل بيت عليهم السلام

٢ ڪڏهن هيئن مدد گهري ويندي آهي : اي فلاڻا منهنجو قرض ادا ڪر ۽ **مون کي شفا ڏئي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان مون کي ڪنهن جو محتاج نه ڪجان .**

٣ ڪڏهن هيئن سڏ ڪيو ويندو آهي ! اي **فلان منهنجي شفاعت ڪر ! خدا کان منهنجي حاجت پوري ٿيڻ لاءِ اوهان دعا ڪيو** .

واضح آهي ته انهن ٽنهي قسمن مان ڪنهن به هڪ ۾ ڪو حرج نه آهي ان لاءِ هر موحد مسلمان جو عقيدو آهي ته **خدا**

**کانسواءِ ڪا اهڙي ذات نہ آهي جيڪا اڪيلي سر ڪو نفعو يا نقصان ڏئي.**

ان بناء تي جنهن شخص کي الله سائين پاڻ چونديو آهي ۽ ٻين تي برتري ڏني اٿائين ان ڏانهن رجوع ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ اهو شخص (نبي يا امام ) واسطو بڻجي تہ جيئن جلدي حاجت قبول ٿئي.

جيڪڏهن ڪو شخص اهو چوي تہ يارسول اللهﷺ منهنجي ( حاجت پوري ٿيڻ لاءِ اوهان دعا ڪيو) تہ ان جو يقينا مقصد الله سائين آهي جنهن جي هٿ ۾ پوري قدرت آهي ۽ اهو فعل کي سبب جي طرف نسبت ڏيڻ جي باب مان آهي ۽ بالڪل ائين آهي جو چئجي تہ بهار جي موسم ساوڪ ئي ساوڪ ڪري ڇڏي

قرآن مجيد ۾ بہ اهڙي طرح ڪافي جڳهن تي ظاهرا ڪنهن ڪم جي نسبت الله جي ٻانهن ڏانهن ڏني وئي آهي جن مان اسان ٻن کي ذڪر ڪريون ٿا :

١ سورت توبہ ۾ ارشاد ٿئي ٿو : وَلَوْ أَنَّهُمْ رَضُوْاْ مَا آتَاهُمُ اللّهُ وَرَسُولُهُ وَقَالُواْ حَسْبُنَا اللّهُ سَيُؤْتِينَا اللّهُ مِن فَضْلِهِ وَرَسُولُهُ إِنَّا إِلَى اللّهِ رَاغِبُونَ

ترجمو : **۽ الله ۽ سندس پيغمبر جيڪي کين ڏنو آهي تنهن تي**

**جيڪڏهن راضي ٿين ها ۽ چون ها ته اسان کي الله ڪافي آهي اسان کي الله پنهنجي فضل سان ڏيندو ۽ سندس پيغمبرﷺ (به ڏيندو) اسين الله ڏانهن اميدوار آهيون (ته اُنهن لاءِ ڀلو هجي ها[١].**

حقيقت ۾ بي نياز ڪرڻ الله جي طرفان ئي هوندو آهي ليڪن الله سائين پنهنجي رسول ﷺ کي به رزق ڏيڻ ۾ شريڪ قرار ڏنو آهي پر وهابي اهڙي ڳالهه( مون کي رزق ڏي) کي شرڪ ٿا سمجهن

## ٢ سورت آل عمران ۾ حضرت عيسىٰ عليه السلام فرمائن ٿا

﴿وَرَسُولاً إِلَى بَنِي إِسْرَائِيلَ أَنِّي قَدْ جِئْتُكُم بِآيَةٍ مِّن رَّبِّكُمْ أَنِّي أَخْلُقُ لَكُم مِّنَ الطِّينِ كَهَيْئَةِ الطَّيْرِ فَأَنفُخُ فِيهِ فَيَكُونُ طَيْرًا بِإِذْنِ اللّهِ وَأُبْرِئُ الأكْمَهَ والأَبْرَصَ وَأُحْيِي الْمَوْتَى بِإِذْنِ اللّهِ وَأُنَبِّئُكُم بِمَا تَأْكُلُونَ وَمَا تَدَّخِرُونَ فِي بُيُوتِكُمْ إِنَّ فِي ذَلِكَ لآيَةً لَّكُمْ إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ﴾

ترجمو ۽ (اُن کي) بني اسرائيلن ڏانهن پيغمبر ڪري موڪليندو، (عيسىٰ وڏو ٿيو ۽ چيائين ته) مون اوهان جي پالڻهار وٽان نشاني آندي آهي، ته آءٌ اوهان لاءِ مٽيءَ مان پکيءَ جي شڪل جهڙو (بوتو) بڻائيندس پوءِ منجهس ڦوڪيندس ته الله جي حُڪم سان

---

[١] توبه ٥٩

[٢]

پکي ٿيندو، ۽ (ماءُ ڄاول) انڌي ۽ ڪوڙهي کي ڇُٽائيندس ۽ الله جي حُڪم سان مُئي کي جياريندس، ۽ جيڪي کائيندا آهيو ۽ جيڪي پنهنجن گهرن ۾ سانپيندا آهيو سو اوهان کي ڏسيندس، جيڪڏهن اوهين مڃيندڙ آهيو ته اوهان لاءِ اُن ۾ نشانيون آهن .[١]

ان آيت ۾ به الله سائين بگ جي بيماري ۽ مئلن کي زنده ڪرڻ جي نسبت حضرت عيسىٰ عليه السلام ڏانهن ڏني آهي جڏهن اهو جائز آهي ۽ يقينا جائز آهي ته پوءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم يا ڪنهن الله جي ولي کان بيماري جي شفاعت جي گهر ڪرڻ يا قرض جي ادا ڪرڻ جي دعا ڪرڻ کي ڪيئن شرڪ چئي سگهجي ٿو!؟ جيڪڏهن اهو استغاثو الله جي حڪم سان هجي ته پوءِ شرڪ ڪيئن ؟

## مزي جي ڳالهه اها آهي ته ابن تيميه پاڻ لکي ٿو:

رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جن کان روايت نقل ٿئي آهي ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو : (( مامن رجل يدعو اله اخوه بظهر الغيب دعوة الا وكل الله بها ملكا، كلما دعا لاخيه دعوة، قال الملك: ولك مثل ذلك))

جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ ان جي پرپٺ ان جي لاءِ دعا ڪري ته الله سائين ان جي ڀاءُ جي پاران هڪ وڪيل کي معين ڪندو آهي پوءِ جڏهن به اهو پنهنجي ڀاءُ لاءِ

---

١ آل عمران ٤٩

دعا ڪندو اهو فرشتو چوندو آهي : تنهجي لاءِ بہ ائين ٿئي [١]
ان حديث شريف جي مطابق اهو عمل جائز آهي اهڙي طرح ٻئي حديث ۾ بيان ٿيو آهي تہ :

هڪ ڏينهن جڏهن ڏُڪر پيو تہ ماڻهن پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو تہ باران رحمت ( مينهن جي وسڻ لاءِ) دعا گهرو پاڻ سڳورن ﷺ دُعا گهري ۽ مينهن وسي پيو [٢]

جيڪو ڪجهہ بيان ٿيو ان مان اهو سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن کي پاڻ وٽ گهرائڻ جي لاءِ دعا گهري ۽يا وري جيڪڏهن ڪو ڪنهن کان ڪا مدد گهري ٿو ۽ اهو شخص ان جي ضرورت پوري ڪري ٿو تہ حقيقت ۾ ان عبادت ڪئي آهي نہ گناهہ.

اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو رسولخدا ﷺ کي سڏي ٿو ۽ سندن کان شفاعت جي گهر ڪري ٿو تہ ان کي خبر آهي معاملو الله سائين جي هٿ ۾ آهي پر جيڪڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي واسطي سان منهنجي حاجت قبول ڪري ۽ جيڪڏهن الله سائين نہ چاهي تہ ان جي حاجت کي رد ڪري سگهي ٿو . پاڻ سڳورا ﷺ صرف الهي فيض جي پهچائڻ ۾ واسطو آهن ۽ درخواست ڪرڻ وارو بہ پاڻ سڳورن ﷺ کي واسطي ۾ مستقل (ٽڪو تنها) ڪونہ سمجهندو آهي .

---

رسالة زيارة القبور : ١٢ ؛ کشف الارتياب : ٢٢٣ ١
مسند احمد ٣ : ٢٤٥ ، ح ١٣٥٩١ ٢

ٻئي طرف جيئن اسان (( شفاعت )) واري بحث ۾ ذڪر ڪري چڪا آهيون ته الله جا نبي هن دنيا مان انتقال ڪرڻ کان بعد به زنده آهن بس پوءِ انهن کان حاجت يا شفاعت جي گهر ڪرڻ ۾ ڪابه رڪاوٽ نه آهي ان لاءِ جو اهي زندا آهن بس جيڪو وهابي چون ٿا اهي مري ويا نعوذبالله بس يا انهن کان حاجت جي گهر ڪرڻ يا شفاعت جي گهر ڪرڻ شرڪ آهي اهو انهن جو نظريو باطل ۽ فضول آهي

## فقهاء جي نظر ۾ استغاثو ۽ مدد گهرڻ

جيڪو ڪجهه به بيان ٿيو ان مان اهو سمجهه ۾ آيو ته وهابين جو استغاثي ۽ مدد جي گهر ڪرڻ ۾ شرڪ وار نظريو باطل آهي ۽ ان سان گڏوگڏ اهل سنت جي عالمن به وهابين جي ان نظريه کي باطل قرار ڏنو آهي جن مان اسان ڪجهه نظرين کي ذڪر ڪريون ٿا:

### ١ علامه قسطلاني (م ٩٢٣ هه) چئي ٿو :

رسول خدا ﷺ جي زيارت ڪرڻ واري شخص جي لاءِ بهتر آهي ته روضي ۾ عاجزي ۽ نوڙت سان دعا ڪري .اهڙي طرح اهو پاڻ سڳورن ﷺ کان استغاثو ڪري ان کان شفاعت جي گهر ڪري ۽ انهن سان توسّل ڪري [١]

---

[١] المواهب الدينيه ٣ : ٤١٧.

**٢ علامہ مراغي (م ٨١٦ هہ) چون ٿا :**
رسول خدا ﷺجي ولادت کان پھريان يا انھن جي ولادت کان بعد ۽ اهڙي طرح انھن جي رحلت کان بعد جڏهن اهي عالم برزخ ۾ آهن انھن کان عالم برزخ ۾ يا قيامت واري ڏهاڙي لاءِ شفاعت جي گھر ڪرڻ يا انھن سان توسّل ڪرڻ ۾ ڪائي قباحت بہ رڪاوٽ آهي[1]

٣ قيرواني مالکي (م ٧٣٧ هہ) قبرن جي زيارت جو هڪ الڳ فصل لکيو آهي ان ۾ لکي ٿو :
انبياء ۽ رسول ( الله جو درود ۽ سلام هجي انھن تي ) جو احترام اهو آهي تہ زوارن کي انھن جي قبرن تي وڃڻ کان پھريان انھن جي زيارت جي نيت ڪرڻ گھرجي ۽ ان کان بعد عاجزي ۽ نوڙت سان راز ۽ نياز سان انھن جي مزارن جي پاسي ۾ ويھي ڪري دل ۽ فڪر سان انھن ڏانھن متوجہ ٿئي ، ۽ دل جي اکين سان انھن جو ديدار ڪري ان جيڪري جو انھن جا بدن کندريل نہ آهن ۽ اهي احيا زندھ آهن .
بس الله سائين کان پنھنجي گناهن جي جي بخشش جي گھر ڪرڻ يا ڪنھن تمنا کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪنھن کي وسيلو قرار ڏجي ۽ اهو يقين بہ رکي تہ انھن جي صدقي ان جي دعا قبول ٿيندي ان لاءِ جو الله جا دروازا کليل آهن ۽ سنت الهي بہ اها

---

[1] تحقيق النضرة : ١١٣

آهي ته الله سائين به ماڻهن جي حاجتن کي انهن جي وسيلي ۽ انبياء جي هٿن مبارڪن سان قبول ڪندو آهي .
اولين ۽ آخرين جي سردار حضرت رسولخدا ﷺجي زيارت ڪرڻ وقت يا جيڪو ڪجھ بين نبين لاءِ ذڪر ڪيو ويو آهي ان کان وڏيڪ انجام ڏيڻ گھرجي . ۽ وڏ ۾ وڏ نوڙت، تواضع،گڙگڙائيندي انهن جي مزار تي بيهي چاڪاڻ ته اهي اهڙا شفيع آهن جو جن جي شفاعت ڪڏهن رد نه ٿيندي ۽ جيڪا فرياد ۽ حاجت کڻي انهن وٽ ويندو ته ڪڏهن به نااميد نه ٿيندو ۽ پاڻ سڳورن ﷺسان گناهن جي بخشش جي لاءِ جيڪڏهن توسّل ڪجي ته اهي گناهن کي معاف ڪرائڻ ۾ بهترين وسيلو آهن.[١]

## استغاثي جا نمونا

اسان صحابه ڪرام ۽ اهل سنت جي علماء جا رسول خدا ﷺ سان استغاثِي جاِ ڪجھ نمونا پيش ڪريون ٿا

### ١ نابينې جو رسول خدا ﷺ کان استغاثو:

طبراني پنهنجي سند سان حضرت عثمان بن حنيف کان نقل ڪري ٿو :
هڪ شخص ڪيترا ئي دفعا پنهنجي مُشڪل کي حل ڪرائڻ لاءِ ( ٽين خليفي) عثمان بن عفان وٽ آيو پر انهن ان ڏانهن

---

١ المدخل في زيارة القبور ١ : ٢٥٧ ؛ الغدير ٥ : ١١١

ڪا توجهہ نہ ڪئي ۽ اهو شخص عثمان بن حنيف سان مليو ۽ سڄي ڳالهہ ان نابينيءَ ان کي ٻڌائي.

عثمان بن حنيف جن چيو : وضو ڪري مسجد ۾ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي ڪري هيئن چئو (( اللهم اني اسئلک واتوجہ اليک بنبينا محمد ﷺ نبي الرحمة يا محمد ﷺ ! اني اتوجہ اليک بک الیٰ ربي فتقضي لي حاجتي ))

اي منهجا پالڻهار ! مان تون کي واسطو ڏيان ٿو تنهنجي نبي رحمة للعالمين جو ۽ تنهنجي بارگاهہ ڏانهن متوجهہ آهيان يامحمد ﷺ! مان توهان کي پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ وسيلو قرار ڏيان ٿو بس منهنجي حاجت پوري ٿئي .

ان کان بعد پنهنجي حاجت کي بيان ڪر . ان نابينيءَ عثمان بن حنيف جي ڏسيل طريقي مطابق دعا گهري ۽ ان کان بعد عثمان بن عفان جي گهر ويو جيئن ئي ان جي چوڪيدار ان کي ڏٺو ان کي هٿ کان وٺي عثان وٽ آندائين . انهن کي بخمل جي هڪ فرش تي ويهاريائون ۽ پڇيا ڪيائون توهانجو ڪهڙو ڪم آهي ؟ ان شخص پنهنجي مشڪل بيان ڪئي تہ اها عثمان بن حنيف ان کي حل ڪري ڇڏيو اتان اهو حلي ڪري سڌو عثمان بن حنيف جي گهر ويو اتي پڇي ڪري انهن کي چيائين خدا اوهان کي جزاءِ خير ڏئي جو توهان سفارش ڪئي اتي انهن چيو : اللّٰه جو قسم مان تہ اوهان جي ڪا بہ سفارش ناهين ڪئي جيتوڻيڪ هڪ ڏينهن مان ڏٺو تہ هڪ نابينو رسولخدا ﷺجي

خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي نابينا ئي جي شڪايت ڪيائين
پاڻ سڳورن ﷺ کي فرمايو ڇا صبر ڪري سگهين ٿو ؟
ان عرض ڪيو مولا مون وٽ ڪو اهڙو شخص بہ ناهين جو مون
کي منهنجي عصا سان هيڏانهن هوڏانهن وٺي وڃي ۽ اهو منهنجي
لاءِ ڏاڍو ڏکيو آهي .
پاڻ سڳورن ﷺ وچ وضو ڪر ۽ ٻہ رڪعت نماز پڙهي ڪري
هي دعا گهر...
عثمان بن حنيف چون ٿا : اسان ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ جي
خدمت ۾ هئاسين گهڻو وقت نہ گذريو هو جو اهو نابينو بينا ٿي ويو
ائين ٿي ويو ڄڻ ڪڏهن اهو نابينو ئي ڪو نہ ٿيو هو .[1]

**٢ بيبي عائشہ ۽ عمر جو پاڻ سڳورن ﷺ جي پاڪ تربت سان استغاثي جو حڪم ڏيڻ** دارمي پنهنجي سنن ۾ هيئن نقل ڪري
ٿو : هڪ ڏينهن مديني ۾ ڏڪر ٿي پيو تہ انهن بيبي عائشہ کي
شڪايت ڪئي تہ انهن چيو : توهان رسول خدا ﷺ جي مزار ۾
هڪ سوراخ ڪيو تہ جيئن قبر پيغمبر ۽ آسمان جي وچ ۾
ڪو مانع نہ رهي .
راوي چئي ٿو جڏهن ماڻهن ائين ڪيو تہ ايڏو مينهن وسيو جو

١ ان حديث کي هنن ڪتابن ۾ نقل ڪيو ويو آهي : مسند احمد ٤ : ١٣٨ ؛ سنن ترمذي ٥ : ٥٦٩ ، ح ٣٥٧٨ ، سنن ابن ماجہ ١ : ٤٤١ طبراني ان کي المعجم الڪبير جي ٩ : ٣٠ ، ح ٨٣١١ ۽ معجم الصغير ١ : ٣٠٦ ۾ لکيو اهي ۽ ان حديث کي صحيح بہ قرار ڏنو اٿائين ١ .

ساوڪ ٿي وئي ۽ حيوان موٽا ٿي ويا ايتسائين جو رڍن جي اوٺر ظاهر ٿيڻ لڳي ۽ انهن جي وچ ۾ ڏار پئجي ويو ان جيڪري ان سال جو نالو ئي فتق پئجي ويو يعني موٽي هجڻ سان جيڪي چير پئجي ويندا آهن ان وارو سال[1]

بي روايت ۾ ابن ابي شيبہ صحيح سند سان ابي صالح سمان ۽ ان وري مالک الدار کان ( جيڪو ٻئين خليفي جو انچارج هيو ) کان روايت نقل ڪئي آهي تہ :

ٻئن خليفي جي زماني ۾ جڏهن قحط سالي هئي هڪ شخص رسول خدا ﷺجي قبر اطهر تي بيهي ڪري چيو : يا رسول اللهﷺ توهان جي امت هلاڪ ٿي رهي آهي الله جي رحمت ( مينهن وسڻ جي دعا ڪيو ) ان کي خواب ۾ چيو ويو عمر وٽ وڃ.

سيف پنهنجي ڪتاب الفتوح ۾روايت نقل ڪندي چئي ٿو تہ اهو شخص هلال بہ حارث مزني هو جيڪو رسول خدا ﷺجا صحابي هئو [2]

---

١ سنن دارمي ١ : ٥٦ سبل الهدیٰ والرشاد ١٢ : ٣٤٧ وفاء الوفاء باخبار المصطفیٰ ٤ : ١٣٧٤ [1]

فتح الباري ٢ : ٤٩٥ ۽ وفاء الوفاء باخبار المصطفیٰ ٤ : ٣٧٢. ٢

**مسعودي پنهنجي ڪتاب (مروج الذهب) ۾ لکي ٿو:**

٥٣ هجري ۾ عراق جي حاڪم زياد بن ابيہ پنهنجي هڪ خط ۾ معاويہ ڏانهن هيئن لکيو :

مان سڄي هٿ سان عراق کي فتح ڪيو ۽ منهنجو کٻو هٿ خالي آهي . تہ معاويہ ان کي حجاز جي حڪومت بہ ڏئي ڇڏي جيئن ئي اها خبر مديني پهتي تہ مديني جا رهواسي مسجد نبوي ۾ گڏ ٿي ڪري گڙگڙائي ۽ وڏي آواز سان روئڻ لڳا ۽ ٿي ڏينهن ائين رسول خدا ﷺ جي مزار ۾ ان جي ظلمن کان پناهہ گهرندا رهيا ان لاءِ جو اهي ان جي ظلمن کان باخبر هئا .[1]

هڪ روايت ۾ نقل ٿيو آهي تہ محمد بن منڪدر چون ٿا :

هڪ شخص منهنجي والد وٽ ٨٠ دينار امانت طور رکيا ۽ اهو بہ چيائين جيڪڏهن ضرورت پئي تہ انهن کي خرچ ڪري جهاد تي هليا وڃجو .

اهو سال ماڻهن ڏاڍو ڏکيو گزاريو ،منهنجي بابي بہ اهي پئسا خرچ ڪري ڇڏيا جڏهن پئسن جو مالڪ آيو تہ بابا چيو سڀاڻي اچجو .اها رات منهنجو بابو مسجد نبوي ﷺ ۾ ويو ۽ ڪڏهن قبر اطهر ڏانهن نهاري پيو تہ وري ڪڏهن ممبر رسول ﷺ ڏانهن صبح جي نماز تائين قبر رسول ﷺ کان استغاثو ڪندا رهيا

ايتري ۾ انڌهيري مان هڪ شخص ظاهر ٿيو ۽ چيائين اي ابو

---

١ مروج الذهب ٣: ٣٢

محمد ! هي وٺ.
منهنجي بابا هٿ اڳتي ان ڪان اها شي ورتي جڏهن ڏٺئون ته اها هڪ ٿيلهي هئي ۽ ان ۾ اسي ٨٠ دينار هئا . جڏهن صبح ٿئي ته جڏهن اهو شخص پئسا وٺڻ آيو ته بابا ان کي ٨٠ دينار ڏئي ڇڏيا [١]

[١] وفاء الوفاء باخبار المصطفىٰ ٤ : ١٣٨٠.

# زيارت قبور

## وهابين وٽ زيارت رسول ﷺ

ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ پيغمبرﷺجي قبر مبارڪ جي زيارت هڪ شرعي ۽ پسنديده عمل آهي، پوري تاريخ اسلام ۾ مسلمان ان تي عمل پيرا آهن، اهڙي طرح مادي ۽ معنوي ڪمالن سان فيضياب ٿيندا رهيا آهن.

جڏهن تہ ابن تيميہ جو عقيدو اهو آهي تہ پيغمبر ﷺجي قبر مبارڪ جي زيارت جي نيت سان سفر ڪرڻ حرام آهي ۽ ٻين قبرن جي زيارت بدرجہ اوليٰ حرام هوندي. ابن تيميہ ان فتويٰ لاءِ حديث (شد الرحال) دليل قرار ڏني آهي، اها حديث قسطلاني (ارشاد الساري) (١) ۽ ابن حجر عسقلاني (الجوهر المنظم) مان نقل ڪئي آهي.

### ان نظرئي جو جواب

اسان سڀ کان پهريان شرعي حڪم جون چار دليلون (قرآن، سنت، صحابہ ڪرام جي سيرت ۽ عقل) جي ذريعي ابن تيميہ جي نظرئي کي غلط ثابت ڪنداسين ۽ پوءِ حديث (شدّ الرحال) جي تحقيق ۽ ان تياعتراض ڪنداسين، ان لاءِ ان مفهوم جي نيڪ نہ هجڻ کي بيان ڪنداسين ۽ اهو ثابت ڪنداسين تہ چئن دليلن جي روشنيءَ ۾ زيارت هڪ شرعي عمل آهي.

## ١ ) قرآن جي نظر ۾

خداوند متعال قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو: وَمَا أَرْسَلْنَا مِن رَّسُولٍ إِلاَّ لِيُطَاعَ بِإِذْنِ اللّهِ وَلَوْ أَنَّهُمْ إِذ ظَّلَمُواْ أَنفُسَهُمْ جَآؤُوكَ فَاسْتَغْفَرُواْ اللّهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُولُ لَوَجَدُواْ اللّهَ تَوَّابًا رَّحِيمًا

ترجمو **ڪوئي پيغمبر نہ موڪليوسون پر هن لاءِ تہ الله جي حڪم سان سندس تابعداري ڪئي وڃي، ۽ جڏهن انهن (ماڻهن) پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن تو وٽ اچن ها پوءِ الله کان بخشش گهرن ها ۽ پيغمبر انهن لاءِ بخشش گهري ها تہ الله کي ٻاجھ سان موٽندڙ مهربان لهن ها**[1]

ان آيت ڪريمہ جي روشني ۾ زيارت جي معنيٰ جنهن زيارت جي ڪئي وڃي تہ ان وٽ حاضر هجڻ آهي، چاهي استغفار جي خاطر هجي يا ٻئي قصد جي جڏهن حيات رسول ﷺ ۾ ان عمل جو پسنديده هجڻ ثابت ٿيو آهي تہ ان جي رحلت بعد بعد بہ اهڙي طرح پسنديده هوندو، جهڙي طرح اسان شفاعت جي بحث ۾ دليل ۽ شواهد سان بيان ڪري چڪا آهيون. **پيغمبر ﷺ رحلت بعد بہ عالم برزخ ۾ زائر جي سلام کي ٻڌندا ۽ ان جي عملن کي ان جي سامهون پيش ڪيو ويندو آهي.**

---

[1] سوره نساء : ٦٤

## ٢) احاديث جي نظر ۾

خود پيغمبر ﷺ کان ان جي قبر مطهر جي باري ۾ زيارت ۽ ان جي تعظيم جي باري ۾ تمام گهڻيون روايتون بيان ٿيون آهن، ۽ اهل سنت جي رجال جي عالمن به تمام روايتن جي تائيد ڪئي آهي، انهن معتبر احاديث مان اهو ثابت ٿي وڃي ٿو ته زيارت جي باري ۾ نقل ڪيل تمام روايتون ۽ احاديث کي جعلي ۽ (منگهڙت) قرار ڏيڻ پيغمبر ﷺ جن تي تمام وڏي ڪوڙي نسبت ڏيڻ جي برابر آهي ، روايت (اهلسنت ويجهو مرفوع روايت مان مراد معتبر روايت آهي) ان ۾ بيان ڪن ٿا ته پيغمبر ﷺ جن فرمايو:

(من جائنی زائرا لا تعلمه، لا تحمله، الا زيارتی کان حقا علیّ ان اکون له شفيعا يوم القيامه)

ترجمو: جيڪو شخص فقط منهنجي زيارت جي نيت سان مون وٽ اچي ته منهنجي لاءِ ضروري آهي ته قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪريان.

**<u>اها حديث اهلسنت جي ١٦ ڪتابن ۾ بيان ٿي چڪي آهي</u> ۽**

ان روايت مان طبراني، حافظ بن سڪن بغدادي، دار قطني ۽ ابو نعيم اصفهاني جو نالو وٺي سگهجي ٿو).[١]

ٻئين حديث

[١] المعجم الكبير ١٢ : ٢٩١ احياء علوم الدين ١ : ٢٥٨ ۽ شفاء السقام : ٨٣، وفاء الوفاء باخباردار المصطفیٰ ٤ :١٣٤٠

عبدالله بن عمر هڪ ٻئي مرفوع روايت ۾ بيان ڪري ٿو تہ رسول خدا ﷺ جن فرمايو:

﴿من حج فزار قبري بعد وفاتي كان من كمن زارني في حياتي﴾

ترجمو: **جنهن بيت الله (ڪعبي) جو حج ڪيو ۽ منهنجي رحلت بعد منهنجي قبر جي زيارت ڪئي تہ ان شخص جيان آهي جنهن منهنجي زندگي ۾ زيارت ڪئي هجي.**[1]

هي حديث اهلسنت جي ٢٥ ڪتابن ۾ نقل ٿيل آهي، جنهن ۾ راوي شيباني، ابو يعلي، بغوي، ابن عدي وغيره قابل ذڪر آهن

چوٿين حديث

عبدالله بن عمر وڌيڪ هڪ مرفوع روايت ۾ بيان ڪندي لکيو آهي تہ رسول خدا ﷺ جن فرمايو:

(من حجّ البيت ولم يزرني فقد جفاني)

ترجمو: **جنهن شخص خانہ ڪعبہ جو حج ڪيو ۽ منهنجي زيارت نہ ڪئي، ان مون تي ظلم ڪيو.**[2]

ان حديث کي ڪيترن ئي حافظن ۽ محدثن نقل ڪيو آهي، جن ۾ سمهودي، دار قطني، قسطلاني ۽ ٻيا ليکڪ آهن.

---

[1] المعجم الكبير ٢١، ٤٠٣، سنن دار قطني ٢، ٢٧٨

[2] نيل الاوطار ٥، ١٨٠، المصنف عبدالرزاق ٣، ٥٦٩، المواهب الدنيہ ٣، ٤٠٤،

## صحابہ ڪرام جي سيرت

زيارت جي جائز هجڻ جي ٽيون دليل پيغمبر ﷺ جي صحابہ ڪرام جي سيرت آهي

هڪ روايت ۾ نقل ڪيو ويو آهي تہ جڏهن عمر بن خطاب فتوحات شام کان مديني منوره واپس موٽيا تہ سڀ کان پهريان مسجد ۾ ويا ۽ رسول خدا ﷺ تي سلام ڪيو.[١]

ان واقعي کي (فتوح الشام) ۾ هن طرح نقل ڪيو ويو آهي: جڏهن عمر بيت المقدس جي ويٺلن سان صلح ڪيو تہ ڪعب الاحبار ان وٽ ويو ۽ اسلام قبول ڪيو. عمر ان جي اسلام آڻڻ تي خوش ٿيو ۽ ان کي چيو: ڇا تون مون سان گڏ مديني وڃڻ پسند ڪندين، تہ جيئن قبر پيغمبر ﷺ جي زيارت ڪري ان کان فيضياب ٿي سگهين؟

ڪعب الاحبار ان کي قبول ڪيو ۽ جڏهن عمر مديني ۾ داخل ٿيو تہ سڀ کان پهريون ڪم قبر پيغمبر ﷺ خدا جي تربت تي وڃي ان تي سلام ڪيو.[٢]

وڌيڪ هڪ روايت ۾ بيان ٿيو آهي تہ عبدالله بن عمر جڏهن بہ سفر کان واپس ايندا هئا تہ پيغمبر خدا ﷺ جي تربت تي وڃي

---

١ شفاء السقام ١٤٤؛ اهو ذڪر ڪندو هلان تہ اتي اسان جو بحث جدلي اهي جڏهن تہ اسان وٽ چوڏهن معصومين جي سيرت عليهم السلام حجة آهي چاهي اهو صحابي هجي يا نہ .

٢ فتوح الشام ١ : ١٣٤٠

چوندا هئا: **السلام عليك يا رسول الله**[1]
عبدالله بن عمر هميشه پيغمبر خدا ﷺ جي تربت جي ڪناري وٽ بيهي رسول خدا ﷺ کي سلام ڪندا هئا.[2]
هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته ابن عون چوي ٿو: هڪ شخص نافع کان پڇيو: ڇا عبدالله بن عمر قبر پيغمبر تي وڃي رسول خدا ﷺ جن کي سلام ڪندا آهن؟ ته نافع چيو: ها، مون ان کي هڪ سئو يا ان کان به وڌيڪ دفعا ڏٺو ته قبر پيغمبر خدا ﷺ جي ڪناري وٽ بيهي چوندا هئا: اي الله جا رسول توهان تي سلام هجي.[3]
حافظ عبدالغني ۽ ٻين چيو آهي ته: حضرت بلال حبشي پيغمبر خدا ﷺ جي وفات کانپوءِ فقط هڪ دفعو آذان چئي جڏهن رسول خدا ﷺ جي مزار جي زيارت لاءِ مديني ويا هئا.[4]
تقي الدين سبڪي چون ٿا: پيغمبر خدا ﷺ جي زيارت جي جائز هجڻ تي اسان جي دليل حضرت بلال جو خواب نه آهي، بلڪه ان جو عمل آهي، اهو عمل عمر جي خلافت جي دور ۾ ايترن صحابين جي موجودگي ۾ انجام ڏنو ويو ۽ اهو امر ان تي لڪيل

---

[1] وفاء الوفاء باخبار المصطفیٰ ٤ : ١٣٤٠
[2] وفاء الوفاء باخبار المصطفیٰ ٤ : ١٣٤٠
[3] وفاء الوفاء باخبار المصطفیٰ ٤ : ١٣٤٠
[4] قاموس الرجال ٢ : ٣٩٨ پر جيڪا شيءِ تاريخ ۾ ثابت آهي ته حضرت بلال رحمه الله پاڻ سڳورن ﷺ کان بعد ٢ دفعا اذان مديني ۾ ۽ هڪ دفعو شام ۾ چئي

به نه هو، ان لاءِ انهن حضرت بلال تي ڪو به اعتراض نه ڪيو.

## عقلي دليل

زيارت جي جائز هجڻ لاءِ عقلي دليل سان به استدلال ڪري سگهجي ٿو، ان لاءِ عقل جو فيصلو اهو آهي ته جڏهن خداوند متعال عظمت ۽ بزرگي عطا ڪئي آهي ته ان جي تعظيم ڪئي وڃي ۽ زيارت به هڪ طرح جي تعظيم آهي، بس پيغمبر خدا ﷺجي زيارت سندن جو احترام شمار ٿئي ٿو، هي شعائر الاهي مان ۽ هڪ پسنديده عمل آهي، توڙي جو اسلام جا دشمن ان کي پسند ناهن ڪندا.

## وهابين جي دليل جي چنڊ ڇاڻ

ان ڳالهه طرف اشارو ڪري چڪا آهيون ته وهابي پيغمبر خدا ﷺجي قبر مبارڪ جي زيارت جي حرام هجڻ تي بخاري ۽ مسلم مان منقول حديث تي استدلال ڪن ٿا ته : رسول خدا خدا ﷺجن فرمايو: (لا تشد الرّحال الاّ ثلاثه: المسجد الحرام و مسجدی و مسجدالاقصی)[١]

محمد بن عبدالوهاب ان حديث مان غلط مفهوم وٺندي چيو آهي پيغمبر خدا ﷺجي زيارت مستحب آهي، پر مسجد جي زيارت ۽ ان ۾ نماز جي قصد لاءِ سفر ڪيو وڃي نه ڪي قبر پيغمبرﷺ جي تربت جي زيارت جي قصد سان))

---

١ صحيح بخاري ١ : ٣٩٨ ح ١١٣٢ ؛ صحيح مسلم ٢ : ١٠١٤

محمد بن عبدالوهاب ان حديث کي پنهنجي سند بڻائيندي قبرن جي زيارت کي حرام قرار ڏنو آهي، اسان حديث جي تحقيق جي باري ۾ چونداسين ته عربي قانونن جي تقاضا اها آهي ته ان حديث جي صحيح معنيٰ سمجهڻ لاءِ
ڪلمه حصر (الاّ) کان پهرين هڪ لفظ کي محذوف قرار ڏيڻو پوندو، ان صورت ۾ ٻه احتمال سامهون ايندا.
١ محذوف ۽ ڪريل لفظ (مسجد ) آهي، اهڙي صورت ۾ ان حديث جي معني هيئن ٿيندي، نماز ادا ڪرڻ لاءِ انهن ٽن مسجدن کان علاوه ڪنهن ٻئي مسجد طرف سفر نه ڪيو.
٢ محذوف ۽ ڪريل (مڪان) آهي ته اهڙي صورت ۾ حديث جي معنيٰ اها ٿيندي ته انهن ٽن مسجدن کان علاوه ڪنهن ٻئي جڳهه طرف سفر نه ڪيو.
پهرين احتمال جي مطابق ڪلمه حصر (الاّ) مان جيڪي معنيٰ سمجهي وڃي ٿي ته اها حصر اضافي آهي، يعني پيغمبر خدا ﷺجي ڪلام مبارڪ ۾ نفي ۽ اثبات جو محور مسجد ۽ قبر پيغمبر خدا ﷺجي زيارت شروع کان ئي ان حديث جي موضوع مان خارج آهي، ان لاءِ ته حديث شريف چوي ٿي ته جنهن شهر ۾ جامع مسجد موجود هجي ته اتان سفر ڪري ڪنهن ٻئي شهر وڃڻ ۽ اتان جي جامع مسجد يا غير جامع مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي ڪا به دليل نه آهي ۽ ان لاءِ ته ٻنهي جڳهن مسجد جي اهميت ۽ ان ۾ نماز ادا ڪرڻ ثواب رکي ٿو. پر ذڪر ٿيل ٽي

مسجدون ان موضوع مان خارج آهي، ان لاءِ اتي نماز ادا ڪرڻ وڏيڪ ثواب جو سبب آهي.

ٻئي طرف عرف عام ۾ تبادر[١] ۽ (شدّ الرحال) جي حڪم ۽ موضوع جي وچ ۾ مناسبت جي تقاضا اها به آهي ته لفظ (مسجد) کي ئي محذوف سمجهيو وڃي، ان لاءِ اهو احتمال صحيح هوندو جڏهن ته ٻئي احتمال مطابق جيڪو ابن تيميه ۽ ان جي پيروڪارن جي نظرئي مطابق رکي ٿو، ڪلمه (الاّ) جو حصر سمجهيو پيو وڃي، اهو حصر حقيقي آهي، يعني ان ٽن مسجدن کانسواءِ ڪنهن ٻئي جڳهه طرف سفر نه ڪيو، جڏهن ته تمام اسلامي فرقن جو ان ڳالهه تي اجتماع ۽ اتفاق آهي ته تجارت، طلب علم، جهاد، علماءَ جي زيارت يا سير ۽ سياحت جي قصد لاءِ سفر ڪرڻ لاءِ ڪا جَهل ۽رڪاوٽَ.

ان لحاظ کان لفظ (مڪان) کي محذوف سمجهڻ صحيح نه آهي، ڇو ته ان لاءِ اهو لازم ٿئي ٿو ته ان ٽن مسجدن کانسواءِ ٻئي جڳهه سفر ڪرڻ جائز نه هجي ۽ بديهي آهي ته اهو مسلمانن جي اجماع ۽ اتفاق خلاف آهي.

بس اسان ان حديث ۾ سڀ کان پهريان لفظ (مسجد) کي محذوف مڃڻو پوندو، يعني (لا يقصد بالسفر الي المسجد الاّ المساجد الثلاثه) ۽ ان صورت ۾ حديث شريف ۾ ڪٿي به مقدس جڳهن

---

١عرف عام ۾ تبادر يعني ڪنهن لفظ جي ٻڌڻ سان ان مان خاص معنيٰ جو ذهن ۾ اچڻ آهي
.

۾ خاص طور قبر پيغمبر ﷺ جي زيارت جي حرام هجڻ طرف ڪو به اشارو نٿو پاتو وڃي.
(قسطلاني پڻ (ارشاد الساري) ۾ اهڙي مطلب طرف اشارو ڪيو آهي)[1]
ان کان علاوه اگر لفظ محذوف (مسجد) هجي ته پوءِ به ان حديث مبارڪ جي مضمون تي عمل ممڪن نه آهي، ان لاءِ ٻهرين احتمال مطابق حديث جي معنيٰ اها ٿيندي ته فقط ٽن مسجدن طرف سفر ڪيو وڃي، ان کان علاوه نماز ادا ڪرڻ لاءِ سفر ڪري وڃڻ جائز نه آهي، جڏهن روايتن ۾ واضح طور تي ٻڌايو آهي ته پيغمبر ﷺ ۽ صحابه ڪرام هر ڇنڇر ڏينهن مسجد قبا ويندا هئا. جڏهن اها مسجد ٽن مسجدن مان نه آهي، ان اعتبار کان مسجد قبا طرف سفر ڪرڻ به حرام هجڻ گهرجي، جڏهن ته ڪو به مسلمان اهڙي ڳالهه ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي.
هڪ ٻئي روايت ۾ بيان ٿيو آهي ته عبدالله بن عمر چون ٿا (رسول خدا ﷺجن هميشه ڇنڇر جي ڏينهن پنڌ يا سوار ٿي، مسجد قبا ويندا هئا. (اهڙي طرح عبدالله بن عمر پاڻ به ان تي

---

[1] ارشاد الساري ٢ ٢٣٢.

عمل ڪندا هئا)[1]

**ابن تيميہ جون تهمتون ۽ ان تي علماءِ اهلسنت جو موقف**

گذريل بحث ۾ واضح ٿي ويو تہ ادلہ اربعہ جي بنا تي زيارت هڪ شرعي عمل آهي ۽ ان جي باري ۾ ابن تيميہ جي افڪار جي ڪا علمي حيثيت نہ آهي، پر علماءِ اهلسنت ان غلط عقيدي جي باري ۾ پنهنجو موقف هن طرح بيان ڪيو آهي.

١قسطلاني چوي ٿو: **ابن تيميہ کان جيڪي مسئلا نقل ٿيا ان ۾ بدترين مسئلو قبر پيغمبر ﷺ جي زيارت کان منع ڪرڻ آهي.**[2]

٢نابلسي چوي ٿو: هي پهرين مصيبت نہ آهي جنهن ۾ ابن تيميہ ۽ ان جا پيروڪار مبتلا ٿيا هجن، ان کانسواءِ ان بيت المقدس جي زيارت لا ءِ سفر کي بہ گناهہ قرار ڏنو آهي ۽ پيغمبر ﷺ يا اولياءِ الاهي مان ڪنهن هڪ جي وسيلي خدا تعالیٰ ڏانهن ذريعو بڻائڻ لاءِ بہ منع ڪيو آهي.

اهڙيون فتوائون غلط فهمي جو دليل آهن ۽ اهي سبب بڻيا آهن تہ علماءِ ابن تيميہ ۽ ان جي پيروڪارن جي سامهون منهن توڙ قيام ڪجن، ايتري تائين جو حصني دمشقي مستقل طور ڪتاب لکي ان کي رد ڪيو ۽ ان جي ڪفر کي واضح بيان ڪيو آهي.[3]

---

١ صحيح بخاري ٢ : ٣٩٩ ،ح ١١٣٥

٢ ارشاد الساري ٢ : ٣٢٩

٣ الحضرة الانسية في الرحلة القدسية : ١٢٩

١. غزالي چوي ٿو ته: ماڻهون رسول خدا ﷺجي زمانہ حيات ۾ انهن کي ڏسي تبرّڪ حاصل ڪندا هئا، اهي انهن جي رحلت بعد بہ ان جي زيارت ڪري تبرّڪ حاصل ڪن. اهڙي طرح رسول خدا ﷺجي زيارت لاءِ سفر ڪرڻ جائز آهي ۽ حديث (لاتشدّ الرحال) ان ڪان مانع نٿي بڻجي سگهي.[1]

٢. عزامي شافعي چوي ٿو: ابن تيميہ پيغمبر ﷺجن جي ذات اقدس تي بہ جسارت ڪئي آهي ۽ چيو آهي رسول خدا ﷺجن جي زيارت جي نيت سان سفر ڪرڻ گناهہ آهي.[2]

٣. هيثمي شافعي پيغمبر ﷺجن جي زيارت جي جواز هجڻ کي دليلن سان ثابت ڪرڻ بعد لکي ٿو: جيڪڏهنڪو اهو چوي ۽ اعتراض ڪري تہ توهان ڪهڙي طرح زيارت جي جواز تي علماءِ جي اتفاق کي دليل قرار ڏنو، جڏهن تہ ابن تيميہ ان ڪان انڪار ڪن ٿا، تہ اسان ان جي جواب ۾ چونداسين تہ ابن تيميہ ڪير آهي؟ ۽ ان جي ڪهڙي اهميت آهي جو ان کي ايترو مقام ڏنو وڃي يا ديني ۽ اسلامي مسئلن ۾ ان کي مرجع طور سڃاتو

---

١ احياء علوم الدين ٢ : ٢٤٧

٢ فرقان القرآن ؛١٣٣ الغدير ٥ : ١٥٥

وجي ته جيئن ان جي فڪر ۾خلل وجهي سگهون،
ڪيترن ئي مسلمان دانشورن ان جي ضعيف دليلن
تي اعتراض ڪيو آهي ۽ ان جي احمقانه حرڪتن
۽ نامناسب تخيلات کي پڌرو ڪيو آهي.[١]

مختصر اهو ته ان باري ۾ اهلسنت جي حافظن ۽ محدثن جيڪي روايتون نقل ڪيون آهن، اهي مستفيض يا متواتر هجڻ جي حد تائين پهچن ٿيون. سواءِ ان جي جو صحابه ڪرام جو عمل ۽ ان جي سيرت پڻ حضرت بلاول جو رسول خدا ﷺ جي قبر مبارڪ جي زيارت جي قصد سان سفر ڪرڻ جو تمام صحابه جي موجودگي ۾ انجام پائڻ ۽ اگر صحابه ڪرام به ڏنو هجي ته پوءِ به انهن تائين اها ڳالهه پهچي ويندي پر ان جي باوجود ڪنهن هڪ به ان عمل تي اعتراض نه ڪيو.

اهڙي طرح حضرت عمر ڪعب الاحبار کي دعوت ڏني ته اهي پيغمبر ﷺ جي قبر مبارڪ جي دعوت زيارت ڪن، جڏهن ته صحابه ڪرام مان ڪنهن به ان تي اعتراض نه ڪيو، قابل ذڪر نقطو اهو به آهي ته زيارت جي جواز تي جيڪي دليلون بيان ڪيون ويون آهن اهي محڪم ترين ۽ قوي ترين دليلون آهن، جيڪي خاص طور تي پيغمبر ﷺ جي زيارت کي جائز، بلڪه مستحب هجڻ کي بيان ڪري رهيون آهن، ان لاءِ بعض روايتن ۾

---

١ الجوهر المنظم في زيارة القبر المكرم : ١٢ ؛ الغدير ٥ : ١١٦ ؛ كشف الارتياب ٣٦٩.

زيارت جي جائز هجڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ اڪثر علماءِ ان حڪم مان مراد استحباب ورتو آهي، ايتري تائين جو ابن حزم اندلسي به ان کي واجب سمجهيو آهي ته هر مسلمان تي زندگي ۾ هڪ ڀيرو پيغمبر ﷺ جي قبر مبارڪ جي زيارت واجب آهي.[١]

## مقدس جڳهن ۽ قبرن جي زيارت

گذريل بحثُ پيغمبر ﷺ جي قبر مبارڪ جي زيارت بابت هو، هاڻي اسان قبرن جي زيارت جي جائز هجڻ جي باري ۾ ڪجهه عرض ڪنداسين. انهن قبور جي زيارت جي جائز هجڻ ۾ به قبر پيغمبر ﷺ جي زيارت جيان ڪنهن قسم جو ڪو اختلاف نه آهي. پاڻ رسول خدا ﷺ جن قبرن جي زيارت لاءِ ويندا هئا ۽ مسلمانن کي ان ڪم ڪرڻ جو شوق ڏياريندا هئا. رسول خدا ﷺ پنهنجي جيجل ماءُ حضرت آمنه بنت وهب جي قبر جي زيارت لاءِ ويندا هئا ۽ مسلمانن جو به اهو طريقڪار رهيو ته پين مسلمانن جي قبرن تي زيارت لاءِ ويندا آهن.

ان باري ۾ رسول خدا ﷺ جن جي روايت به نقل ٿيل آهي جن مان ڪجهه پيش ڪجن ٿيون.

پهرين حديث: رسول خدا ﷺ جن فرمايو: ﴿ائتوا امواتكم فسلموا عليهم

---

[١] التاج الجامع للاصول ٢ : ٣٨٢.

او فصلوا فان بهم عبره)

**پنهنجي مُردن وٽ وڃو ۽ انهن تي سلام يا درود پڙهو، ان لاءِ ته اهي توهان لاءِ عبرت جو سبب آهن.**[١]

١ اخبار مكة ٢ : ٥٢.

## عورتن لاءِ قبرن جي زيارت ڪرڻ

زيارت جي بحث ۾ پيش آيل مسئلن مان هڪ عورتن لاءِ قبرن جي زيارت ڪرڻ آهي، (سنن، بخاري ۽ مسلم کان سواءِ) جي مولفين ان باري ۾ روايت نقل ڪئي آهي ته: رسول خدا ﷺ جن فرمايو:

(لعن الله زائرات القبور)

ترجمو: خداوند متعال زيارت ڪرڻ وارين عورتن تي لعنت ڪئي آهي)[1]

وهابي ان حديث تي استناد ڪندي عورتن جو قبرن جي زيارت لاءِ وڃڻ کي حرام قرار ڏنو آهي.

---

۱ المصنف عبد الرزاق ۳ : ۵٦۹.

## وهابي نظريي جورد

اسان ان نظرئي جو جواب چئن طريقن سان ڏئي سگهون ٿا

اول: مٿين حديث، حديث بريده سان نسخ ٿي ويندي، بريده چوي ٿو رسول خدا ﷺ جن فرمايو: (نهيتكم عن زيارت القبور، الا فزو روا)

ترجمو.مان توهان کي قبرن جي زيارت کان روڪيو هيو خبردار (اڄ کان بعد) انهن جي زيارت ڪندا ڪيو

حاڪم نيشاپوري ۽ ذهبي ان حديث کي صحيح قرار ڏنو آهي، اهڙي طرح ذڪر ٿيل حديث ان حديث مبارڪ سان به متعارض آهي جنهن ۾ بيبي عائشه نقل ڪندي چيو آهي:

(نهي رسول اللّٰه عن زيارت القبور ثمّ امر بزيارتها)

رسول خدا ﷺ جن قبرن جي زيارت کان روڪيو، پر بعد ۾ انهن زيارت جو حڪم فرمايو.[١]

ان حديث کي ذهبي (المستدرڪ علي الصححين) جي حاشيي ۾ نقل ڪيو ۽ ان کي صحيح قرار ڏنوآهي.

ٻيو: ذڪر ٿيل حديث بيبي عائشه جي سيرت ۽ ان جي عمل کان به متعارض آهي، ان لاءِ اها روايت جنهن کي پهريان نقل ڪري چڪاسين ان مطابق اها پنهنجي ڀاءُ عبدالرحمان جي قبر جي

---

١ السنن الڪبريٰ ٤، ٧٨

زيارت لاءِ ويندي هئي.
ابن ابي مليڪا چوي ٿو: مون بيبي عائشہ کي ڏٺو جن پنهنجي ڀاءُ عبدالرحمان جي زيارت ڪئي.
اهڙي طرح چوي ٿو: مون بيبي عائشہ کي قبرستان ويندي ڏٺو تہ ان کي چيو: ڇا پيغمبر ﷺ جن قبرن جي زيارت کان منع ناهي فرمايو، تہ انهن جواب ۾ فرمايو (ها منع ڪيو هو، پر پيهر ان جي زيارت جو حڪم فرمايائون)[١]
ڇا بيبي عائشہ جي ان عمل ذريعي رسول خدا ﷺ جي مخالفت جو ارادو رکندي هئي؟ جيئن (نعوذ بالله) خدا جي لعنت جي مستحق بڻجي، جيئن حديث ۾ بيان ڪيو ويو آهي؟
ٻيون: گذريل حديث حضرت زهراء عليها السلام جي واضح سيرت ۽ ان جي عمل جي مخالفت آهي، اهي پيغمبر ﷺ جن جي زيارت ڪنديون هيون ۽ هر جمعي ڏينهن يا ڇنڇر ڏينهن ٢ ڀيرا حضرت حمزه عليه السلام ۽ ٻين شهداءَ احد عليهم السلام جي زيارت لاءِ ونديون هيون.
ڇا اهو صحيح آهي تہ حضرت فاطمہ عليها السلام پنهنجي والد گرامي جي سنت جي مخالفت چاهن پيون.؟!
يا اهو تہ شهزادي پنهنجي والد جي سنت کان واقف نہ هيون؟
حضرت فاطمہ عليها السلام اهلبيت مان آهن، ۽ گهر اندر جيڪو ڪجهہ بہ ٿيندو آهي، گهروارا ان کان بهتر آگاهہ ۽ باخبر هوندا

١ السنن الكبرىٰ ٤ : ١٣١

آهن. ان کان سواءِ پنهنجي والد گرامي جي زندگي ۾ شهداءِ احد جي زيارت لاءِ وينديون هيون ۽ ست سال تائين زمانہ پيغمبر ﷺ۾ انهن جي اها سيرت رهي.

بس پيغمبر ﷺجن انهن کي ان عمل کان نہ روڪيو.

اهڙي طرح شهزادي پيغمبر ﷺجي رحلت کان پوءِ انهن جي زيارت لاءِ ويندیون هيون،

جهڙي طرح امير المومنين عليه السلامجن فرمايو:

جڏهن رسول خدا ﷺجن جي وفات ٿي، تہ فاطمہ زهريٰ عليها السلامپنهنجي والد بزرگوار جي قبر وٽ بيهي، مٺي ڪٽي اکين تي وجهي روئيندي اشعار پڙهنديون هيون.

جيڪڏهن واقعي عورتن تي قبرن جي زيارت حرام هجي تہ امير المومنين يا صحابہ ڪرام مان ڪنهن حضرت زهريٰ سلام الله عليها جي ان عمل کان نہ روڪيو؟

چوٿون: ابن تيميہ پهرين ۽ پوءِ جي علماءِ اهلسنت عورتن لاءِ قبرن جي زيارت کي جائز هجڻ جي فتويٰ ڏني ۽ ان حديث ۾ لعنت جي وجہ عورتن جو پنهنجي عزيزن جي موت جي مصيبت تي صبر نہ ڪرڻ بيان ڪيو آهي، پر جيڪڏهن ڪا عورت نامحرم سامهون رڙيون ڪري آهہ بڪا نہ ڪري، بلڪہ صبر ڪري تہ ان لاءِ قبر جي زيارت ڪرڻ ۾ ڪو بہ عيب نہ آهي.

البتہ بعض علماءِ اهلسنت جيئن منصور علي ناصف پنهنجي ڪتاب (التاج الجامع للاصول) ملا علي قاري، نووي، قرطبي،

قسطلاني، ابن عبدالبر، ابن عابدين ۽ ترمذي ان حديث کي ان صورت ۾ منطبق ڪيو آهي ۽ ان کي صعيف قرار ڏنو آهي، ڇو ته ان جا ٽي واسطا جيڪي حسان بن ثابت، ابن عباس يا ابو هريره تائين پهچن ٿا، ان ۾ اهڙي راوي موجود آهن، جنهن کي اهلسنت جي علماءِ رجال صعيف قرار ڏنو آهي، ۽ شايد ان ئي سبب جي ڪري امام بخاري ۽ امام مسلم ان حديث کي پنهنجي ڪتاب ۾ ذڪر ناهي ڪيو.

انهن اعتراضن ۽ اشڪالن کان سواءِ فقهاءَ به پڻ ان حديث جي تشريح ۾ مردن ۽ عورتن لاءِ قبرن جي زيارت لاءِ مستحب هجڻ جي فتويٰ ڏني آهي.[1]

---

[1] التاج الجامع للاصول ٢: ٣٨١ مرة المفاتيح ٢١٥ : ٤ التمهيد ٣ : ٢٣٤

## پاڻ سڳورن ﷺ جي پاڪ تربت ۽ ٻين جي قبرن وٽ دعا گهرڻ ۽ نماز پڙهڻ

جيڪي دليلَ بيان ڪيا ويا انهن مطابق قبر مطهر پيغمبر ﷺ ۽ ٻين جي تربت وٽ نماز پڙهڻ ۽ دعا گهرڻ هڪ جائز ۽ شرعي عمل آهي. پوري تاريخ ۾ مسلمانن جو اهو ئي طريقڪار رهيو آهي ۽ هاڻي به آهي. جڏهن ته ان باري ۾ وهابين جو نظريو ٻين نظرين جيان تمام مسلمانن جي نظريي جي مخالف آهي.

## وهابين جو نظريو

وهابي قبرن وٽ نماز پڙهڻ ۽ دُعا گهرڻ کان منع ڪندا آهن ۽ ان کي شرڪ ۽ ڪفر سمجهندا آهن، ان باري ۾ ابن تيميه چوي ٿو:

صحابه ڪرام جڏهن به قبر پيغمبر ﷺوٽ ايندا هئا ته انهن کي سلام ڪندا هئا ۽ جڏهن به دعا گهرندا هئا ته قبر نبوي طرف کان منهن قبلي ڏانهن ڪري خدا کان دعا گهرندا هئا ۽ ٻين مزارن تي به اهڙي طرح ڪندا هئا.

ان دليل جي بنا تي گذريل پيشوائن مان ڪنهن به هڪ جي قبر يا اولياءَ جي مقدس جڳهه تي نماز ادا ڪرڻ جي مستحب هجڻ جي باري ۾ نه چيو آهي.

۽ اهو به پڻ چيو آهي ته ڪٿي نماز ادا ڪرڻ يا دعا ڪرڻ ٻين جڳهن کان افضل آهي، بلڪه سڀني جو ان تي اتفاق آهي گهرن يا مسجدن ۾ نماز ادا ڪرڻ اولياءَ ۽ صيالحن جي

قبرن وٽ نماز ادا ڪرڻ کان افضل ۽ بهتر آهي، چاهي انهن قبرن کي مقدس جڳهن جو نالو چو نه ڏنو وڃي.[١]

## ان وهم جو جواب

اسان ابن تيميہ جي ان بي بنياد نظرئي جو جواب ڪجهہ طريقن سان ڏئي سگهون ٿا.

اوّل: روايات عامہ بيان ڪري رهيون آهن تہ ڪنهن بہ جڳهہ ۾ نماز ادا ڪرڻ جائز آهي، بس قبر پيغمبر ﷺ ۽ ٻين انبياءَ ۽ صالحن جي قبرن وٽ نمازپڙهڻ ۽ دعا گهرڻ جائز هوندي، اسان عمومات ۽ اطلاقات جي بنا تي ان جي جواز جو حڪم لڳائينداسين.

ٻيون: دين مبين اسلام مان جيڪو ڪجهہ سمجهيو ويندو آهي اهو هي آهي تہ هر اها جڳهہ جيڪا شريعت جي نظر ۾ محترم ۽ مڪرّم هجي اتي نماز ۽ دعا مطلقا عبادات بہ فضل رکنديون آهن.

ٻئي طرف جڳهہ جو احترام ان ۾ رهندڙ جي ڪري هوندو آهي ۽ هر قبر جو مقام ان ۾ دفن ٿيڻ واري سان.

ٽيون: هي آيت (ولو انّهم اذ ظلموا انفسهم جائووڪ فاستغفرو اللّٰه)

---

١ (رسالہ زريات القبور)

ترجمو ڪوئي پيغمبر نہ موڪليوسون پر هن لاءِ تہ الله جي حڪم سان سندس تابعداري ڪئي وڃي، ۽ جڏهن انهن (ماڻهن) پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن تو وٽ اچن ها پوءِ الله کان بخشش گهرن ها ۽ پيغمبر انهن لاءِ بخشش گهري ها تہ الله کي ٻاجهہ سان موٽندڙ مهربان لهن ها[١]

ان ڳالهہ تي دلالت ڪري رهي آهي تہ قبر پيغمبر ﷺ وٽ دعا گهرڻ فضيلت جو سبب آهي، ان لاءِ لفظ (جائووڪ) پيغمبرﷺجي حيات ۽ وفات ٻنهي کي شامل آهي. ۽ پيغمبر ﷺ جي حيات ۽وفات ۾ هڪ جهڙو آهي.

قابل ذڪر هي آهي تہ امام مالڪ منصور سان ملاقات ۾ ان ئي مطلب جي وضاحت ڪئي.[٢]

شمس الدين جُزري چوي ٿو: **جيڪڏهن قبر پيغمبرﷺوٽ دعا قبول نہ ٿيندي تہ پوءِ اها ڪهڙي جاءِ آهي جتي دعا قبول ٿيندي؟**

چوٿون: حضرت فاطمہ زهريٰ عليها السلام جن جي سيرت وهابين جي نظرئي جي بلڪل مخالف آهي، ان لاءِ هر جمعي تي پنهنجي چاچي حمزه جي قبر تي زيارت لاءِ ويندي هيون ۽ اتي نماز ادا ڪري ان جي غم ۾ نير وهائيندي هئون.[٣]

---

[١] نساء: ٦٤

[٢]: وفاء الوفاء باخبار المصطفيٰ: ١٣٧٦، المواهب اللدنيہ ٣: ٤٠٩

[٣]: المصنف ٣: ٥٧٢،

اها فاطمہ زهريٰ عليهاالسلام جنهن جي غضبناڪ ٿيڻ سان خدا غضبناڪ ٿيندو آهي ۽ جنهن جي خوشيءَ سان خدا خوش ٿيندو هو[١]، ڇا نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي سنت سائڻ ڪان لڪيل هئي؟[٢]

ڇا قبرن جي زيارت ڪري سائڻ سنتِ رسول صلي الله عليه وآله وسلم جي مخالفت ڪئي؟ ڇا اهو واقعو اها ڳالهہ ابن تيميہ ڪان مخفي هئي جو هو اها دعويٰ ڪري رهيو آهي تہ گذريل پيشوائن مان ڪنهن بہ قبرن ياروضن وٽ وڃي نماز پڙهڻ جي استحباب جي فتويٰ ناهي ڏني؟

پنجم: رسول صلي الله عليه وآله وسلم ڪريم جي زماني ڪان وٺي اڄ تائين مسلمانن جي سيرت اها رهي آهي تہ اهي صالحين ۽ مومنين جي قبرن تي وڃي نماز ادا ڪندا هئا ۽ ، جنهن جا ڪجھہ نمونا پيش ڪريون ٿا:

### ١: عمر بن خطاب جو طريقيڪار

طبري (رياض النضرهٖ) ۾ لکي ٿو:

هڪ ڀيري جڏهن حضرت عمر پنهنجي ساٿين سان گڏ حج ادا ڪرڻ لاءِ نڪتا تہ رستي ۾ هڪ پوڙهي شخص ان ڪان مدد طلب ڪئي. جڏهن حج ڪان واپس موٽڻ لڳا تہ ابواهہ وٽ ان شخص جي باري ۾ سوال ڪيو تہ معلوم ٿيو تہ اهو فوت ٿي

١ المستدرڪ علي الصحيحين ١: ٥٣٣

٢ فتح الباري ٧: ١٣١

چڪو آهي، جيئن اها خبر ٻڌي وڏا وڏا قدم کڻندا ان جي قبر تي پهتا، ان لاءِ نماز ادا ڪئي ۽ قبر کي ڳلي لڳائي گريو ڪيو.[١]

## ٢: امام شافعي جو قول

امام شافعي چوي ٿو: مان ابو حنفيہ جي قبر تان تبرّڪ حاصل ڪندو آهيان، جڏهن مون تي ڪا مشڪل ايندي آهي تہ ٻہ رڪعت نماز پڙهي ان جي قبر تي وڃي الله تعالىٰ کان حاجت طلب ڪندو آهيان.[٢]

## ٣: معروف ڪرخي جي قبر

هڪ روايت ۾ بيان ٿيو آهي:

معروف ڪرخي جي قبر تي حاجتن جو پورو ٿيڻ تي تجربو ٿيل آهي، اهڙي طرح چيو ويو آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص ان جي قبر تي هڪ سئو دفعو (قل هو الله احد) جي تلاوت ڪري ۽ پوءِ خدا کان حاجت طلب ڪري تہ ان جي حاجت پوري ٿيندي.[٣]

ابراهيم حربي چوي ٿو: معروف ڪرخي جي قبر زُهري لاءِ تجربو ٿيل پناهہ گاهہ هئي.

---

١ .رياض النضره ٢: ٢٣٠

٢ صلح الاخوان: ٨٣: تاريخ بغداد ١: ١٢٣

٣ ٣. تاريخ بغداد ١: ١٢٢

ذهبي ان جي باري ۾چوي ٿو: ان قبر تي ڏڪايل ماڻهن جي دعا قبول ٿيندي آهي، جو تہ مبارڪ مزارن وٽ دعا قبول ٿيندي آهي.[١]

احمد بن فتح چوي ٿو: مان بشر تابعي کان معروف ڪرخي جي باري ۾ سوال ڪيو تہ ان جواب ڏنو: جيڪو شخص چاهي ٿو تہ ان جي دعا قبول ٿئي تہ اهو ان جي قبر تي وڃي دعا گهري انشاءَ اللّٰہ دعا قبول ٿيندي.

ابن سعد کان ان باري ۾ هن طرح نقل ڪيو ويو: معروف ڪرخي جي قبر تان مينهن جي دعا طلب ڪئي ويندي آهي، ان جي قبر آشڪار آهي ۽ ماڻهن ڏينهن رات ان جي زيارت لاءِ ايندا رهندا آهن.[٢]

## ٤: شافعي جي قبر

جُزري چوي ٿو: شافعي جي قبر تي دعا قبول ٿيندي آهي.[٣]

**(٥: بڪر حنفي جي قبر،( ت ٤٠٣):** اهي (قرافہ) ۾ دفن ٿيا ۽ انهن جي قبر هڪ معرو زيارت گاھہ آهي. ماڻهو اتان تبرّڪ حاصل ڪندا آهن ۽ ان جي قبر تي دعا مستجاب ٿيندي

---

١سير اعلام النبلاء ٩: ٣٤٣

٢ صفوة الصفوة ٢ : ٣٢٤.في طبقات القراء

٣ طبقات الڪبريٰ ١: ٢٧

وغاية النهاية في طبقات القراء ٢ : ٩٧

آهي.[١]

### ٦غافظ عامري جي قبر، ت: ٤٠٣

نقل ڪيل آهي تہ ماڻهو رات جي وقت ان جي قبر تي گڏ ٿيندا آهن، ان لاءِ قرآن جي تلاوت ۽ ان جي حق ۾ دعا ڪندا آهن.[٢]

### ٧: ابوبڪر اصفهاني جي قبر (ت ٤٠٦

اهي نيشا پور جي ويجهو (حيرهٔ) جي جڳهہ تي دفن آهن، ان جي بارگاهہ اتي آشڪار آهي ۽ زيارتي جڳهہ آهي. چيو ويو آهي تہ ان جي قبر تي مينهن جي دعا ڪئي ويندي آهي ۽ اتي دعا قبول ٿيندي آهي.[٣]

### ٨. نفيسہ خاتون جي قبر

سيدهٔ نفيسہ دختر ابو محمدہ حسن بن زيد امام حسن مجتبيٰ عليہ السلام جي اولاد مان آهن ۽ اسحاق بن امام جعفر صادق عليہ السلام جي گهرواري آهي. ابن خلڪان چوي ٿو: اهي (درب السباع) مصر ۾ دفن ڪيون ويون آهن، انهن جي قبر دعا جي مستجاب هجڻ جي باري ۾ معروف آهيۓ اهو هڪ مجرب عمل آهي.[٤]

---

١ الجواهر المضيہ ١: ٤٦١

٢ البداية والنهاية ١١ : ٣٥١.

٣ وفيات الاعيان ٤ : ٢٧٢.

٤ حوالہ سابق ٥. ٣٢٤

ڇهون: اهلسنت جي بزرگ علماءَ جلال الدين سيوطي معراج پيغمبرﷺجي داستان ۾ ابن تيميہ جي شاگرد ابن جوزيہ حضرت حاجرہ ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلامجي واقعي کي نقل ڪرڻ بعد زيارت جي حرام هجڻ جي عقيدي جي مخالفت ڪئي آهي.[1]

## ابن تيميہ جي ٻئي فتويٰ

ابن تيميہ هڪ ٻئي فتويٰ ۾ صحابہ ڪرام طرف نسبت ڏيندي چئي ٿو تہ اهي دعا وقت پيغمبر ﷺجي سامهون نہ بيهندا هئا، بلڪہ ان جي قبر طرف کان منهن قبلي جي طرف ڪري بيهندا هئا.[2]

## ان دعويٰ جو جواب

اسان ان ادّعا جو جواب ٽن طريقن سان ڏينداسين.

اول: ابن تيميہ ان باري ۾ صحابہ ڪرامعليهم السلام مان ڪنهن بہ هڪ جو نالو نہ ڪنيو آهي تہ ڪنهن صحابي دعا ڪرڻ وقت پنهنجو منهن ڦيريو، جڏهن ان جي دعويٰ غلط ثابت ٿي چڪي آهي.

عبداللّٰہ عمر پاڻ صحابي آهي، جيڪو چئي ٿومستحبات مان هڪ اهو بہ آهي تہ انسان پيغمبر ﷺجي قبر وٽ وجي دعا

---

[1] ڪشف الارتياب: ٣٤٠، نقل از زاد المعاد

[2] رسالہ زيارت القبور: ٢٦

ڪندي وقت قبر مبارڪ طرف منهن ۽ قبلي طرف پٺي ڏئي بيهي.[١]

ٻيو: ان ۾ ڪو به مانع نه آهي ته انسان دعا گهرڻ وقت قبر طرف منهن ڪري بيهي، ان لاءِ آيت ڪريمه ۾ آهي:

(**اينماتولّوافثّم وجه الله**[٢]

ٽيون: فقهاءَ جي فتويٰ ابن تيميه ۽ ان جي پيروڪارن جي قول جي خلاف آهي، هتي ڪجهه فتوائون نقل ڪري رهيا آهيون:

١: امام مالڪ جي فتوا

جڏهن منصور، امام مالڪ کان پڇيو ته قبر پيغمبر ﷺتي دعا گهرڻ وقت رسول خداﷺ جن جي قبر طرف منهن ڪري يا قبلي طرف؟

امام مالڪ جواب ۾چيو: ڇا لاءِ قبر پيغمبر ﷺجي قبر کان منهن موڙڻ ڪرڻ چاهين ٿو، **جڏهن ته اهي تنهنجي ۽ تنهنجي پيءُ حضرت آدمؑ جو به قيامت تائين وسيلو آهن**؟ بس قبر رسول ﷺجن جي قبر طرف منهن ڪري شفاعت طلب ڪر، خدا انهن جي شفاعت قبول ڪندو آهي........[٣]

اهو سوال ۽ جواب واضح طور ٻڌائي رهيو آهي ته قبر پيغمبرﷺ

---

١ فضل الصلات علي النبيؐ: ٨٤، ح ١٠١، ڪشف الارتياب: ٢٤٧ و ٣٤، الغير ٥، ١٣٤

٢ سوره بقره: ١١٥

٣ وفا الوفاء باخبار المصطفيٰ ٤: ١٣٧٦، المواهب اللدنيه ٣، ٤٠٩، الفروق، صنهاجي ٣، ٥٩،

وٽ دعا گهرڻ فضيلت جو سبب آهي ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي ترديد نه هئي، پر جيڪا شي منصور ڄاڻڻ چاهي پيو، اها ئي دعا گهرڻ وقت قبلي طرف منهن ڪرڻ جي وڌيڪ فضيلت آهي يا قبر مبارڪ ڏانهن[1]؟

## ٢: خفاجي جي فتويٰ:

خفاجي چوي ٿو: شافعي ۽ عام علماءَ جو نظريو اهو آهي ته قبر پيغمبرﷺوٽ دعا گهرڻ وقت قبلي طرف پٺي ۽ قبر مطهر ڏانهن منهن هجڻ گهرجي ۽ ابو حنيفه کان به اها فتويٰ نقل ٿيل آهي.[2]

## ٣: محقق حنفي جي فتوا

ڪمال بن حمام چوي ٿو: ابو حنيفه کان نقل ڪيو ويو آهي ته اهو دعا وقت قبلي طرف منهن ڪري بيهندا هئا. جڏهن ته اهو قول مردود آهي، ان لاءِ عبدالله بن عمر کان نقل ٿيل آهي ته (مستحب اهو آهي ته قبلي طرف کان پيغمبر ﷺجي قبر مبارڪ وٽ اچو ۽ قبلي طرف پٺي ڪري منهن قبر مبارڪ طرف ڪيو) ۽ ابو حنيفه جي نزديڪ اها ڳالهه درست آهي.

ڪرماني جو اهو چوڻ آهي ته (ابو حنيفه جو مذهب ان مسئلي کان علاوه آهي) اها ڳالهه درست ناهي، ڇو ته پيغمبر ﷺزنده

---

[1] اشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ ٢، ٩٢، الغير ٥، ١٣٥، ڪشف الارتياب: ٢٤٠، و ٢٥٥، و ٢٦١

[2] شرح الشفاء ٣، ٥١٧

آهن ۽ پنهنجي زائر کي ڏسندا آهن، جهڙي طرح پيغمبر ﷺ جن قيد حيات (ظاهري) ۾ هجن ها تہ زائر جو قبلي طرف جي طرف پٺي ڪندي ان کي پاڻ وٽ سڏن ها.[1]

## ٤: ابراهيم حربي جي فتوا:

اهي پنهنجي مناسڪ ۾ لکي ٿو: قبر پيغمبر ﷺ وٽ دعا گهرڻ وقت پنهنجي پٺي قبلي طرف ۽ قبر مبارڪ ڏانهن منهن ڪري بيهڻ گهرجي.[2]

## ٥: ابو موسيٰ اصفهاني جو نظريو:

ابو موسيٰ اصفهاني کان نقل ٿيل آهي تہ مالڪ چيو تہ: جيڪو شخص قبر پيغمبر ﷺ وٽ اچڻ چاهي تہ قبلي طرف پٺي ۽ قبر مبارڪ ڏانهن رخ ڪري رسول خدا ﷺ تي درود پڙهي ۽ دعا گهري.[3]

## سمهودي جو نظريو:

اهو چوي ٿو: شافعي ۽ ان جي اصحاب وغيره کان نقل ٿيو آهي تہ انهن چيو: زائر کي گهرجي تہ قبر پيغمبر ﷺ وٽ بيهي قبلي طرف پٺي ڪري ۽ ضريح مبارڪ طرف چهرو

---

١ وفا الوفاء باالخبار المصطفيٰ ٤، ١٣٨٧، المغني لابن قدامہ ٣، ٢٩٨، الشرح الكبير ٣، ٤٩٠

٢ شفاء السقام: ١٦٩، شرح الشفاء ٣، ٥١٧، كشف الارتياب: ٣٦٢.

٣ المجموع ٨، ٢٠١

ڪري. احمد بن حنبل جو بہ اهو ئي نظريو آهي.[1]

٧ سختياني جي راءِ:

ابو حنيفہ کان نقل ٿيو آهي اهي چوندا هئا تہ: ايوب سختياني قبلي طرف پٺي ۽ قبر پيغمبر ﷺ طرف رخ ڪري ويهي گريو ڪيو.[2]

## ١. ابن جماعہ جي فتوىٰ

ابن جماعہ چوي ٿو: ابو حنيفي جي فتوىٰ جي مطابق زائر کي گهرجي تہ اهڙي طرح پيغمبر ﷺ جي پاڪ تربت جو طواف ڪري جوپيغمبر ﷺ جي چهري مبارڪ واري جاءِ جي سامهون اچي ويهي ۽ پوءِ رسول خدا ﷺ جن کي سلام پيش ڪري.

جڏهن تہ ڪرماني هِئي جي برعڪس چيو آهي: زائر کي گهرجي تہ سلام لاءِ قبر طرف پٺي ڏئي ويهي.[3]

## ٩ابن منڪدر جو نظريو:

ابراهيم بن سعد چوي ٿو: مون ابن منڪدر کي ڏٺو تہ هو مسجدِ پيغمبر ﷺ جي داخل ٿيڻ واري جگهہ تي نماز ادا ڪري رهيو هو، پوءِ اتان اٿيو ٿورو اڳتي هلڻ بعد قبلي طرف

---

١ . وفاء الوفاءَ باخبار المصطفىٰ ٤: ١٣٧٨

٢ المعرفت و التاريخ ٣. ٩٧، ڪشف الارتياب: ٢٦١

٣ وفا الوفا باخبار المصطفىٰ ٤: ١٣٧٨

رخ ڪري بيهي رهيو ۽ پنهنجا ٻئي هٿ بلند ڪري دعا گهري. ان بعد قبلي طرف منهن موڙي ۽ هٿن کي اهڙي طرح بلند ڪيو، جيئن شمشير غلاف مان بلند ڪئي ويندي آهي ۽ دعا گهري ۽ مسجد مان نڪرڻ وقت به اهو ئي عمل انجام ڏنو، جيئن ڪنهن کي خدا حافظ ڪيو ويندو آهي.[١]

چوٿون: ان ۾ ڪهڙو عيب آهي ته انسان ان جڳهه تي جتي پيغمبر ﷺ مدفون آهي تبرّڪ طور نماز ادا ڪري، جهڙي ان پٿر تي نماز پڙهي ويندي آهي جنهن تي حضرت ابراهيم عليه السلام بيٺا هئا ۽ اهو ان لاءِ آهي ته اتي حضرت ابراهيم عليه السلام جن جي پير مبارڪ جو جو نشان آهي، جنهن ڪري اهو پٿر فضيلت ۽ منزلت رکي ٿو.

خدا تعاليٰ ان باري ۾ فرمائي ٿو:

**(و اتّخذو من مقام ابراهيم مصلّيٰ)**

ترجمو: ۽ مقام ابراهيم کي نماز جي جاءِ قرار ڏيو.[٢]

**ابن تيميہ جو هڪ ٻيو قول ۽ ان جو جواب**

ابن تيميہ جي هڪ ٻئي فتويٰ اها آهي ته هو چوي ٿو: گهر ۾ نماز ادا ڪرڻ انبياءَ ۽ صالحين جي قبرن وٽ نماز پڙهڻ کان

---

[١] وفاء الوفاء باخبار المصطفيٰ: ٤، ١٣٧٨، الزيارت (ضمن مجموعہ الجامع الفريد) ٤٥٤.

[٢] سير اعلام النبلاء ٥: ٣٥٨، تاريخ دمشق ٥٦، ٤٨

وڏيڪ فضيلت رکي ٿو.[١]

اها هڪ بي بنياد ڳالهه آهي، ڇو ته گذريل پيشوائن ۾ ڪنهن به اهڙي ڳالهه نه ڇيئي هئي، جڏهن ته ابن تيميہ دعويٰ ڪري رهيو آهي ته تمام گذريلن ان کي واضح طور بيان ڪيو آهي.

## ان دليل جي تحقيق ۽ ان تي تنقيد

وهابي قبرن وٽ نماز پڙهڻ جي حرام هجڻ تي ڪجهه حديثون آهن جيڪي سند طورپيش ڪندا آهن: اهي نقل ڪندا آهن ته حديث ۾ آيو آهي رسول خداﷺجن فرمايو:

**(لعن الله اليهود! واتّخذوا قبور انبيائهم مساجد)**

ترجمو: خدا جي لعنت آهي يهودين تي جن پنهنجي انبياءَعليهم السلام جي قبرن کي مسجد بڻائي ڇڏيو.

ٻئي حديث ۾ نقل ڪن ٿا ته رسول خدا ﷺجن فرمايو: **﴿اللّهم لا تجعل قبري وثنا يعبد، اشتدّ غضب الله على قوم اتّخذو قبور انبيائهم مساجد﴾**[٢]

ترجمو: پروردگار منهنجي قبر کي بت قرار نه ڏجان جو ان جي عبادت ڪئي وڃي، خداوند متعال ان قوم تي پنهنجو غضب

---

١ سوره بقره: ١٢٥

٢ مسند احمد ٢: ٢٤٦، موطا امام مالڪ ١: ١٧٢

سخت ڪر جيڪا انبياءَ عليهم السلام جي قبرن کي مسجد قرار ڏي ٿي.

اسان ان بئي حديث جا ڪجهه پهلوئن کان جواب ڏئي رهيا آهيون.

اول: اهو ته ان حديث جي سند ۾ اشڪال آهي اهو ان لاءِ ته ان سند ۾ اهڙا راوي موجود آهن، جن کي اهلسنت جي علماءِ رجال ضعيف قرار ڏئي رهيا آهن.[1]

انهن راوين مان هڪ عبدالوارث آهي، جنهن جي علماءِ رجال تائيد نٿا ڪن ۽ نه ئي ان جي پويان نماز پڙهندا هئا.

ٻيو: اها حديث ابن تيميه ۽ ان جي پيروڪارن جي نظرئي ته دلالت نٿي ڪري. ان لاءِ ته اهي ان حديث کان استفاده وٺندي چون ٿا: (قبور ۽ قبن وٽ نماز پڙهڻ ۽ مسجد ٺاهڻ جائز نه آهي) جڏهن ته حديث جو ظاهر حبشه جي ڪليسائن( چرچ) جي رواج طرف اشارو ڪري رهيو آهي، جڏهن ته يهودين جو ڪو نيڪ مرد مرندو هو ته اهي ان جي قبر تي ڪليسا ٺاهيندا هئا ۽ اتي تصويرون ٺاهي هڻندا هئا.

انهيءَ بناء تي جيڪي انبياءَ جي قبرن کي مسجد ٺاهيندا هئا، انهن جي مذمت ڪئي وئي، ڇو ته مسجدن ۾ تصوير ٺاهي ان جي پوڄا ڪندا هئا، انهن لاءِ نماز ادا ڪندا هئا ۽

[1] ميزان الاعتدال ٤: ٤٣٠ ۽ ٢: ٣

ان تصويرن ۽ قبرن ڏانهن منهن ڪري سجدو ڪندا هئا.
واضح آهي ته قبرن تي مسجد بڻائڻ جي نهي ڪرڻ جي وجهه اها ئي آهي، نه ته ڪو شخص قبر تي مسجد بڻائي پر قبلي ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهي ته ان ۾ ڇا عيب آهي، جهڙي طرح اڄ به مسلمان مسجد نبوي شريف يا مسجد جامع بنو اميه دمشق ۾ (جنهن حضرت ذڪريا عليه السلام جن جي قبر مبارڪ آهي) نماز ادا ڪندا آهن.
ٽيون: اهو ته قُرطبي، نَوَوِي، قسطلاني ۽ بيضاوي به ان حديث مان جيڪو مفهوم ورتو آهي، اهو ابن تيميه ۽ ان جي پيروڪارن جي راءِ جي مخالف آهي ۽ ڪجهه جڳهن ته اها معنيٰ ورتي وئي، جيڪي اسان پهريان بيان ڪري چڪا آهيون.[١]
چوٿون: اهو ته فقهاءِ اهسلنت پنهنجي فتوائن ۾ وهابين جي وهم خلاف فتويٰ ڏني آهي، هاڻي ان مان ڪجهه رائن کي بيان ڪري رهيا آهيون.

### امام مالڪ جو نظريو:

امام مالڪ جي شاگرد ابن قاسم کي چيو ويو: ڇا مالڪ جي نزديڪ اهو جائز آهي ته هڪ شخص جي قبر تي نماز ادا ڪئي وڃي، جڏهن ته ان تي غلاف موجود هجي؟

---

[١] ارشاد الساري ٢: ٩٩، ۽ ٣: ٤٩٧، شرح صحيح مسلم ٧: ٢٧١

تہ ان جواب ڏنو: مالڪ قبرستان ۾ نماز ادا ڪرڻ تي اعتراض نہ ڪندو، چو تہ اهو قبرستان ۾ نماز ادا ڪندو، جڏهن تہ ان جي سامهون، پويان، ڪبي ۽ سڄي طرف قبرون هونديون هيون.

مالڪ چوي ٿو: قبرستان ۾ نماز ادا ڪرڻ ۾ ڪو اشڪال ناهي.

اهو چوي ٿو تہ مون تائين اها خبر پهتي آهي تہ بعض صحابہ ڪرام عليهم السلام قبرستان ۾ نماز ادا ڪندا هئا.[1]

**٢: عبدالغني نابلسي جو نظريو:**

جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن نيڪ انسان جي قبر تي مسجد ٺاهي ۽ ان جي نيت اها هجي تہ ان عبادت جو ثواب ان شخص کي ملي ۽ نماز ادا ڪندي وقت ان جي تعظيم يا ان طرف توجهہ نہ ڪري تہ ان ۾ ڪو اشڪال ناهي.

جهڙي طرح حضرت ابراهيم عليه السلام جو حرم (جيڪو خانہ ڪعبہ جي ويجهو مسجد الحرام جي اندر آهي) ۾ نماز ادا ڪرڻ باقي جڳهن جي بنسبت وڌيڪ فضيلت رکي ٿو.[2]

اهڙي طرح اهي چون ٿا: جيڪڏهن قبرن جي جڳهہ مسجد ٺاهي وڃي يا رستي ۾ هجي يا ڪو شخص اتي ويٺو هجي،

---

١ المودت الڪبري ١: ٩٠

٢ الحديقت الندبہ ٢: ٦٣١

يا اهو تہ ڪنهن ولي خدا يا عالم محقق جي قبر هجي، جنهن خدا جي رضا خاطر ڪوشش ڪئي تہ ان جي روح تي نور جي احترام خاطر جيڪو خورشيد جيان هجي، زمين تي چمڪي رهي آهي ۽ اها اهو ٻڌائي تہ صاحب قبر ولي خدا آهي، ان مان تبرّڪ حاصل ڪيو وڃي ۽ ان قبر وٽ دعا گهري وڃي جيئن قبول ٿئي، ( ان ۾ ڪو اشڪال ناهي، ان لاءِ تہ انسان جي اعمال جو دارومدار نيت تي آهي).[1]

### ٣: ابو مالڪي جو نظريو:

ڪوثري چوي ٿو: ابو مالڪ پنهنجو نظريو هن طرح بيان ڪيو: جيڪو بہ ڪنهن نيڪ انسان جي قبر تي مسجد ٺاهي يا ان جي مقبري ۾ نماز ادا ڪري جڏهن تہ ان جو مقصد ان شخص جي آثار مان تبرّڪ حاصل ڪرڻ ۽ ان جي قبر وٽ دعا قبول ڪرائڻ هجي تہ ان ۾ ڪو اشڪال ناهي ۽ ان جي دليل حضرت اسماعيل عليہ السلام جي قبر مبارڪ آهي، جيڪا مسجد الحرام خانہ ڪعبہ ويجهو آهي ۽ ان ۾ نماز ادا ڪرڻ باقي جڳهن کان وڌيڪ فضيلت رکي ٿو.[2]

### ٤: بغوي جو نظريو:

بغوي چوي ٿو: بعض علماءَ فرمائن ٿا تہ قبرستان ۾ يا قبرن وٽ

---

١ حوالہ سابق: ٦٣٠

٢ المقالات ڪوثري ٢٤٦، شرح صحيح مسلم ٢: ٢٣٤

نماز ادا ڪرڻ ۾ ڪو اشڪال ناهي، پر ان شرط سان ته قبرستان ۾ نماز ادا ڪرڻ واري جڳهه پاڪ هجي.

هڪ روايت ۾ بيان ٿيو آهي ته: هڪ ڏينهن عمر بن خطاب انس بن مالڪ کي هڪ قبر ويجهو نماز ادا ڪندي ڏٺو ته ان چيو: اها قبر آهي، اها قبر آهي، پر ان کي اهو نه چيو ته پيهر اتي نماز ادا نه ڪر.

حسن بصري جي باري ۾ چيو ويو آهي ته اهو قبرستانن ۾ نماز ادا ڪندو هو.

مالڪ کان نقل ڪيو ويو آهي ته قبرستان ۾ نماز ادا ڪرڻ ۾ ڪو به عيب ناهي.

اهي ئي چون ٿا ته: بعض جڳهن (حمام ۽ قبرستان) ۾ نماز ادا ڪرڻ جي روڪڻ جي دليل اها آهي ته اتي غالبن نجاست اچلائي ويندي آهي جهڙي طرح حمام، انهيءَ ڪري اتي نماز ادا ڪرڻ کي مڪروهه قرار ڏنو ويو آهي ۽ قبرستان ۾ نماز ادا ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي ته اتان جي مٽي مردن جي خون ۽ هڏين سان مخلوط ٿي ويندي آهي ۽ نهي نجاست بابت آهي. جيڪڏهن ڪو شخص جڳهه ٺاهي ته اتي نماز ادا ڪرڻ ۾ ڪو اشڪال ناهي.[1]

هاڻ به بيان ٿيل مطلبن ۽ مقبرن ۾ نماز ادا ڪرڻ لاءِ جواز

---

١ شرح السنة ٢ : ٣٩٨ .

جي باري ۾ علماءِ اهلسنت جي فتوائن جي باوجود وهابين وٽ ڪو بہ چارو نٿو رهي تہ اهي مقبرن وٽ نماز ادا ڪرڻ وارن تي ڪفر يا شرڪ جي تهمت لڳائين ۽ چون (اهي ماڻهو صاحب قبر جي عبات ڪندا آهن) جڏهن تہ امام مالڪ ۽ حسن بصري قبرن جي وچ ۾ نماز ادا ڪندا هئا!

# قبرن جي تعمير

## وهابين جو نظريو ۽ انهن جي فتوائن جا نمونا

شريعت ۾ قبرن جي تعمير جي بهترين دليل بيت المقدس جي اطراف ۾ نبين جي قبرن جو موجود هجڻ آهي ۽ هر زماني ۾ مسلمانن جا تمام فرقا به ان تي عمل ڪندا رهيا آهن ليڪن وهابي قبرن تي عمارت .گنبذ.انهن کي تعمير ڪرڻ ۽ چوني هڻڻ کي شرڪ ۽ ڪفر ۽ انهن جي ويران ڪرڻ ۽ ڊاهڻ کي واجب سمجهن ٿا .

١صنعاني چوي ٿو : مقبرو بت وانگر آهي ڇو جو جيڪو ڪم ماڻهو جاهليت واري زماني ۾ بتن لاءِ انجام ڏيندا هئا اهو ئي ڪم اولياءِ الهي جي مقبرن لاءِ انجام ڏين ٿا [1]

٢ ابن تيميه جو شاگرد ابن قيم چوي ٿو ته : قبرن جي مٿان ٺهيل عمارتن کي ڊاهڻ واجب آهي جن جي بتن هجڻ جي عنوان سان پوڄا ڪئي وڃي ٿي انهن عمارتن کي ڊاهڻ جي سگهه جي هوندي هڪ ڏينهن جي دير ڪرڻ به جائز نه آهي ،ڇو جو هي عمارتون ٻن بتن (لات ۽ عزىٰ) وانگر آهن ۽ اتي بدترين شرڪ وارا ڪم انجام ڏنا وڃن ٿا [2]

٣مديني جي علماء سان منسوب هڪ جواب ۾ هيٺ بيان ٿيو آهي : قبرن جي مٿان عمارتن ٺاهڻ جي جهل ۽ روڪ تي اجماع آهي جنهن جي منع هجڻ تي صحيح حديثون دلالت ڪن ٿيون

---

١ ڪشف الارتياب ،به نقل از تطهير الاعتقاد صناعي ١

زاد المعاد ج٣ ص ٥٠٦ ٢

ان ڪري گھڻن علمائن انهن کي ڊاهڻ جون فتوائون ڏنيون آهن
۽اهي علماء ان فتوىٰ ۾ ابوالهياج جي هن حديث مان استدلال
ڪن ٿا جيڪا هن حضرت علي عليه السلام کان نقل ڪئي آهي ته
حضرت علي ع جن فرمائن ٿا : الاان ابعثک على مابعثنى عليه رسول
الله ﷺ ان لاتدع تمثالاالا طمسته ولاقبرامشرفاالاسويته. خبرادار
مان توهان کي اهڙي ڪم تي پابند ڪري رهيو آهيان جنهن تي
پاڻ سڳورن ص جن مون کي پابند ڪيو هئو جيڪا به تصوير
ڏسو ان کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ جيڪا قبر مٿانهين نظر اَچيوَ ان
کي برابر ڪري ڇڏيو [1]

## ان فتوىٰ جو ٽوڙ

اسان ان فتوىٰ جي جواب ۾ چونداسين اهو اجماع جنهن کي وهابي
بيان ڪن ٿا اهو مردود(رد ٿيل ) آهي جڏهن ته ان فتوىٰ جي
خلاف اهڙي علم جي جائز هجڻ تي اجماع موجود آهي وهابي
فرقي جي پيدائش کان پهريان مسلمانن جي تمام مذهبن جي اهائي
سيرت رهي آهي .

ان باري ۾ صنعاني جوسيرت جي باري ۾ اعتراف ڪرڻ اسان
جي نظريہ جي تائيد ڪري ٿو هن پنهنجي ڪتاب **تطهير الاعتقاد**
۾ هڪ سوال جي صورت ۾ ان شيءِ کي لکيو آهي ان سيرت
عالمِ شرق ۽ غرب جي سيني شهرن کي وڪوڙي ڇڏيو آهي

---

[1] ڪشف الارتياب : ٢٨٨ .

ايستائين جو اسلامي ملڪن جو اهڙوڪو خطو نہ آهي جنهن ۾ قبر يا مقبرو نہ هجي ايتري قدر جو مسلمانن جون مسجدون بہ قبرن کان خالي نہ آهن ۽ ڪو بہ ڏاهو انسان ان کي مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي تہ اهو عمل حرام آهي علماءِ اسلام بہ ان باري ۾ چپ آهن . ان کان پوءِ صنعاني چوي ٿو : جيڪڏهن انصاف کان ڪم وٺون ۽ پوين جي پيروي کان پاسو ڪريون تہ اسان کي معلوم ٿي ويندو حق اهو ئي آهي جيڪو دليل سان ثابت ٿي چڪو آهي نہ ڪي هر نسل جو اتفاق ۽ اجماع ،ان ڪري هي ڪم جنهن کي عوام انجام ڏئي ٿي اها پنهنجي آباء واجداد جي تقليد آهي ۽ اهي ڪم بغير ڪنهن دليل جي انجام ڏنا وڃن ٿا ايستائين جو جيڪي ماڻهو پنهنجي پاڻ کي عالم سڏرائن ٿا يا جيڪي قاضي ، مفتي ، ۽ استاد آهن يا حڪومت ۾ سردار آهن اهي بہ عمل ۾ عوام وانگر آهن ليڪن ڪنهن ڳجهي ۽ اڻ واضح شيءِ جي رواج ۾ علماء يا عالم جو چپ ڪرڻ ان جي جواز جي دليل نہ آهي .

صنعاني پنهنجي ڪلام ۾ اهو اعتراف ڪيو آهي تہ هيءَ سيرت عوام ۽ علماء جي سڀني طبقن ۾ پاتي وڃي ٿي جڏهن تہ ٻئي طرف اهو چئي رهيو آهي تہ حق اهو آهي جيڪو دليل سان ثابت ٿي چڪو آهي اسان ان جي جواب ۾ چئون ٿا تہ ڇا هر نسل ۾ امت جي اتفاق کان وڌيڪ ڪا ٻئي دليل ٿي سگهي ٿي ؟

## هن حديث تي اعتراض

جنهن حديث کي وهابي دليل قرار ڏين ٿا ان تي ڪجهه طريقن سان اعتراض ڪري سگهجي ٿو :

١ ڪنهن حديث جو وهابين جي نزديڪ صحيح هجڻ يا ان جي مخالفت ۾ ڪنهن حديث جو موجود نه هجڻ ان ڳالهه تي دليل نه آهي جو اها حديث پين وٽ به صحيح هجي ان جيڪري ان موضوع تي اجماع جي دعوىٰ ڪرڻ ممڪن نه آهي

٢ مديني جي عالمن سان نسبت ڏنل جواب ۾ تناقض پاتو ٿو وڃي ان ڪري جو هڪ دفعو اهو چيو پيو وڃي ته اڪثرعالمن قبرن کي خراب ڪرڻ جي واجب هجڻ جي فتوىٰ ڏني آهي ۽ ٻئي دفعي اهو چيو پيو وڃي ته حرمت تي دلالت ڪرڻ وارين حديثن جي صحيح هجڻ تي اجماع موجود آهي جيڪڏهن حقيقت ۾ اجماع موجود آهي سيني عالمن قبرن کي خراب ڪرڻ جي وجوب جي فتوىٰ چو نه ڏني آهي؟

٣ هن حديث جي سند ۽ دلالت جي لحاظ سان به اشڪال موجود آهي

هن حديث جي سند ۾ اهڙا افراد موجود آهن جن کي رجال جي عالمن ضعيف قرار ڏنو آهي جن مان هڪ وڪيع ابن جراح آهي عبدالله ابن احمد بن حنبل شيباني هن جي باري ۾ چوي ٿو ته مون پنهنجي پيءُ کان ٻڌو : هو چوندو هو ته ابن مهدي جي

تصحيف (لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ ڪنهن به قسم جي غلطي کي تصحيف چئبو آهي ) وڪيع جي نسبت گهٽي ۽ وڪيع جا اشتباهہ ابن مهدي کان گهٽا آهن هو بئي هنڌ چوي ٿو تہ : ابن مهدي پنج سو حديثن م ڀل ڪئي آهي [١]

ابن المديني چوي ٿو تہ وڪيع کي عربي زبان تي مهارت ڪو نہ هئي ۽ جيڪڏهن هو پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪندو هيو تہ ماڻهن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيندو هيو ۽ هو هميشہ چوندو رهيو تہ (حدثنا الشعبي عن عائشہ )[١]

هن حديث جي راوين ابوسفيان ثوري آهي ذهبي ان جي باري ۾ چوي ٿو سفيان ثوري ڏوڪي ۽ فريبڪاري سان ضعيف راوين کي ثقہ ۽ قابل اعتماد بيان ڪندو هو [٢]

يحيىٰ ابن معين هن جي باري ۾ پنهنجي نظر بيان ڪندي چوي ٿو ابو اسحاق جي حديثن ۾ سفيان ثوري کان وڌ ڪو دانا ۽ ڄاڻو نہ آهي ليڪن هو حديثن ۾ تدليس ( حديث جي متن ۾ هيرڦير ڪرڻ کي تدليس چئبو آهي )ڪري ٿو [٣]

هن حديث جي راوين مان هڪ حبيب ابن ابو ثابت آهي ابن حبان حبيب جي باري ۾ چوي ٿو : هو حديث ۾ تدليس ڪوڙ ،

---

١ لکڻ پرهڻ ۾ ڪنهن به قسم جي غلطيء کي تصحيف چيو ويندو آهي

٢ تهذيب الكمال ٣٠ : ٤٧١

ميزان الاعتدال ٧ : ١٢٧ . ٣

۽ ڏوڪي ڪان ڪم ونندو هيو [١]

ابن خزيمہ ان جي باري ۾ چوي ٿو تہ : حبيب ابن ثابت حديثن جي بيان ڪرڻ ۾ تدليس ڪندو هيو [٢]

هن حديث جي راوين مان هڪ ابو وائل بہ آهي جيڪو دل ۾ علي عليه السلام جو بغض رکندو هيو [٣]

جڏهن تہ معتبر حديث ۾ نبي ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا تہ ياعلى لايحبك الا مومن ولا يبغضك الا منافق اي علي عليه السلام ! تون سان مومن ئي محبت ڪندو ۽ منافق ئي بغض رکندو [٤]

ٻئي طرف کان حديث جي متن ۾ بہ تحقيق جي ضرورت آهي چو تہ هن حديث جو راوي فقط ابوالهياج آهي لهذا ان حديث کي شاذ ئي چئبو .

جلال الدين سيوطي نسائي جي شرح ۾ لکيو اهي تہ روايات جي ڪتابن ۾ ابو الهياج کان فقط هيءَ هڪ ئي روايت نقل ٿي آهي ۽ هيءَ انهن جي مدعىٰ تي بہ دلالت نٿي ڪري چو جو هڪ طرف قبر جي زمين کي برابر ڪرڻ جو حڪم ڏئي رهي ۽ ٻئي طرف قبر جي مٿين حصي جي ناهموار هئڻ کان منع ڪري رهي آهي ان ڪري جو (شرف) جي معنىٰ بلندي آهي ۽

---

١ ساڳيو حوالو

٢ تهذيب التهذيب ٢ : ١٥٦.

٣ ساڳيو حوالو

٤ شرح نهج البلاغہ ابن ابي الحديد ٤ :٩٩

شرف لغت ۾ اُن جي پٺي واري اڀريل جاءِ (ٿوهي) کي چئبو آهي ١

ان بناء تي شرف وارو لفظ هر طرح جي بلندي کي شامل ٿيندو جڏهن تہ سوية واري لفظ جي معنىٰ برابر ڪرڻ ان ڳالھ تي قرينو آهي تہ هتي شرف مان مراد اٺ جو ٿوهو يا مڇي جي پٺي تي موجود اڀريل جڳھ آهي . پين لفظن ۾ ڪٺي چئجي تہ هن حديث ۾ ٽي احتما ل آهن

١ قبرن جي مٿان موجود بلند عمارتن کي ويران ڪرڻ .

٢ قبرن کي زمين جي برابر ڪرڻ.

٣ جنهن قبر جي مٿان اٺ جي پٺي وانگر ڪو اڀار موجود هجي ان کي سڌو ڪرڻ

پهريون احتمال مردود آهي ان ڪري جو صحا بہ ڪرام عليهم السلام جو عمل ۽ مسلمانن جي سيرت ان جي خلاف آهي جنهن ڏانهن اسان پهريان ئي اشارو ڪري چڪا آهيون

ٻيو احتمال پڻ باطل آهي ڇو تہ سنت قطعي قبر جو زمين کان هڪ گراٺ مٿي هجڻ تي دلالت ڪري رهي آهي .

ٽيون احتمال هي تہ قبر جي مٿان موجود هر قسم جي ناهمواري کي برابر ڪيو وڃي ڪجھ اهل سنت جي علمائن جهڙوڪ عسقلاني ۽ نوووي وغيره بہ ان روايت جي اهائي شرح بيان

---

١ االقاموس ٣ : ١٦٢

ڪئي آهي .
نووي چوي ٿو : تہ قبر جو گهٽ بلند هجڻ نہ هئڻ گهرجي ۽ مٿان ڪان برابر هجي ۽ زمين ڪان هڪ گراٺ مٿي هجي [1] .
عسقلاني قبرن جي برابر هجڻ جي طرف اشارو ڪندي چوي و تہ : ابوالهياج جي حديث مان مراد هي نہ آهي تہ قبر زمين جي برابر هجي بلڪي ان مان مراد هي آهي تہ قبر جو مٿان ڪان هموار ۽ برابر هجڻ گهرجي [2]

## صحابہ ڪرام ۽ مسلمانن جي سيرت

بيت المقدس جي اطراف ڪافي نبين جون قبرون موجود آهن جيئن قدس ۾ جناب دوادعليه السلام جي قبر ۽ الخليل ۾ حضرت ابراهيم ،حضرت اسحاق،حضرت يعقوب ۽ حضرت يوسف عليهم السلام جن جون قبرون جن مٿان بلند عمارتون ٺهيل آهن
اسلام ڪان پهريان انهن قبرن تي نشان طور پٿر موجود هئا ۽ جڏهن اسلام ان علائقي ڪي فتح ڪيو تہ هي قبرون ان صورت ۾ هيون [3]

ابن تيميہ ان مطلب جي وضاحت ڪندي چوي ٿو تہ : الخليل شهر جي فتح دوران صحابہ ڪرام جي هوندي بہ حضرت ابراهيمعليه السلام جي قبر تي عمارت موجود هئي مگر اهو تہ ان جو

---

١ المجموع ٥ : ٢٩٥ ۽ ١ : ٢٢٩ [1]
٢ارشاد الساري ٢ : ٤٦٨. [2]
٣ ڪشف الرتياب : ٣٠٦ . [3]

دروازو سن ٤٠٠ هجري تائين بند هئو [١]

بيشڪ جڏهن حضرت عمر بيت المقدس کي فتح ڪيو ته ان وقت به هيءَ عمارت موجود هئي ليڪن ان کي ويران ڪرڻ جو حڪم نه ڏنائين جڏهن ته ابن بلهيد هي دعويٰ ڪري رهيو آهي ته مقبرن جو ٺاهڻ پنجين صديءَ کان پوءِ رائج ٿيو هي دعويٰ يقينا صحيح نه آهي ان ڪري ته ڪافي مقبرن جو تعلق پهرين ٻين يا ٽين صدي سان آهي .[٢]

اسان ڪجهه نمونن ڏانهن اشارو ڪري رهيا آهيون

١ ان حجري جي عمارت جنهن ۾ نبي اڪرم ﷺ جن دفن ٿيل آهن

٢ حضرت حمزه عليه السلام جن جي قبر تي موجود مسجد جي عمارت

٣ محمد بن زيد ابن علي عليه السلام جي گهر ۾ پيغمبر اڪرم ﷺ جي فرزند جناب ابراهيم جي قبر

٤ اميرالمومنين حضرت علي عليه السلام جن جو روضو مبارڪ جيڪو ٣٧٢ هجري ۾ تعمير ٿيو .[٣]

٥ زبير جومقبرو جيڪو سن ٣٨٦ هجري ۾ تعمير ڪرايو ويو [٤]

---

مجموع الفتاويٰ ابن تيميه ٢٧ : ١٤١ ١

اخبار المدينة ١ : ٨١ ٢

١سير اعلام النبلاء ١ : ٢٥١

٢ المنتظم ١٤ : ٣٧٧

٦ حَضرت سعد ابن معاذ جو مقبرو جيڪو ٻين صدي هجريءَ ۾ ٺهيو [١]

٧ سن ٢٥٦ هہ ۾ امام بخاري جي قبر تي ضريح جو ڍاھي ڪري رکڻ [٢]

**صحابہ ڪرام ۽ تابعين جي زماني ۾ مقبرن جي نئين تعمير**

اسان ان موضوع جي شروعات هن سوال سان ڪيون ٿا

جيڪڏهن واقعا مقبرن ۽ روضن جو ڍاهڻ حرام آهي تہ پوءِ صحابہ ڪرام عليهم السلام پيغبر اڪرم ﷺ جن جي روضي کي ڇو نہ ڪيرايو ويو اهي جن جي عمارت اڄ تائين بہ موجود آهي ؟

۽ جنهن گھر ۾ نبي اڪرم ﷺ جن کي دفن ڪيو ويو هيو ان ۾ ڇت نہ هئي ۽ سڀني کان اڳُ جنهن ڇت ٺهرائي اهو عمر ابن الخطاب هيو [٣] ۽ هڪ ٻي روايت ۾ نقل ڪيو ويو آهي تہ بيبي عائشہ ان گھر ۾ پنهنجي ۽ قبرن جي درميان ڀت ٺهرائي ۽ اتي نماز بہ پڙهندي هئي .

عبداللّٰہ بن زبير پنهنجي حڪومت واري زماني ۾ قبر مبارڪ تي عمارت ٺهرائي جيڪا ڪجهہ وقت کان بعد خراب ٿي وئي ۽ پوءِ متوڪل عباسي جي زماني ۾ ان عمارت تي سنگِ مرمر لڳايو ويو.

---

٣ سير اعلام النبلاء ١٣ : ٢٨٥

٤الطبقات الشافعية الڪبرىٰ ٢ : ٢٣٤.

٥ وفاء الوفاء باخبار المصطفىٰ ٢ : ٥٤١.

## قبرن تي روشني ڪرڻ ڏيئا ٻارڻ

وهابي عوام کي قبرن تي ڏيئڙ ٻارڻ کان روڪن ٿا ۽ ان جي باري ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي هي حديث نقل ڪن ٿا

لعن رسول ﷺ "زائرات القبور والمتخذين عليها المساجد والسرج"

پاڻ سڳورن ﷺ انهن عورتن تي جيڪي قبرن جي زيارت لاءِ وڃن ٿيون ۽ جيڪي ماڻهو قبرن تي ڏيئا ٻارن ٿا يا روشني ڪن ٿا انهن تي لعنت آهي[1]

## ان نظريه جو ٽوڙ

**وهابين جي ان** نظريه کي ڪجهه طريقن سان رد ڪري سگهجي ٿو

١ اها روايت سند جي حوالي سان ضعيف آهي .

حاڪم نيشاپوري ( المستدرک علیٰ الصحيحين ) ۾ ان روايت کي ابن عباس کان ٻن طريقن سان نقل ڪيو آهي انهن ٻنهي سلسلن ۾ ابوصالح باذام نالي هڪ راوي اهي جنهن کي علماءِ رجال ضعيف قرار ڏنو آهي.

ابو حاتم ان جي باري ۾ چئي ٿو : باذام جي روايت کي نقل ڪري سگهجي ٿو پر ان سان ڪابه دليل يا استدلال قائم نٿو ڪري سگهجي .

---

[1] سنن نسائي ٤ : ٩٤ ، المستدرک علیٰ الصحيحين ١ : ٥٣٠ ، ح ١٣٨٤

نسائي باذام جي باري ۾ چيئي ٿو ته : ابو صالح باذام حديث جي نقل ڪرڻ ۾ اعتماد جوڳو نه آهي [١]

٢ ان حديث ۾ جن افراد تي لعنت ڪئي وئي آهي جيڪي عام ماڻهن جي قبرن تي ڏيئا ٻارن ٿا نه انهن تي جيڪي اولياءِ الهي جي قبرن تي روشني ڪن ٿا ۽ انهن جو احترام ڪن ٿا ان جيڪري اولياءِ الهي جي قبرن جو احترام ڪرڻ ۽ انهن تي روشني ڪرڻ مذموم نه آهي بلڪ ان ۾ شرعي رجحان پڻ آهي

٣ لعنت تڏهن آهي جڏهن ان روشني ڪرڻ جو ڪو فائدو نه هجي ۽ اهو ڪم بيڪار هجي پر جيڪڏهن اتي قرآن پڙهڻ ۽ دعائن جي لاءِ ڏيئا ٻاريا وڃن لائيٽنگ ڪئي وڃي ته جيئن ماڻهو اچي ڪري انبياء الهي عليهم السلام ۽ الله جي نيڪ ٻانهن جي قبرن تي اچي ڪرڻ دعائون گهرن توسل ڪن ته اهڙو عمل حرام ته نهيو پر مڪروهه به نه آهي ان عمل سان نيڪي ۾ ۾ مومنين جي مدد ڪرڻ آهي اهل سنت جي عالمن پڻ چيو آهي ته روشني جو جيڪڏهن ڪو فائدو نه هجي ته پوءِ حرام آهي نه جڏهن قرآن يا دعا لاءِ روشني ڪئي وڃي ان مان عوام الناس فائدو وٺن ته ان ۾ ڪو به عيب نه آهي [٢]

سندي سنن نسائي تي جيڪو حاشيو لکيو آهي ان ۾ لکي ٿو ته

---

١ الكامل في الضعفاء ٢ : ٧١

٢ شرح الجامع الصغير ٣ : ١٩٨ .

لعنت تڏهن آهي جڏهن مال جيڪو انهن تي خرچ هجي اهو بيڪار ٿئي پر جيڪڏهن ان روشني مان ماڻهن کي فائدو ٿئي ٿو ته ان ۾ ڪو به عيب نه آهي [1]

شيخ حنفي جامع الصغير جي حآشيه تي لکي ٿو : الله جي ولي جي قبر تي ڏيئا ٻارڻ تڏهن حرام آهي جڏهن انهن مان ڪنهن کي فائدو نه ٿئي [2]

ان کان علاوه پاڻ سڳورن ﷺ هڪ دفعو قبرستان ۾ داخل ٿي ڪري هڪ قبر تي ڏيئو ٻاريو اهو عمل پڻ ان ڳالهه کي سمجهائي رهيو آهي ته قبرن تي روسني ڪرڻ حرام نه آهي [3]

## ٤ مسلمانن جي سيرت

وهابين جي ان نظريي جي مسلمانن جي سيرت پڻ خلاف آهي جو مسلمان ابن تيميه جي جمڻ کان پهريان ۽ ان مرڻ کان بعد انهن جي اهائي سيرت رهي آهي جو پاڪ تربتن جي قبرن تي روشني ڪندا آهن ان جي باري ۾ ڪافي گواهيون ملن ٿيون جن مان ڪجهه کي ذڪر ڪيون ٿا .

خطيب بغدادي لکي ٿو : وليد چئي ٿو : ابوايوب انصاري جي قبر تي ڏيئا ۽ روشني هئي [4]

---

١ حآشيه سنن نسائي ٤ : ٩٥ .

٢ ڪشف الارتياب ۽ ٣٣٨

٣ جامع الصحيح ٣ : ٣٧٢

٤ تاريخ بغداد ١ : ١٥٤.

ابن جوزي چئي ٿو ته ٦٨٣ هه جي واقعن مان هڪ اهو به آهي ته ماڻهن زبير جي قبر ڳولهي ان جا ڏيئا ۽ شمعدان ۽ نڪون چوري ڪري ويا.[١]

خطيب بغدادي لکي ٿو ته : امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام جي تربت مشهور زيارت جي جاءِ هئي جتي عظيم سوني ۽ چاندي جا ڏيئا رکيا ويا هئا ۽ بهترين فرش پڻ هئا [٢]

١ المنتظم ١٤ : ٣٨٧.

٢ وفيات الاعيان ٥ : ٣١٠.

# نذر

## غير خدا جي لاءِ نذر

اسلام جي فرعي احڪام مان هڪ نذر آهي، انسان نذر ڪرڻ وقت اهو ارادو ڪري جيڪڏهن منهنجي فلاڻي حاجت پوري ٿيندي ته خدا لاءِ فلاڻو ڪم انجام ڏيندم. اهو حڪم مسلمانن وچ ۾ رائج رهيو ۽ هاڻي به آهي.

جڏهن ته وهابين جو اهو نظريو آهي ته غير خدا لاءِ نذر ڪرڻ حرام آهي، ڇو ته نذر مشرڪن جي بتن جي لاءِ نذر ڪرڻ برابر آهي، معمولن غير خدا لاءِ نذر ڪرڻ جي وجه هوندي آهي ته ان جي باري ۾ غلو ۽ رخاص قسم جا اعتقاد پاتا ويندا آهن.

قصيمي چوي ٿو: غير خدا جي لاءِ نظر ڪرڻ شيعن جي شعائر ۾ آهي، ڇو ته اهي علي ۽ ان جي اولاد جي باري ۾ الوهيت جو عقيدو رکن ٿا.[١]

ابن تيميه ان باري ۾ هن طرح اظهار خيال ڪيو.

اسان جي علماءَ جو نظريو اهو آهي ته قبر ۽ ان جي مجاورن لاءِ درهم، روغن، شمع ۽ حوان جو نذر ڪرڻ جائز نه آهي، ڇو ته اهڙا نذر گناهه آهن صحيح روايت ۾ بيان ٿيو آهي ته: جيڪو به خدا جي اطاعت جي نذر ڪري ان لاءِ ضروري آهي ته اهو خدا جي اطاعت ڪري ۽ جيڪو به خدا جي معصيت جي

---

١ الصراح بين الاسلام والوثنيه ١: ٥٤

نذر ڪري ان کي گهرجي تہ معصيت نہ ڪري.[١]

هن چيو تہ:

شرڪ ۾ مبتلا ٿيڻ جي خوف کان مردي شخص کان درخواست ڪرڻ کي منع ڪيو ويو آهي اگرچہ اهو نبي چو هجي، بس قبرن يا ان جي عمارات لاءِ نذر ڪرڻ حرام ۽ باطل آهي. اهڙي طرح جا نذر مشرڪن جي نذر جيان آهن، جيڪي اهي پنهنجي بتن لاءِ ڪندا هئا. جيڪو بہ اهو عقيدو رکي ٿو تہ قبور جي لاءِ نذر نفع يا ثواب رکي ٿي تہ اهو نادان ۽ گمراهہ آهي.[٢]

## ان نظريي جو ٽوڙ

اسان ان عقيد جو جواب ڪجهہ جهات کان ڏئي سگهون ٿا.

اول: اهو تہ نذر ڪرڻ واري جو مقصد اهو هوندو آهي تہ ان صدقي يا هديہ جو ثواب نبي خدا يا ولي خدا کي ايصال ۽ اهڙي طرح خدا وند متعال سان تقرب پيدا ڪري سگهي. بس ڪيئن ممڪن آهي تہ ان جو مقصد نبي يا ولي هجي، چو تہ اهي مردهہ آهن نہ کائي سگهن ٿا نہ ئي پي سگهن ٿا؟

ٻيو: هي نذر بلڪل ان شخص جي عمل وانگر آهي جيڪو پنهنجي والدين جي لاءِ نذر ڪري يا قسم کائي يا پنهنجي پاڻ

---

[١] رسالت زيارت القبور ٢٧، ڪشف الارتياب: ٢٨٣

[٢] الملل و النحل: ٢٩١

سان عهد ڪري ته اهو ان لاءِ صدقو ڏيندو.

روايت ۾ بيان ٿيو آهي ته ميمون چوي ٿي: پيغمبر ﷺجي زماني ۾ منهنجي پيءُ اها منت مجي هئي ته هڪ خاص جڳهه تي ٥٠ رڍون ذبح ڪندا.

پيغمبر خدا ﷺ جن فرمايو: ڇا اتي بتن جي لاءِ قرباني ڪئي ويندي آهي؟

عرض ڪيو: نه، رسول خدا ﷺجن فرمايو: اوف بنذرڪ- پنهنجي نذر تي عمل ڪيو.[١]

شايد پيغمبر ﷺجن ان لاءِ سوال ڪيو ته اتي بتن جي پوڄا ڪئي ويندي يا مشرڪ ماڻهو اتي پنهنجون رسمون ادا ڪندا هجن، ڇو ته مسلمان زمانه جاهليت جي ويجهو هئا ۽ ان شي جو احتمال موجود هو.

اسان ان جي تائيد ۾ چئون ٿا ته هڪ روايت ۾ بيان ٿيو آهي ته ثابت بن ضحاڪ چوي ٿو: هڪ شخص نذر ڪيو ته (بوانه) نامه منطقه ۾ هڪ اٺ ذبح ڪندو. پيغمبر ﷺجن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ واقعي کان آگاهه ڪيو.

پيغمبر ﷺجن فرمايو: ڇا اتي زمانه جاهليت ۾ ڪو بت موجود

---

[١] معجم البلدان: ٥٠٥: ١

هو، جنهن جي پوڄا ڪئي ويندي هجي؟
عرض ڪيو: نه، پيغمبر ﷺجن فرمايو:
**(اوف نذرڪ، فانه لا وفاء لنذر في معصيه الله ولا فيما لا يملڪ ابن آدم)**
تون پنهنجي نذر تي عمل ڪر، ان لاءِ ته فقط **ٻن جڳهن تي نذر صحيح نه آهي.(١ گناهه ۽ نافرماني ۾ ٢، جنهن شي جو انسان مالڪ نه آهي)**[1]
ٻئي طرف اسان پهريان به بيان ڪري چڪا آهيون ته انسان نذر ڪرڻ وقت اهو چوندو آهي. جيڪڏهن منهنجي فلاڻي مراد پوري ٿيندي ته خدا جي لاءِ نذر ڪندم ته فلاڻو ڪم انجام ڏيندس، بس جڏهن اهو چوندو : ته فلاڻي جي لاءِ نذر ڪريان ٿو ته اها مجازي تعبير آهي، ۽ اختصار جي بنا تي هن طرح چيو ويندو آهي، نه ته ان جو حقيقت ۾ مقصد اهو ٿئي ٿو ته خدا جي لاءِ انجام ڏيندس ته جيئن ان جو ثواب فلاڻي کي پهچي.
ٽيون: ڇا ڪنهن مسلمان جي عمل جو ڪنهن ڪافر جي عمل سان مشابه هجڻ سبب بڻجي ٿو ته ان مسلمان کي ڪافر قرار ڏيڻ جائز هجي؟ ابن تيميه ان دليل جي بنا تي مسلمانن جي تڪفير ڪئي آهي، ان جيڪري اسان اهو چونداسين ته جيڪڏهن

[1] سنن ابو دائود ٣: ٢٣٨، ح ٣٣١٣

صرف شباهت ڪفر جي جواز جو سبب بڻجي ٿي ته پوءِ حج جي اعمال ۾ به اهڙي طرح آهي، جو ته مشرڪ پنهنجي بتن جي چوڌاري طواف ڪندا هئا ۽ انهن جي پوڄا به ڪندا هئا. ان کان علاوه قرباني جي ڏينهن پنهنجي بتن جي قرباني به ڪندا هئا ۽ اسان به قرباني ڪندا آهيون، ڇا اهو صحيح آهي ته انهن ٻن مشابه اعمال کي هڪ جهڙو سمجهو وڃي؟

(پوءِ رسول خدا ﷺ جن فرمائن ٿا: انما الاعمال بالنيات)[١]

انهيءَ بنا تي قضاوت ۽ فيصلي جو معيار نيت قلب آهي نه ڪي ظاهري مشابهت.

عزامي شافعي ان باري ۾ چوي ٿو: اگر ڪو شخص مسلمانن جي نيڪ ماڻهن لاءِ نذر ۽ قربانين جي مقصد جي باري ۾ تحقيق ڪري ۽ اهو ان نتيجي تي پهچندو ان جو مقصد ان کان سواءِ ڪجهه به نه آهي ته ان صدقي يا هديه جو ثواب مردن جي روح کي پهچي ۽ انهن لاءِ نفع وارو هوندو آهي.[٢]

۽ پيهر عزامي ان ڳالهه جو اضافو ڪيو آهي ته: نذر جي شرعي عمل هئڻ جي باري ۾ صحيح ۽ معتبر روايات اسان تائين پهتيون آهن، انهن مان هڪ روايت ۾ آهي ته سعد چوي ٿو: ته مون پيغمبر ﷺ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو: منهنجي ماءُ جو انتقال ٿي ويو آهي ۽ مون کي يقين آهي ته

---

١ صحيح بخاري ١: ١

٢فرقان القرآن ١٣٣

جيڪڏهن اها زنده هجي ها ته صدقو ڏئي ها، جيڪڏهن مان ان جي طرف کان صدقو ڏيان ته ڇا ان جو فائدو ٿيندو: فرمايو: ها، عرض ڪيو ته ڪهڙي شي صدقو ڏيڻ بهتر آهي؟

رسول خدا ﷺجن فرمايو: پاڻي

(سعد هڪ کوهه کوٽايو ۽ چيو: هٰذا لام سعد)

ترجمو: هي کوهه سعد جي ماءُ جي لاءِ آهي[1]

البته ان سلسلي ۾ ابن تيميه ۽ ان جي پيروڪارن خطا ڪئي آهي، ان لاءِ ته اهي دعوا ڪندا آهن ته جڏهن ڪو مسلمان اهو چوي: (هذه الصدقه للنبي او للولي) ته اهو (لام) اهو ئي لام آهي جيڪو نذرت لله ۾ آهي.

واضح آهي ته ابن تيميه غلط راهه اپنائي آهي ته ان لاءِ اهو (للّٰه) ۾ لام خداوند متعال سان تقرب حاصل ڪرڻ جي معنيٰ ۾ آهي، جڏهن ته (للنبي) او (للولي) صدقه جي مصرف کي بيان ڪري رهي آهي.

---

٢ حواله سابق ١

## نذربابت سيرت مسلمين

پهريان اشارو ڪري چڪا آهيون ته سيرت مسلمين اها رهي آهي ته اهي نذر ڪندا هئا ۽ ان کي پورو به ڪندا هئا.

علماءِ اهلسنت مان خالدي چوي ٿو: نبي اللهؐ يا ولي اللهؒ جي لاءِ نذر ڪرڻ جي معني اها آهي خدا تعاليٰ جي خوشنودي خاطر ان جو ثواب هديو ڪيو وڃي ۽ بلڪل انهيءَ طرح جيئن ڪوئي اهو چوي ته مان پنهنجي وفات ڪري ويل (مثال مرده پيءُ) جي لاءِ قرباني ڪئي، يعني ان جي طرفان صدقو ڏنو آهي.[1]

مثال طور تاريخ ۾ بيان ٿيو آهي ته شيخ احمد ابن علي هدوي جو ٦٥٧ هه ۾ انتقال ٿي ويو ته ان کي (طندتا) ۾ دفن ڪيو ويو ۽ ان جي قبر بارگاهه بڻائي وئي، ان شخص جون ڪرامتون زبان زد عام آهن ۽ ماڻهو ان جي لاءِ تمام وڏيڪ قرباني ڪندا آهن.[2]

ان جو وڏيڪ **نمونو احمد بن جعفر خزرعي المعروف ابوالعباس جي قبر آهي. اهي مراڪش جا رهواسي هئا** ۽ ٦٠١ هه ۾ وفات ڪئي، هاڻي به ان جي قبر زيارتگاهه آهي ۽ ڪيترائي ماڻهو اتي زيارت لاءِ ويندا آهن. چيو ويندو آهي ته

١ صلح الاخوان ١٠٩، الغدير ٥: ١٨٢

٢ المواهب الدينه ٣٤٦: ٥، شذرات الذهب ٧: ٣٤٦

اتي دعا جو قبول ٿيڻ تجربي شده آهي. مون به ان قبر جي زيارت ڪئي آهي ۽ ان قبر جي برڪت جو هڪ ڀيرو تجربو به ڪيو آهي.

ابن خطاب سلماني چوي ٿو: احمد بُستي جي قبر تي چڙهائي ويندڙ منتون روزانو ٨٠٠ مثقال خالص سونا ۽ ڪڏهن ڪڏهن هڪ هزار دينا تائين پهچي ويندي آهي.[١]

اهي ان باري ۾ لکي ٿو ته اهو عمل اڄ تائين جاري آهي. مون پنج سئو پيرن کان وڌيڪ ان قبر جي زيارت ڪئي آهي. ٣٠ کان وڌيڪ راتيون اتي گذاريون ۽ ان قبر جون برڪتون ڏٺيون آهن.[٢]

## عالمن جون فتوائون

نذر جي باري ۾ بيان ڪيل روايت جي بنا تي علماءِ اهلسنت ان جي شرعن جائز هجڻ جي فتويٰ آهي.

خالدي حديث ابودائود کي نقل ڪرڻ بعد چوي ٿو: خوارج ان حديث مان تمسڪ ڪندي انبياءَ ۽ صالحين جي مقبرن لاءِ نذر ڪرڻ کي جائز سمجهندا آهن. ڇو ته اهي اهو گمان ڪندا آهن ته انبياءَ ۽ صالحين (نعوذ بالله) بتن جيان آهن، ان جو احترام زمانہ جاهليت جي عيدن جيان آهي.

اسان ان قبيح ۽ شرڪ آلود ڪلمات تي خدا کان پناهه ٿا

١ نيل الابتهاج ٢ : : ٦٢ ۽ الغدير ٥ : ٢٠٤.
٢ ساڳيو حوالو

گهرون: اها فڪر خوارج جي گمراهي ۽ ان کي خرافات جو نتيجو آهي ۽ انهن دين جي نالي تي شريعت ۾ داخل ڪيا ۽ انبياءَ ۽ اولياءِ الاهي کي بت چوڻ انهن مقدس هستين جي بي احترامي ۽ جسارت آهي. اهي انتهائي بي ادبي سان انبياءَ جي تحقير ڪندا آهن، پر جيڪڏهن ڪو شخص خوارج تي اعتراض ڪندو آهي، اگرچہ اهو اعتراض اشاري ۽ ڪنائي جي صورت ۾ هوندو تہ ان کي تڪفير سمجهندا آهن، ايتري تائين جو بعض جڳهن تي ان جي توبہ بہ قبول نہ ڪندا ۽ ان جي جان ۽ مال ۽ ناموس مباح قرار ڏيندا آهن. خوارج انبياءَ ۽ اولياءَ جي توسّل کي عبادت سمجهڻ باوجود انهن کي بت چوندا. لهٰذا ذليل ۽ رسوا ٿيا. خوراج جي جاهل نظريات تي توجہ ڏيڻ مناسب ناهي، جنهن جو سرچشمو انهن جي گمراهي هئي ۽ خداوند متعال دانا تر آهي.[1]

عزامي ۽ شافعي ان سلسلي ۾ لکي ٿو

بعض متاخر علماءَ ابن تيميہ ۽ ان جي شاگردن جي قولن تي فريب کائي ويا. حقيقت ۾ ابن تيميہ ۽ ان جي شاگردن جا قول دين ۾ فريبڪاري ۽ دوکو آهن. اهي ديني مسئلن جي اهڙي معنيٰ ڪندا جو ڪو بہ مسلمان پنهنجي زبان تي اهڙن مطلبن کي جاري نہ ڪندو.

---

١ صلح الاخوان ١٠٩.

اگر ڪو شخص مسلمانن جي انبياءَ ۽ اولياءِ الاهي جي لاءِ ڏني ويندڙ نذر ۽ قرباني بابت تحقيق ڪري ته اهو ان نتيجي تي پهچندو ان جو مقصد انهن طرفان صدقو ڏيڻ ۽ انهن جي روح کي ثواب پهچائڻ آهي. علماءِ اهلسنت جو ان ڳالهه تي اجماع آهي ته زنده ماڻهن جو مردن جي لاءِ صدقو ڏيڻ انهن کي فائدو پهچائڻ آهي ۽ ان سلسلي ۾ جيڪي روايتون بيان ٿيون آهن، اهي به صحيح ۽ مشهور آهن. لهٰذا انبياءَ عليهم السلام ۽ اولياءِ ڪرام جي لاءِ ڏني ويندڙ نذر يا قرباني ۽ ٻيا موارد انهن شرعي امور مان آهن، جن جو سرچشمو سيرت مسلمين آهي ۽ اهي ڪنهن خاص فرقي سان مخصوص نه آهن.[١]

---

١ .فرقان القرآن :١٣٣؛الغديري ٥: ١٨١

# غير خدا جي قسم

## غير خدا جي قسم کائڻ

جهڙي طرح بيان ڪيو ويندو ته قسم هڪ عقلي امر آهي، جهڙي طرح قرآن ۽ سنت ۾ بيان ڪيو ويو پر وهابي غير خدا جي قسم کائڻ کان منع ڪندا آهن، ان ۾ ته ڪجهه ان کي بطور ڪلي شرڪ سمجهن ٿا ۽ بعض ان کي شرڪ اصغر جو نالو ڏيندا آهن، ابن تيميه چوي ٿو ته شرڪ جون ٻه قسمون آهن.

١. شرڪ اڪبر: ان جا ٻه قسم آهن. ان مان هڪ مخلوق کان توسّل ۽ شفاعت طلب ڪرڻ آهي.
٢. شرڪ اصغر: جهڙي طرح رياڪاري ۽ ان جي هڪ قسم غيرخدا جي قسم کائڻ آهي.

روايت ۾ آهي عبدالله عمر چوي ٿو: رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: (و من حلف بغير الله فقد اشرڪ)

ترجمو: جنهن غير خدا جي قسم کاڌي ته ان شرڪ ڪيو) شرڪ اصغر مسلمانن کي دين مان خارج نٿو ڪري، بلڪه شرڪ اصغر جي مرتڪب کي گهرجي ته اهو توبه ڪري)[١]

صنعاني پنهنجي ڪتاب (تطهير الاعتقاد) ۾ قبرن تي وجڻ

---

١ رسائل الهداية:٢٥.

وارن جي طرف شرڪ جي نسبت ڏيندي چوي ٿو: اهي غير خدا جي نالن جي قسم کائن ٿا ۽ اهي ماڻهو پنهنجي حقانيت جي لاءِ خدا جي قسم کائين ته اهڙي قسم قبول نه ڪندا، ها اگر پنهنجي اولياءَ مان ڪنهن جي قسم کائن ته ان کي قبول ڪندا آهن ۽ اها ئي بتن جي پوڄا آهي[١].

**ان نظرئي جو جواب**

اسان ان نظرئي جو جواب ڪجهه طريقن سان ڏيون ٿا

اول: اهو ته غير خدا جي قسم کائڻ خود خداوند متعال، پيغمبر ﷺ، صحابه ڪرام، تابعين ۽ تمام مسلمانن کان ماضي کان وٺي اڄ تائين ثابت آهي.

**(الف) آيتن ۾ غير خدا جي قسم:**

قرآن ڪريم ۾ قسم جي باري ۾ ڪيترين ئي آيتون بيان ٿيون آهن سوره عصر جي شروعات ۾ ئي پڙهندا آهيون: (والعصر ان الانسان لفي خسر)[٢]

ٻي آيت ۾ آهي: (والعاديات ضبحا)[٣] اهڙي طرح آيت مجيده (والناشطات نشطا)[٤] ۽ سوره ضحيٰ جي شروعات ۾

---

١ ڪشف الارتياب: ٢١٩.
٢ سوره عصر ١ ۽ ٢
٣ سوره عاديات : ١
٤ سوره نازعات : ٢.

(والضحي والليل اذا سجي).[١] جڏهن ته قرآن مجيد جي ڪيترين ئي آيتن ۾ ڪثرت سان غير خدا جي قسم کائڻ جو ذڪر ٿيو آهي. جيڪڏهن اهو چيو وڃي ته اهڙي قسم خدا جي لاءِ جائز آهي پر مخلوق خدا لاءِ جائز نه آهي ته اسان ان جو جواب هيئن ڏينداسين: ڇا خداوند متعال مخلوق جي قسم کائي ڪنهن کي پنهنجو شريڪ ڪيو آهي ۽ شرڪ اصغر جو مرتڪب ٿيو آهي، تعاليٰ الله عن ذالڪ: اگر غيرخدا جي قسم کائڻ شرڪ ۽ ان غير کي خدا سان تشبيهه ڏيڻ آهي ته پوءِ خدا کان به ان جو صادر ٿيڻ قبيح آهي.

## (ب): راويتن ۾ غيرخدا جي قسم کائڻ

روايتن ۾ بيان ٿيو آهي ته هڪ ڏينهن هڪ شخص پيغمبر خدا ﷺجي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سوال ڪيو: ڪهڙي صدقي جو اجر وڏيڪ آهي؟ رسول خدا ﷺجن فرمايو: (اما و ابيڪ لتنبا نه ان تصدق و انت صحيح تخشي الفقر و تامل البقاءُ) .

ترجمو: تون کي تنهنجي پيءُ جي قسم تون ان کان باخبر ٿيڻ چاهين ٿو ته صدقو ڏئي جڏهن ته هو صحيح ۽ سالم آهي

[١] سوره الضحيٰ ١ ۽ ٢

فقيري کان ڊڄين ٿو ۽ باقي رهڻ جي اميد رکين ٿو [١]
وڌيڪ هڪ روايت پڙهون ٿا:
هڪ ڏينهن اهل نجد مان هڪ شخص رسول اکرم ﷺ جن کان ڪجهه سوال ڪيا ته رسول خدا ﷺ جن آخر ۾ فرمايو: (افلح و ابيه ان صدق) ان جي ڳالهه جي قسم، جيڪڏهن سچ ٿوچوي ته ڪامياب ٿي ويندو) [٢]

# هڪ اعتراض

قسطلاني لکي ٿو: ابن عبدالبر چوي ٿو: عبارت (افلح و ابيه) ان جي پيءُ جي قسم هڪ منڪر ۽ مجهول حديث ۾ بيان ٿيو آهي، جيڪا معروف ناهي، صحاح ۾ ان حديث کي مردود شمار ڪيو ويو آهي. [٣]

## اعتراض جو جواب

حديث (اما و ابيڪ) ان حديث جي تائيد ڪري رهي آهي، لهٰذا مردود ناهي. ابن عبدالبر چوي ٿو: چيو ويندو آهي چيو اصل ۾ (افلح و الله و ابيڪ) هو پوءِ (و ابيه ) ۾ تبديل ٿي ويو آهي.
قسطلاني ان جو جواب قبول ناهي ڪيو ۽ ابوبڪر جي قول کي نقل ڪندي چيو آهي: بيهقي جو جواب مناسب تر آهي

١ صحيح مسلم ٢: ٧١٦.
٢ صحيح مسلم ٢:٧١٦؛ سنن الکبرى ٢: ٦١.
٣ ارشاد الساری ٩: ٣٥٧

تہ اهڙي لفظ (و ايبڪ) عربن جو تڪيہ ڪلام آهي، بجاءِ ان جي جو اهو ان مان ڪنهن معنيٰ جو قصد ڪري يا اهو تہ در اصل (افلح و رب ابيہ) هو ۽ ڪثرت استعمال سبب اهو لفظ (رب) حذف ٿي ويو آهي.[١]

سيد امين ان جي جواب ۾ چيو آهي: ممڪن ناهي تہ عرب ڪنهن لفظ کي ان جي معنيٰ جو ارادو ڪرڻ کان بغير استعمال ڪن ۽ جڏهن بہ اهڙي لفظ جو استعمال ڪيو وڃي تہ ان مان مراد قسم کائڻ آهي ۽ (رب ابيڪ) جي تقدير ۾ هئڻ تي بہ ڪا دليل موجود نہ آهي.[٢]

**حضرت ابو طالب عليہ السلام جي قسم ۾ پيغمبر اڪرم صلی اللہ عليہ وآلہ وسلم جي تائيد**

نقل ٿيو آهي: هڪ ڏينهن حضرت ابو طالب عليہ السلام اشعار ۾ پيغمبر اڪرم صلی اللہ عليہ وآلہ وسلم جي شان ۾ فرمايو:

كذبتم وبيت الله يبزى محمد ولما نطاعن دونه ونناضل

انهن هن شعر ۾ بيت الله جي قسم کاڌي، رسول خدا صلی اللہ عليہ وآلہ وسلم جن ان کي ٻڌو ۽ رد نہ ڪيو.[٣]

## صحابہ جو عمل

واضح رهي تہ صحابہ ڪرام عليهم السلام بہ غير خدا جي قسم کائيندا

١ ڪشف الارتياب ٢٧٢
٢ ساڳيو حوالو ٢٧٢
٣ ايمان ابو طالب ٣٣٩، منيت الراغب في ايمان ابي طالب: ١٢٢، تاليف آيت الله محمد رضا طبسي، شرح ابن ابي الحديد: ٧٩

هئا، نقل ڪيو ويو آهي تہ عبدالله بن جعفر چوي ٿو، جڏهن بہ پنهنجي چاچي حضرت علي عليہ السلام کان ڪنهن شي جي درخواست ڪندو هو ۽ اهي قبول نہ ڪندا هئا تہ چوندو هوس (توهان کي جعفر جي حق جي قسم) تہ اهي قبول ڪندا هئا.[1]
نهج البلاغہ ۾ بيان ٿيو آهي تہ امام علي عليہ السلامجن معاويہ ڏانهن هڪ خط ۾ لکيو:
(ولعمري يا معاويہ! لئن نظرت بعقلڪ دون هو اڪ لتجدني ابر الناس من دم عثمان).
ترجمو: اي معاويہ! مون کي پنهنجي جان جي قسم! اگر تون خواهشات نفس کان هٽي عقل جي نگاهہ سان ڏسندي تہ مون کي خون عثمان ۾ سڀ کان وڌيڪ آزاد پائيندين)[2]
روايت ۾ آيو آهي تہ مسروق، قبر پيغمبر صلي الله عليہ وآلہ وسلمڏانهن اشارو ڪندي بيبي عائشہ کان خوارج جي باري ۾ سوال ڪيو: تو کي ان صاحب قبر جي قسم! تو خوارج جي باري ۾ ڇا ٻڌو.

## حديث عبدالله بن عمر تي اعتراض

هاڻي اسان ان حديث جي تحقيق ڪيون ٿا جنهن کي عبدالله ابن عمر غير خدا جي قسم کائڻ لاءِ بيان ڪيو آهي.
ترمذي نقل ڪري ٿو: هڪ ڏينهن عبدالله بن عمر ٻڌو تہ هڪ شخص چوي ٿو: ڪعبہ جي قسم! عبدالله چيو تہ غير خدا جي

---

١ شرح ابن ابي حديد ١٥، ٧٣
٢ شرح نهج البلاغہ محمد عبدہ ٣: ٧

قسم نہ کاءُ مون رسول اکرم ﷺ جن کان ٻڌو آهي تہ انهن فرمايو: (من حلف بغير الله فقد كفر)
جنهن اللهٰ کانسواءِ کنهن ٻئي جي قسم کاڌي اهو کافر آهي[١]
ان حديث ۾ ٻہ اشڪال پاتا ويا آهن.
١: سند جي اعتبار کان
٢: دلالت جي اعتبار کان
سند جي اعتبار کان تہ ان جي راوين مان هڪ راوي سليمان بن حيان آهي، ابن معين ۽ ابن عدي (اهلسنت جا علماءِ رجال) بہ ان باري ۾ چيو آهي: سليمان سچو ماڻهو آهي، پر ان جي نقل ڪيل حديث حجت نہ آهي، ان لاءِ تہ ان جو حافظو نيڪ نہ هو ۽ اهو حديثن کي صحيح نقل نہ ڪندو هو.
اگر ان حديث جي سند کي مجيو بہ وڃي تہ پوءِ بہ دلالت جي اعتبارکان ان کي شديد ڪراهت تي حمل ڪيو ويندو. يا اهو تہ شرڪ ۽ ڪفر جي علت اها تي سگهي ٿي تہ قسم کائڻ وارو شخص غير خدا جي باري ۾ خدا وارو عقيدو رکندي قسم کائي.
ان باري ۾ قسطلاني جو چوڻ آهي: غير خدا جي قسم کان منع هجڻ جي باري ۾ شرڪ ۽ ڪفر جي تعبير مبالغو آهي، ڇا منع مان مراد منع تحريمي يا ڪراهتي؟

---

١ ارشاد الساري ٩: ٣٥٨

مشهور مالڪي علماء لکي ٿو: اها نهي ڪراهت ڪي بيان ڪري رهي آهي، جڏهن ته حنبلي حرمت جو قائل آهي، اڪثر شافعي علماءَ ڪراهت سمجهن ٿا ۽ بعض تفصيل جا قائل آهن ته اگر جهڙي طرح اعتقاد سان خدا جي قسم کاڌي ويندي آهي.ان اعتقاد سان غير خدا جي قسم به کاڌي وڃي ته اهو حرام ۽ ڪفر آهي. پر جيڪڏهن فقط مخلوق خدا جي احترام جي بنا ته آهي ته ان سان ڪفر لازم نه ايندو.[1]

[1] ارشاد الساري ٩: ٣٥٨

# جشن ملهائُ

ولادتن جي موقعي تي جشن ۽ خوشيءَ جون محفلون ۽ مجلسون برپا ڪرڻ هڪ شرعي ۽ مباح سيرت بلڪ مسلمانن ۾ رائج امر آهي، جيڪو هاڻي به موجود آهي. پر وهابي اهو عقيدو رکن ٿا ته پيغمبر ﷺجو ميلاد، ان ۾ قرآن مجيد جي تلاوت، رسول خدا ﷺ جن جي شان ۾ اشعار پڙهڻ ۽ مسلمانن کي کاڌو کارائڻ انهن ڪمن مان آهي جن کان منع ڪيو ويو آهي. ان باري ۾ ابن تيميه چوي ٿو:

عيدن جي موقعي تي جشن ۽ خوشي بدعت آهي، ان جو ڪوئي بڻ بنياد ناهي، سلف )گذريل وهابين(مان ڪنهن به ان ڏينهن ۾ اجتماعي طور تي عيد جي عنوان سان خوشي ناهي ڪئي ۽ نه ئي انهن ڏينهن ۾ اعمال انجام ڏنا، اهو عيسائين جو عمل آهي، اهي حضرت عيسيٰ عليه السلامجي ولادت تي خوشي ۽ جشن ملهائيندا آهن، يا يهودين کان ورتو ويو آهي. اهڙي طرح ميلاد النبيﷺ جيڪو عيسائين جي عمل سان شباهت رکي ٿو، يا پيغمبر اڪرم ﷺ جي احترام جو سبب آهي. جيڪڏهن اهو عمل خير محض خير هجي ها ته شرعي طور تي رجحان رکي ها، ته سلف ان جي برپا ڪرڻ تي وڌيڪ سزاوار هئا.[١]

---

١ اقتضاء الصراط المستقيم : ٢٩٤

محمد حامد الفقي ان باري ۾ اظهار نظر ڪندي چوي ٿو:
اولياءَ جي وفات جي ياد يا ان جي ولادت جي ڏينهن جشن ملهائڻ، اها انهن جي پوڄاشمار ٿيندي آهي ۽ هڪ طرح سان انهن جي عبادت ۽ تعظيم آهي.[١]

**وهابي ان ناجائز فڪر لاءِ ڪجهه روايتن جو سهارو وٺن ٿا:**

پهرين حديث: ابو هريره چوي ٿو: پيغمبر اڪرم ﷺ جن فرمايو: (لا تجعلوا بيوتكم قبورا ولا تجعلوا قبري عيدا و صلوا علي فان صلاتكم تبلغني حيث كنتم) [٢]

ترجمو: پنهنجي گهرن کي قبرون نه بڻايو ۽ منهنجي قبر کي عيد نه بڻايو، بلڪ مون تي درود پڙهو ان لاءِ ته مان جتي به آهيان توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو)

ٻئي حديث: پيغمبر ﷺ جن کان نقل ٿيو آهي ته پاڻ سڳورنﷺ قبر کي عيد قرار ڏيڻ کان منع ڪيو آهي.

## ان حديث تي اعتراض

واضح رهي ته ان حديث تي ڪجهه اعتراض ٿيا آهن:
پهريون: ميلاد پيغمبر گرامي ﷺجي جشن ملهائڻ ۽ عبادت ڪرڻ

---

١ الملل والنحل ٤ : ٣٢٠
٢ مسند احمد ٢ : ٣٦٧

۾ فرق آهي، چو ته عبادت ۾ ٽن عنصرن مان هڪ جو هجڻ ضروري آهي، ١. جنهن جي عبادت ڪئي وڃي اهو (معبود) هجي ان جي الوهيت جو عقيدو رکيو وڃي.

**٢: معبود جي رب هجڻ جو عقيدو رکيو وڃي.**

٣: **اهو عقيدو رکيو وڃي ته رب جا افعال خود معبود جي حوالي هجن.**

جڏهن ته انصاف اهو آهي ته جشن برپا ڪرڻ وارن مان ڪو به انهن عنوانن جو معتقد ناهي، بلڪه اهي پنهنجي ان عمل جي ذريعي پيغمبر ﷺ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪن ٿا ۽ ان محبت ۽ مودت جي اظهار جو حڪم قرآن مجيد ۾ ڏنو ويو آهي: جتي اهو فرمايو ويو: قُلْ إِن كَانَ آبَاؤُكُمْ وَأَبْنَآؤُكُمْ وَإِخْوَانُكُمْ وَأَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيرَتُكُمْ وَأَمْوَالٌ اقْتَرَفْتُمُوهَا وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَمَسَاكِنُ تَرْضَوْنَهَا أَحَبَّ إِلَيْكُم مِّنَ اللّهِ وَرَسُولِهِ وَجِهَادٍ فِي سَبِيلِهِ فَتَرَبَّصُواْ حَتَّى يَأْتِيَ اللّهُ بِأَمْرِهِ وَاللّهُ لاَ يَهْدِي الْقَوْمَ الْفَاسِقِينَ

ترجمو: اي پيغمبرﷺ) چؤ ته جيڪڏهن اوهان جا پيئر ۽ اوهان جو اولاد ۽ اوهان جا ڀائر ۽ اوهان جون زالون ۽ اوهان جا مائٽ ۽ اُهي مال جي اوهان ڪمايا آهن ۽ واپار جنهن جي بند ٿيڻ کان ڊڄو ٿا ۽ جايون جن کي پسند ڪريو ٿا سي اوهان کي الله ۽

سندس پيغمبر ۽ سندس واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ پيارا آهن ته (ايسين) ترسو جيسين الله پنهنجو عذاب آڻي، ۽ الله بي دين قوم کي (سڌو) رستو نه ڏيکاريندو آهي[1]

اهڙي طرح پيغمبر اڪرم ﷺ جن به ان جو حڪم ڏنو آهي ۽ فرمايو: (لا يوءمن احدكم حتى اكون انا و اهل بيتى احب اليه من نفسه) توهان مان ڪو به شخص ان وقت تائين صاحب ايمان نٿو ٿي سگهي، جيستائين پاڻ کان وڌيڪ مون سان ۽ منهنجي اهلبيتعليهم السلام سان محبت نه ڪندو.[2]

ٻيو: خود ابن تيميه جي بقول هر شيءِ ۾ اصل ان جو مباح هجڻ آهي، اهو چوي ٿو: (عادات ۽ رسوم ۾ اصل ان جو جائز هجڻ آهي پرهي ته خداوند متعاول طرفان نهي ڪئي وئي هجي[3])

ٽيون: اهو ته جيڪڏهن فرض ڪيو وڃي ته جشن ملهائڻ جي جواز تي ڪا روايت وارد نه ٿي آهي پوءِ به ان جي جواز تي هڪ مسلم دليل موجود آهي ۽ اها نص قرآني جي رو سان رسول خدا ۽ ان جي اهلبيت عليهم السلام سان محبت ۽ مودت ڪرڻ آهي، جنهن کي قرآن ۽ سنت ان محافل ۽ مراسم جي اصل قرار

---

١سوره توبه: ٢٤

٢ الدر منثور ١٥٧: ٤

٣مجموع الفتاويٰ ٤: ١٩٦

ڏنو ويو آهي ۽ اهو جشن ميلاد جي اجتماع سان محبت جي اظهار ڪرڻ جو مصداق آهي.

چوٿون: اهو ته ابن تيميه هر شيءِ جي حلال ۽ حرام هجڻ جو معيار سلف کي قرار ڏنو آهي، ڇا حقيقت ۾ قرآن ۽ سنت معيار آهن يا سلف جو عمل؟ ان کان وڌيڪ اهو ته اسان ڏسون ٿا ته خود سلف (وهابي) مختلف زمانن ۾ جشن ملهائيندا هئا.

## علماءَ جي اقوال جا نمونا

پنجون: اهلسنت جي عالمن جا اقوال جشن ڪرڻ جي باري ۾ مسلمانن جي سيرت کي بيان ڪري رهيا آهن، جن جي ڪجهه نمونن طرف اشارو ڪري رهيا آهيون.

١: قسطلاني (متوفي ٩٢٣ هه) چوي ٿو: مسلمان هميشه پيغمبر ﷺ جي ولادت جي مهيني ۾ جشن ملهائيندا آهن ۽ ڀين کي کاڌو کارائيندا آهن.

خدا جي رحمت هجي رسول خدا ﷺ جي ميلاد جي موقعي تي عيد ملهائڻ وارن تي جيڪي پنهنجي ان عمل سان بيمار دلين جي درد ۾ اضافو ڪندا آهن.[1]

٢: قاضي مڪه مڪرمه حسين بن محمد معروف به ديار بڪري (م ٩٦٦ هه) پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو: مسلمان هميشه ميلاد جي مهيني پيغمبر ﷺجو جشن ملهائيندا آهن، راتين جو طرح

---

[1] المواهب اللدنيه ١: ٢٧.

طرح جا صدقا ڏيندا آهن، ماڻهن کي کاڌو کارائيندا آهن ۽ خوشي جو اظهار ڪندي وڏيڪ حاجتمندن جي مدد ڪندا آهن ۽ ولادت جي مناسبت سان قصيده پڙهندا آهن ۽ هر زماني ۾ رسول خدا ﷺ کان ڪرامتون ظاهر ٿينديون آهن.[١]

ان موارد مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته مختلف زمانن ۾ مسلمانن جي درميان ان عمل تي اجماع ۽ اتفاق رهيو آهي.

ابن عباد چوي ٿو: منهنجي لاءِ واضح آهي ته مسلمانن جي عيدن مان هڪ پيغمبر ﷺ جي ولادت جو ڏينهن آهي ۽ ڪو به عمل جشن جي عنوان سان مباح آهي[٢].

٦٣٠هه ۾ ابو سعيد اربلي اهڙي جشن ۽ سرور کي محافل کي زنده رکڻ ۾سيني کان اڳيرو رهيو.

ٿورو غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته خود قرآن ڪريم به پيغمبر گرامي اسلام ﷺجي تعظيم ۽ تڪريم جو دستور صادر فرمايو آهي:

الَّذِينَ يَتَّبِعُونَ الرَّسُولَ النَّبِيَّ الأُمِّيَّ الَّذِي يَجِدُونَهُ مَكْتُوبًا عِندَهُمْ فِي التَّوْرَاةِ وَالإِنْجِيلِ يَأْمُرُهُم بِالْمَعْرُوفِ وَيَنْهَاهُمْ عَنِ الْمُنكَرِ وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبَاتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبَآئِثَ وَيَضَعُ عَنْهُمْ إِصْرَهُمْ وَالأَغْلاَلَ الَّتِي كَانَتْ عَلَيْهِمْ فَالَّذِينَ آمَنُواْ بِهِ وَعَزَّرُوهُ وَنَصَرُوهُ وَاتَّبَعُواْ النُّورَ الَّذِيَ

---

١ تاريخ الخميس ١: ٣٢٣

٢ المواسم و المراسم: ٢٢

أُنزِلَ مَعَهُ أُوْلَـٰٓئِكَ هُمُ ٱلۡمُفۡلِحُونَ

ترجمو: ۽ پڻ آخرت جي رحمت اُنهن لاءِ لکندس) جيڪي انهيءَ نبي اُمّي پيغمبر جي تابعداري ڪندا آهن جنهن جون وصفون توريت ۽ انجيل ۾ پاڻ وٽ لکيلون لهندا آهن، (اُهو) اُنهن کي چڱن ڪمن جو حُڪم ڪندو آهي ۽ مندن ڪمن کان اُنهن کي جهليندو آهي ۽ سٺيون شيون اُنهن لاءِ حلال ڪندو آهي ۽ پليت شيون مٿن حرام ڪندو آهي ۽ سندن ڳرو بار ۽ جيڪي تڪليفون مٿن هيون سي ڪاڻن لاهيندو آهي، پوءِ جن اُن تي ايمان آندو ۽ سندس تعظيم ڪئي ۽ کيس مدد ڏنائون ۽ اُنهيءَ نُور (ڪلام اللّٰه) جي تابعداري ڪيائون جيڪو ساڻس لاٿو ويو سي ئي ڇٽل آهن[1]

ان بنا تي ميلاد ۽ جشن جي محافل کي برپا ڪرڻ قرآني دستورآهي ۽ پيغمبر اسلام حضرت محمد ﷺجي تعظيم ۽ تڪريم جو مصداق آهي.

## ذکر ٿيل حديث تي اعتراض

اسان پهريان به بيان ڪري چڪا آهيون ته وهابي جشن ۽ ميلاد جي محفل کان منع ڪندا آهن پراهي ٻن حديثن سان استناد ڪندا آهن، پهرين حديث کي تحقيق بعد رد ڪيو ويو ۽ هاڻي ٻي حديث جو تحقيقي جائزو وٺون ٿاوهابين جو

---

[1] اعراف: ١٥٧

چوڻ آهي تہ رسول خدا ﷺ جن فرمايو: ( لا تجعلوا قبري عيدا) منهنجي قبر کي عيد نہ بڻايو.

## اها حديث ڪجهہ لحاظن کان اعتراض جوڳي آهي

١: احمد بن حنبل ان حديث کي هڪ ٻئي عبارت سان نقل ڪيو آهي تہ سهيل بن ابو صالح چوي ٿو: پيغمبر ﷺ جن فرمايو:

( اللهم لا تجعل قبري وثنا): خدايا منهنجي قبر کي بت قرار نہ ڏئي.[1]

قابل ذڪر آهي تہ ذهبي ان حديث جي سند تي بہ اعتراض ڪيو آهي.[2]

٢: اها حديث معنيٰ جي اعتبار سان صحيح نہ آهي، ان لاءِ تہ عيد جو تعلق هڪ خاص زماني ۾ آهي، جڏهن تہ قبر اسم مڪان آهي: جمعي جو ڏينهن عيد آهي، فطر جو ڏينهن عيد آهي، ان لحاظ کان جملو: منهنجي قبر کي عيد نہ بڻايو) ان دعوي جي اعتبار سان مناسبت نٿو رکي.

٣: ان حديث جي سند بہ ضعيف آهي، ان لاءِ تہ جنهن حديث ۾ لفظ (عيدا) آهي ان جي راوين مان هڪ عبدالله

---

١مسند احمد ٢: ٢٤٦

٢سير اعلام النبلاء ٤: ٤٨٤

بن نافع آهي، بخاري ان باري ۾ چوي ٿو: عبدالله بن نافع حفظ ڪيل حديثن مان جن ڪي نقل ڪندو هو ان مان ڪجهہ معروف ۽ ڪجهہ انڪارجوڳيون ۽ مجهول هونديون هيون.[1]

ابن حنبل، عبدالله بن نافع جي باري ۾ چوي ٿو: ( اهو هڪ ضعيف شخص هو، اهل نظر ۽ صاحب حديث نہ هو )[2]

ٻي روايت جنهن ۾ لفظ (وثنا) آهي ان جي راوين مان سهيل بن ابوصالح آهي. ان جي باري ۾ ابو حاتم جو چوڻ آهي: سهيل جي نقل ڪيل حديثن کي لکيو ويندو پر ان مان استناد نہ ڪيو ويندو.[3]

ٻئي طرف علماءِ اهلسنت ان حديث کي نقل ڪيو آهي منذري چوي ٿو: اها حديث انسان کي زيارت پيغمبر ﷺجي ڪثرت سان بجا آڻڻ جي ترغيب ڏئي ٿي ۽ چيو آهي: ائين نہ ٿئي تہ ڪيترن سالن ۾ بعض اوقات پيغمبرن جي زيارت ڪئي وڃي جهڙي طرح سال ۾ هڪ يا ٻہ ڀيرا عيد ايندي آهي ۽ ماڻهو جشن ملهائيندا آهن.[4]

---

١ التاريخ الڪبير شمارہ: ٦٨٧

٢ ميزان الاعتدال ٣: ٢٤٣، تهذيب الڪمال ١٢: ٢٢٣

٣ تهذيب التهذيب ٤: ٢٣١

٤ شفاء السقام: ١٧٧

سبڪي ان حديث جي باري ۾ چوي ٿو تہ: ان حديث ۾ اهو احتمال پاتو وڃي ٿو تہ رسول خدا ﷺ اهو فرمائي رهيا آهن تہ منهنجي زيارت لاءِ خاص وقت يا خاص زماني جي چونڊ نہ ڪريو (جهڙي طرح بعض مقبرن جيان عيد خاص ڏينهن زيارت ڪئي ويندي آهي.[١]

---

١ ساڳيو حوالو

# گريوءِ مجلسون

## گريو ۽ مجلس عزا ڪرڻ

تاريخ ۽ روايتون ٻڌائين ٿيون ته پيغمبر اڪرم ﷺ، صحابه ۽ تابعين ڪرام مرڻ واري ۽ شهداءَ تي گريو ڪندا هئا ۽ پين ڪي به نه صرف عزاداري جو موقعو ڏيندا بلڪه انهن کي ان عمل تي تشويق به ڪندا هئا، جهڙي طرح بيبي عائشه جن رسول اڪرم ﷺجن جي وفات تي پنهنجي منهن تي ماتم ڪيو.

البته پوري تاريخ ۾ به بزرگ محدثين جي فراق جي مصيبت ۾ به مجالس ڪئي ويندي هئي، جنهن جا ڪجهه نمونا هتي پيش ڪري رهيا آهيون.

اسامه بن زيد چوي ٿو: پيغمبر اڪرم ﷺپنهنجي ڌهٽي جي موت جي خبر ٻڌڻ بعد ڪجهه صحابه ڪرام سان پنهنجي ڌيءَ جي گهر پهتا، ميت کي هٿن تي کنيو، جڏهن ته اکين مان ڳوڙها جاري هئا ۽ ڪجهه ورد ڪري رهيا هئا.[١]

پيو نمونو احمد بن حنبل نقل ڪيو آهي:

جنگ احد کان پوءِ پيغمبر اڪرم ﷺجن انصار جي عورتن کي فرمايو جيڪي پنهنجي گهروارن تي گريو ڪري رهيون هيون.

**(و لڪن حمزه لا بواڪي له)**

راوي چوي ٿو: پيغمبر ﷺجن آرام ڪيو جڏهن اٿيا ته ڏٺو ته

---

[١] سنن نسائي ٤: ٢٢

عورتون ڀِريان حضرت حمزه تي گريو ڪري رهيون هيون.
ان باري ۾ ابن عبدالبر چوي ٿو: اها رسم اڄ تائين موجود آهي، ۽ ماڻهو ڪنهن مرڻ واري تي
گريو نه ڪندا آهن، پر اهو ته ڀِريان حضرت حمزه تي روئندا آهن.[1]
حاڪم نيشاپوري ان باري ۾ هن طرح نقل ڪيو آهي:
هڪ ڏينهن رسول خدا تشييع جنازه جي لاءِ ٻاهر آيا، جڏهن ته عمر بن خطاب به ساڻن گڏ هئا.
عورتن گريو ڪرڻ شروع ڪيو ته عمر انهن کي روڪيو ۽ سرزنش ڪئي. رسول خدا جن فرمايو:
(يا عمر دعهن فا العين دامعه و النفس مصابه و العهد قريب)
ترجمو:اي عمر انهن کي ڇڏي ڏئي بيشڪ اکيون روئڻ هارڪيون آهن دل مصيبت زده آهي ۽ گهڻو وقت به گذريو نه آهي[2]
انهن روايتن جي بنا تي واضح آهي ته اهو عمل سنت پيغمبر ﷺ ۾ حرام نه هو ۽ اهو عمر هو جنهن ان سنت جي پرواهه ڪرڻ بنا عورتن کي پنهنجن عزيزن تي روئڻ تان سرزنش ڪئي.

---

[1] الاستيعاب ١: ٣٧٤
[2] المستدرڪ علي الصحيحين ١: ٣٨١، مسند احمد ٢: ٤٤٤

## پيغمبر اڪرم ﷺ جي عملي سيرت

تاريخ ۾ سيرت اسان کي ٻڌائي ٿي ته پيغمبر اڪرم ﷺ جن پنهنجي فرزند ابراهيم، پنهنجي ڏاڏي حضرت عبدالمطلب عليه السلام، چاچي حضرت ابو طالب عليه السلام ۽ حضرت حمزه عليه السلام، پنهنجي جيجل ماءحضرت آمنه عليها السلام بنت وهب، حضرت علي عليه السلام جن جي امڙ حضرت فاطمه عليها السلام بنت اسد، عثمان بن مذعون ۽ ٻين جي وفات تي گريو ڪيو.

حضرت ابراهيم عليه السلام جن تي گريو ڪرڻ وقت پڇيو ويو ته: توهان ابراهيم تي روئي رهيا آهيو؟ فرمايو:

(تدمع العينان ويحزن القلب ولا نقول ما يسخط الرب)

**ترجمو: اکين گريو ڪندڙ آهن، دل غمگين آهي ۽ اسان اهڙي ڳالهه نه ڪندا آهيون جو خدا جي ناراضگي جو سبب بڻجي.**[١]

نقل ڪيو ويو آهي ته جڏهن عثمان بن مظعون جو انتقال ٿي ويو ته پيغمبر ﷺ جن ان جي ميت کي بوسو ڏئي گريو ڪرڻ لڳا[٢]

### صحابہ ڪرام ۽ تابعين جي سيرت

صحابہ ڪرام ۽ تابعين جي به سيرت اها ئي رهي آهي ته پنهنجي عزيزن جي موت تي گريو ڪندا هئا.

---

١عقد الفريد ٣: ١٩، سنن ابن ماجہ ٥٠٦: ١

٢المستدرڪ عليٰ الصحيحين ١: ٥١٤

هڪ روايت ۾ نقل ٿيو آهي:
جڏهن امير المومنينعليه السلام جن کي مالڪ اشتر جي شهادت جي خبر ملي ته ڳالهائڻ دوران فرمايو:
(علي مثله فلتبڪ البواڪي)[١]
روئڻ وارن جي لائق مناسب اهو آهي ته اهڙن تي گريو ڪن
عباد چوي ٿو:بيبي عائشه جن فرمائينديون هيون: پيغمبر اڪرمصلي الله عليه وآله وسلمجي رحلت وقت مون انهن جي سر مبارڪ کي وهاڻي تي رکيو ۽ ٻين عورتن سان گڏجي سينو ۽ منهن پٽيو.[٢]
عثمان چوي ٿو: جڏهن مون عمر کي نعمان بن مقرن جي وفات جي خبر ڏني ته انهن پنهنجي هٿ کي مٿي تي رکيو ۽ گريو ڪيو.[٣]
جڏهن محمد بن يحيٰ ذهلي نيشاپوري جن احمد ابن حنبل جي وفات جي خبر ٻڌي ته چيو: مناسب آهي ته تمام اهل بغداد پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ نوحا خواني ۽ مجلس برپا ڪن.

---

[١] سير اعلام النبلا ٤: ٣٤، الڪامل في التاريخ ٣: ٢٢٧

[٢] سير النبوه ٦: ٧٥، مسند احمد ٦: ٢٧٤

[٣] المستدرڪ عليٰ الصحيحين ٣: ٣٣٢، المصنف لابن ابي شيبه ٣: ٤٥، مسند احمد ٢٧٤: ٤، السيره النبويه ٧٥: ٦

# ڳهڻين ۽ چوڪن تي عزاداري

ڳهڻين ۽ رستن تي عزاداري ڪرڻ انهن امورن مان آهي جيڪو مسلمانن ۾ رائج آهي.

نسفي چوي ٿو: مون اهلسنت جي حافظ بزرگ ابو يعلي عبدالمومن بن خلف (ت ٣٤٦ هہ) جي جنازي ۾ شريڪ هئس تہ اوچتو چار سئو طالبعلمن جي روئڻ جي آواز گونجي.[1]

**ذهبي چوي ٿو: جويني ٢٥ ربيع الثاني ٤٧٨ هہ ۾ وفات ڪئي. ماڻهن ان جو منبر ٽڪر ٽڪر ڪري تبرّڪ طور ڪٽي ويا. ان جي سوڳ ۾ دڪان بند ڪيا ۽ مرثيا پڙهيا.ان جا چار سئو شاگرد ها جن ان جي جدائي ۾ قلم ۽ مس ڀڃي ۽ ان جي لاءِ عزا برپا ڪئي. انهن هڪ سال جي لاءِ عمامہ لاهي ڇڏيا ۽ ڪنهن کي جرئت نہ هئي تہ مٿي کي ڍڪي، طلاب شهر ۾ گهمندي ڦرندا نوحا ۽ فرياد ۽ روئڻ ۾ مشغول رهيا.**[2]

ان بعد افڪار ابن تيميہ جو پروردہ ذهبي نرم زباني ۾ لکي ٿو: اهڙا اعمال اعجمين جي رسمن ۾ آهن ۽ سنت نبوي جي پيروي ڪرڻ وارا علماءَ اهڙا عمل انجام نہ ڏيندا آهن.

پر اهي ئي بن جڳهن تي ٣٥١ هہ ۾ معز الدولہ جي دور حڪومت بغداد ۾ امام حسين عليہ السلام جي عزاداري جي

[1] سير اعلام النبلاء ١٥: ٤٨٠، تاريخ ابن عساڪر ١٠: ٢٧٢

[2] سير اعلام النبلاء ٤٦٨: ١٨، تاريخ بغداد ٩٣، وفيات الاعيان ٣: ١٤٩

سلسلي ۾ بازارون بند ٿيڻ ۽ ماٺهو مٿي ۽ سيني تي ماتم ڪندي وغيره جي باري ۾ ڪيني جي بنا تي بي شرمي سان چوندا آهن:

(خدايا اسان جي عقلن کي مضبوط ڪر)[1]

**اهو امر روشن آهي ته ذهبي جو اهو جملو تعصب کانسواءِ ڪجهه نه آهي،**

ان لاءِ اهلسنت جي علمائن ان کي جواب ڏنو. علماءِ اهلسنت مان سبڪي، ذهبي جي جواب ۾ چوي ٿو: نه امام پاڻ اهڙا اعمال انجام ڏنا ۽ نه ئي وصيت ڪئي ته ان جي مرڻ بعد اهو ڪيو وڃي، پر اهي ان قدر بزرگ شخصيت هئي، جو ان جي شاگردن کان ان جي مصيبت برداشت نه ٿي سگهي.[2]

تعجب آهي سبڪي تي! ڪيئن امام جويني جي ڳالهه آئي ته ذهبي کي محڪوم ڪيو، پر جوانان جنت جي سردار امام حسين بن علي عليه السلام جي عزاداري جي باري ۾ ان جانبداري اختيار ڪئي نه ته سبڪي ۽ نه ان جي ٻين علمائن مان ڪنهن نه ڪنهن طرح رد عمل ظاهر ڪيو.

---

١ العبر ٣: ٨٩، تاريخ الاسلام: ١١، حوادث سال ٣٥١ هه

٢ طبقات الشافعيه ،سيوطي ١ : ٢٥٤

خالد ربعي عمر بن عبدالعزيز جي عزاداري جي باري ۾ چوي ٿو:
تورات ۾ بيان ٿيو آهي تہ عمر ابن عبدالعزيز جي موت تي چاليهہ ڏينهن تائين زمين ۽ آسمان گريو ڪندا.

# امام حسين عليہ السلام جي عزاداري

ابن ڪثير (البدايہ و النهايہ) ۾ لکي ٿو:

ملڪ ناصر (حاڪم حلب) جي زماني ۾ اها درخواست ڪئي وئي تہ روز عاشورا ڪربلا جي مصائب بيان ڪيا وڃن. سبط بن جوزي منبر تي ويہ ڪافي دير تائين خاموشي بعد عمامو مٿي تان لاهي ۽ شديد گريو ڪيو ۽ پوءِ اهي اشعار پڙهيا:

والصور في نشر الخلائق ينفع　　ويل لمن شفعاء خصمائه

و قميصها بدم الحسين ملطخ　　لابد ان ترد القيامه فاطم

افسوس آهي انهن تي جن ميدان محشر ۾ شفاعت ڪرڻ وارن تي ظلم ڪيو جڏهن صور ڦوڪيو ويندو تہ سيده فاطمہ عليها السلام روز قيامت ضرور پنهنجي فرزند جي خون ۾ لٿڙيل قميص کڻي ميدان محشر ۾ هونديون.

اهو چئي منبر تان لٿو ۽ پنهنجي رهائشگاهہ ڏانهن هليو ويو.[١]

واضح روايات ۽ تاريخي شواهد جي روشني ۾ مجالس، ماتم ۽ سوڳواري، نوحا خواني، گريو ۽ عزاداري، عزيزن جي جدائي ۾ بيتابي، منهن ۽ سيني تي پٽڻ، دڪان بند رکڻ ۽ غم جون پيون علامتون پوري تاريخ مسلمين ۾ رائج رهيون آهن.

---

١البدايہ والنهايہ ١٣: ٢٠٧

## مئلن تي روئڻ

جيڪي ماڻهو مردن تي روئڻ کي حرام سمجهندا آهن اهي ان حڪم تي ڪجهه دليلون پيش ڪن ٿا:

اول: اها حديث جيڪا عمر، عبدالله بن عمر ۽ ٻين کان نقل ٿيون آهن، جن جو مفهوم هي آهي: (عزيزن جي گريي ڪرڻ تي مردي تي عذاب نازل ٿيندو آهي)[١]

پر بعض روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته راوي نقل ڪندي وقت اشتباهه ڪيو آهي يا بطور ڪلي روايت جي متن کي وساري ويٺو آهي.

ابن عباس چوي ٿو: عمر جي وفات کانپوءِ جڏهن اها حديث عائشه جي سامهون پيش ڪئي وئي ته فرمايو: خدا جي رحمت هجي عمر تي، خدا جو قسم! رسول خدا ﷺ جن اهڙي ڪا ڳالهه نه چئي، بلڪ فرمايو: (ان الله ليزيد الكافر عذابا ببكاء اهله)

**بيشڪ خداوند متعال ڪافر جي گهروارن جي روئڻ سبب ان تي عذاب وڌائيندو آهي.**

ان بعدبيبي عائشه فرمائن ٿيون: (ولا تزر وازرة وزر اخرى)

ترجمو: ۽ ڪو ٻيو شخص ڪنهن جي گناهن جو بوجهه نه کڻندو)[٢]

---

١جامع الاصول ١١: ٩٩، ح ٨٥٧، السيره النبويه ٣١٠: ٣، سنن ابن ماجه ٥٠٦: ١، ح ١٥٨٩

٢سوره فاطر: ١٨

عبدالله ابن عمر به اتي موجود هئا، ان بيبي عائشه جي جواب ۾ ڪجهه نه چيو.[1]

هڪ ٻئي روايت ۾ بيان ٿيو آهي ته جڏهن عبدالله بن عمر جي اها روايت بيبي عائشه جي سامهون نقل ٿي ته فرمايو: خدا وند متعال عبدالله بن عمر کي بخشي، ان ڪوڙ نه چيو، بلڪه يا اهو وساري ويٺو آهي يا نقل ڪرڻ ۾ اشتباهه ٿيو آهي.

جڏهن رسول خدا ﷺ هڪ يهودي عورت جي قبر وٽان گذري رهيا هئا ته ڏٺو ان جا رشتيدار ان تي روئي رهيا هئا ته فرمايو:

(انهم ليبڪون عليها وانها لتعذب في قبرها)

اهي ان تي روئي رهيا آهن، جڏهن ته قبر ۾ ان تي عذاب ٿي رهيو آهي.

## روايتن جي ڪجهه توجيهه

علماءِ اهلسنت ان باري ۾ هن روايت جي توجيهه بيان ڪندي چيو آهي: ان احاديث جي معنيٰ اها آهي ته روئڻ دوران اهڙيون صفات ۽ خصوصيات جو ذڪر ڪندا آهن، جيڪي شريعت ۾ حرام آهن، مثال طور چوندا آهن: اي گهرن کي ويران ڪرڻ وارا، اي عورتن کي بيوهه ڪرڻ وارا، وغيره.

ابن جرير، قاضي عياض ۽ ٻين ان روايت جي توجيهه ۾ چيو آهي ته: رشتيدارن جو گريو ٻڌڻ سان ميت جو دل سڙندو آهي ۽ اهو

---

[1] المجموع ٥: ٣٠٨، صحيح بخاري ١: ٤٣٢

غمگين ٿيندو آهي.
وڏيڪ هڪ توجيهہ بيبي عائشہ کان نقل ٿي جو انهن ان حديث جي معنيٰ ۾ بيان فرمائي آهي تہ جڏهن رشتيدار گريو ڪندا آهن تہ ڪافر يا غير ڪافر تي ان جي گناهن سبب عذاب ٿيندو آهي، نہ ڪي عزيزن جي گريو ڪرڻ سان.[1]
علامہ مجلسي رحمہ اللہ ان باري ۾ (بحار الانوار) ۾ لکن ٿا:
ان حديث ۾ حرف (باء) مع جي معنيٰ ۾ آهي، يعني جڏهن ميت جا رشتيدار ان تي گريو ڪندا آهن، اهو پنهنجي اعمال سبب عذاب ۾ گرفتار ٿيندو آهي.[2]
دوم: ميت تي گريو ڪرڻ جي حرمت تي ٻي دليل اها روايت آهي جيڪا متقي هندي بيبي عائشہ کان نقل ڪئي آهي، انهن فرمايو:جڏهن پيغمبر اڪرم صلی اللہ علیہ والہ وسلمکي جعفر بن ابي طالب، زيد بن حارثہ ۽ عبداللّٰہ رواحہ جي شهادت جي خبر پئي تہ چهري مبارڪ تي غم جا آثار طاري ٿيا، مان دروازي جي سوراخ مان ڏسي رهي هيس، اوچتو هڪ شخص آيو ۽ عرض ڪيو: يا رسول اللّٰہ صلی اللہ علیہ والہ وسلم عورتون جعفر تي گريو ڪري رهيون آهن.
رسول خدا صلی اللہ علیہ والہ وسلم جن فرمايو: ﴿فارجع اليهن فاسكتهن، فان ابين فاحث

---

[1] المجموع ٥: ٣٠٨
[2] بحار الانوار ٧٩: ١٠٩

في وجوههن﴿افواههن﴾التراب)[1]

انهن وٽ وڃ ۽ انهن کي خاموش ڪراءِ بس اگر اهي انڪار ڪن ته انهن جي منهن تي مٽي اڇلاءِ.

اها روايت ڪجهه لحاظن کان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي رسول خدا ﷺ جن مرڻ وارن ۽ شهداءَ تي گريو ڪرڻ ۽ ماڻهن کي به ان جي ترغيب ڏياري آهي، حمزه ۽ جعفر وغيره تي گريو ڪرڻ ۽ جڏهن حضرت عمر عورتن کي گريو ڪرڻ کان منع ڪيو: فرمايو: انهن کي ڇڏي ڏي، اکيون گريو ڪندڙ آهن ۽...........)[2]

ان حديث جي راوين مان هڪ محمد ابن اسحاق بن يسار بن خيار آهي، جنهن جي باري ۾ علماءِ رجال ۾ مختلف نظريات ورتا ويندا آهن. ابن نمير چوي ٿو: اهو مجهول آهي ۽ باطل احاديث کي نقل ڪندو آهي.

احمد بن حنبل چوي ٿو: ابن اسحاق احاديث ۾ تدليس ڪندو هو ۽ ضعيف حديٿن کي قوي ظاهر ڪندو هو.

سوم: گريي جي حرام هجڻ تي ٽئين دليل حضرت عمر جو عمل آهي: نصر بن ابي عاصم چوي ٿو: هڪ رات عمر مديني ۾ عورتن جي گريو ڪرڻ جي صدا ٻڌي ته ان تي حملو ڪيو ۽ ان عورتن مان هڪ عورت کي تازيانه هنيام ايستائين جو ان جا

١ ڪنزل العمال ١٥: ٧٣٢، المصنف لابن ابي شيبه ٣: ٢٦٥

٢سنن نسائي ٤: ٩١، مسند احمد ٣: ٣٣٣، المستدرڪ علي الصحيحين ١: ٣٨١

وار ڪلي ويا، ماڻهن چيو: ان جا وار ظاهر ٿي ويا آهن، چيو: ان جو ڪو احترام ناهي،[١] ان روايت ۾ ڪجهه لحاظ کان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي.

**١:** حضرت عمر ان گهر تي حملو ڪيو، جنهن ۾ نامحرم عورتون موجود هيون [٢]۽ پوءِ ان ناگوارواقعي جو تڪرار سائڻ زهراءؑ جي گهرتي حملو ڪري ڪيو)[٣]

**٢:** ڇا حضرت عمر جو عمل حجت آهي؟ اهو معصوم آهي؟ جڏهن ته ڪنهن به اها دعويٰ ناهي ڪئي ته اهو معصوم آهي. امام غزالي ابوبڪر ۽ عمر جي قول جي حجيت کي بي اساس قرار ڏنو آهي ۽ چيو آهي ته بي بنياد قانونن مان پيو قانون قول

---

١ تهذيب الڪمال ١٦: ٧٠

٢ڪنز العمال ٥: ٧٣١، المصنف عبدالرزاق ٣: ٥٥٧ ح ٦٦٧٢

٣ خانه وحي اهو گهر آهي، جنهن ۾ حضرت فاطمه عليها السلام موجود هئي، انهن تي حملي جي تائيد ان ڳالهه مان ٿئي ٿي ته ۽ پوءِ پنهنجي عمل جي باري ۾ چيو آهي ته ان عورتن جو ڪو احترام ناهي، ڇا ان جو مطلب هي ناهي ته اهي عورتون مسلمان نه آهن! يا پوءِ مجيٺو پوندو ته عمر ان جي حرمت جو ڪو خيال نه رکيو؟ عبدالرحمان بن عوف چوي ٿو: مان ابوبڪر جي عيادت جي لاءِ ويم، ته چوڻ لڳو: اي ڪاش مان ٽئي ڪم انجام ڏنا نه هجن ها، اهي ٽئي ڪم ڪهڙا آهن؟

١ فاطمه عليها السلامجي گهر جي حرمت پائمال نه ڪئي هجي ها ۽ ان کي ان جي حال تي ڇڏيو هجي ها، ان روايت کي ڪيترن ئي اهلسنت جي علماءَ نقل ڪيو آهي، جن مان ابن ابي شيبه المصنف ٢: ٥٧٢، بلاذري به انساب الاشراف ١: ٥٨٦، طبي به پنهنجي تاريخ ٢: ٤٤٣، ابن عبدالبر استيعاب ٣: ٩٧٥ وغيره ۾ نقل ڪئي آهي.

المستصفي ١، ٢٦٠، دراسات فقيه في مسائل خلافيه: ١٣٨

صحابي جو حجت هجڻ آهي، بعض چون ٿا: صحابي جي راءِ ڪلي طور تي حجت آهي ۽ بعض چون ٿا: صحابي جي راءِ جيڪڏهن قياس جي مخالف هجي ته حجت آهي وغيره.

ان بعد غزالي چوي ٿو: اهي سب قول باطل آهن، ڇو ته جيڪو شخص عصمت نٿو رکي ۽ اهو ان جو عمدايا سهوا اشتباهه جو احتمال موجود هجي ته ان جو قول ڪنهن به طرح حجت نٿو ٿي سگهي.

٣: اهي موارد جن ۾ خليفه جي راءِ سنت ۽ قول رسول خدا ﷺ جي سراسر مخالف آهي ، انهن مان نه هئي

اها به روايت آهي ته رسول خدا ﷺ جن عمر کي فرمايو: اي عمر، انهن عورتن کي ڇڏي ڏي.[1]

۽ اهڙي طرح بيبي عائشه جو قول آهي:

(خدا رحمت ڪري عمر تي يا ته وساري ويٺو آهي يا ان قول کي نقل ڪرڻ ۾ غلطي ڪئي آهي.

جيڪو ڪجهه بيان ڪيو ويو آهي، انهن دليلن جو خلاصو آهي، جيڪي وهابين جي دعوائن کي رد ڪرڻ لاءِ بيان ڪيون ويون ۽ اسان ان ئي مقدار تي اڪتفا ڪريون ٿا، ان جيڪو شخص ٻڌڻ وارا ڪن رکي ٿو ۽ محققن واري نگاهه رکي ٿو، ان لاءِ اهو ئي ڪافي آهي.

---

[1] مسند احمد ٣ : ٢٣٣

الحمد الله رب العالمين

**سيد احمد علي نقوي**

Naqvi٠٠٤٢٠٠٣@yahoo٠com

www.hujjat١٤.com

www.alhujjat١٤.com

**حجت مشن پاکستان**

## سورة فاتحہ براءِ ايصال ثواب

١ قبلا مرحوم علامہ غلامہ مهدي نجفي اعليٰ الله مقام وشهيد عارف حسين الحسيني
٢ قبلا مرحرم علامہ عباس علي نجفي وزوار مرحوم خادم حسين ڳچل
٣ قبلا مرحوم ڏاڏو راهب علي شيخ
٤ شهيد جاويد حيدر نقوي و شهيد اشفاق وشهداءِ نيڙهي
٥ شهيد بدر الدين ميكو
٦ مرحوم زوار سيد طاهر حسين شاهہ موسوي وآغا زوار حسين
٧ والد ووالدہ مرحوم مولانا سيد محمد مـثل شاهہ نقوي
٨والد مرحوم مولانا سيد محمد عالم شاهہ موسوي
٩ مرحوم واحد بخش جسكاڻي
١٠ مرحوم امام بخش امامي
١١ مرحوم مولانا مجاهد حسين
١٢مرحوم زوار خان محمد وزوجہ آن ، مرحوم زوار صاحبڏنو سروهي ، مرحوم قلندر بخش سروهي
١٣والدہ محترم زوار غلامہ علي سروهي وزوجہ مرحوم آن ، والدہ محترم زوار فدا حسين سروهي ،
١٤ مرحوم زوار الله بخش وامام بخش ميراڻي
١٥ مرحوم زوار اقبال احمد سهتو
١٦ مرحوم لالا اسرار احمد مغل
۽ تمام مرحوم مومنين ۽ مومنات ........................................

## حجت مشن پاكستان